
رام

اڙي رام، تنھن جون صورتون جي ڏسان ٿو، سو تون آھين.
روشنيءَ ۽ شان سان سڀني دنيائن ۾ قائم آھين.
اڙي رام، سج جو مٿي چمڪي رھيو آھي سو تون آھين.
اڙي رام سج چنڊ تارا جي آڪاس سينگاري رھيا آھن سي تون آھين.
اڙي رام، حياتي، جا سڄو جڳت پوري ويٺي آھي سا تون آھين.
جا ھن ڦرندڙ سرشٽيءَ کي پنھنجي ڏوري ۾ پيئون ڊوڙائين.
اڙي رام تڪريون تنھن جي ايشوري روپ ۾ آھن.
آتاه پاڻي جي وھن پيا، لھرون ھڻن پيا ۽ چمڪن پيا تن ۾ تون آھين.
اڙي رام، روشني جا جھنگلي بيابان ۾ ڏسجي ٿي سا تون آھين.
وڻن ۾، ٻوٽن ۾ ۽ نرم ساوڪ ۾ تون ئي آھين.
اڙي سڀ حياتيون تنھن جي ايشوري روشنيءَ جو ڀاڱو آھن.
تون پريم، آنند ۽ طاقت آھين سڀ ڪي سڀ تون ئي آھين.

— اوم —



فقط هڪ ئي اجهو

اڙي رام! تون مونکي تو اجهو ڏين،
تون آهين منهنجو پيارو، منهنجي حياتي، تو مونکي هلائين
مان تو ۾ آهيان، تون مون ۾ آهين،
تحقيق پتا ماتا، منهنجو تون آهين.

تون حياتي آهين جو سڀ ۾ پيو وسين،
سڀني شين ۽ حياتين ۾ پيو تون رهين،
تون وڏي ۽ ننڍي جي حياتي آهين،
منهنجا دوست ۽ پاڪ شل تون مون ۾ رهين.

تنهنجا ڪنول چرڻ هردم منهنجي خيال ۾ آهن،
تنهنجي ايشوري جوت منهنجا سپنا آهن،
تنهنجون شيوائون منهنجي قسمت ۾ آهن،
منهنجو ڏن، نام ۽ مشهوري تو ۾ ئي آهن.

اڙي رام! ڪهڙي نه موهيندڙ آواز جي آهي تار،
اڙي چت! رام رام جو ڪريو اُچار،
اڙي من! رام رام جو ڌيان ڌار،
هن ۾ - هن ۾ پاڻ کي تون وسار.

ڀڄن

اوم سري رام

پريم آهستي پنهنجو متو ڏريو،
روشنيءَ چمڪائيءَ سان چوڌاري ڇيو،
آنند خوشيءَ جو آواز ڪيو،
صلح سڀني تي برڪت وجهڻ آيو.

پريم نرمائيءَ سان اکيون کوليون،
روشنائي آهستي وچڙي سان ڏوڏيون،
آنند ٽپا ڏنا، قربو ٻوڙون ٻا ٽيون،
صلح سڀني مٿان مشڪون وڌيون.

رام- خوش مزاج پريم جي ساڻ،
رام- روشنيءَ جي جهلڪ ساڻ،
رام- برڪت واري اوجاڻ،
رام- سڀ مٿان صلح آڻ.

رام آهي هڪڙو امبرت جو تلاءُ. امبرت، جو روشنيءَ پريم ۽ آنند جو ڀريل آهي. انهيءَ امبرت جي ڪوهه ۾ ٽبي هڻ. هميشه وچ ۾ تر، نچ ۽ پلي ته انهيءَ ۾ پاڻ کي ٻوڙ. اوم سري رام.

*　　　*　　　*

رام آهي سڳند جو انداز، جو روشني، پريم ۽ آنند جو ڀريل آهي. اڙي رامداس! هن امبرت جي لهر سان هڪ ٽبي وجهه، ٽبي هڻ، رانڌ ڪر، نيڪ ٽپا ڏي ۽ پاڻ کي اُن ۾ گم ڪر. اوم سري رام.

*　　　*　　　*

رام انبلت آهي، جا روشني، پريم ۽ آنند جي ڀريل آهي. اڙي رامداس! هن رنگين آسمان ۾ نظر ڇهتاءِ، پاڻ کي ڳنڍ، پساءِ، گڏجي وچ ملڪ پاڻ کي هن سان هڪ ڪري سمجهه. اوم سري رام.

*　　　*　　　*

رام آهي سريلو راڳ، جو روشني، پريم ۽ آنند سان ڀريل آهي. اڙي رامداس! هن ڦوهاري جو جوش ڀريو پاڻي پيءُ، ليٽ، ڏڪ، جاڳ ملڪ انهيءَ نهي ۾ مرو. اوم سري رام.

*　　　*　　　*

آهي، تڪار اوديا آهي. ڀرم ڇسنالي آهي، تڪار موڪالي آهي. ڀرم سرڳ آهي، تڪار نرڳ آهي. ڀرم ڀڳوان آهي ۽ تڪار مايا آهي. اوم سري رام.

* * *

اڙي ماڻهوا

ڪٿي آهي ملاپ - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڪوڙاڻ - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي خوشي - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي دک - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي روشني - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي اونده - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڀرم - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي تڪار - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي گرمي - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي سردي - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڀلائي - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي برائي - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي سچ - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڪوڙ - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڏاهپ - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي اوديا - اها ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڀهشت - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي دوزخ - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي ڀڳوان - اهو ته تو ۾ آهي.
ڪٿي آهي مايا - اها ته تو ۾ آهي.

اوم سري رام.

* * *

ڪيڏو نه نرم، ڪيڏو نه مهر وارو، ڪيڏو نه سچو، ڪيڏو نه
طاقت ڏيندڙ، ڪيڏو نه ٺاريندڙ، ڪيڏو نه جڳ ۾ ڪيڏو نه جٽاءُ
ڪندڙ. اڙي رام لڀڻجو ٻانهو لڀڻدو آهي، لڀڻجو، لڀڻجو.
لڀڻجو آهي هيءُ ٻار هميشه واسطي، هميشه واسطي، هميشه واسطي.
اوم، اوم، اوم، سري رام.

* * *

مٺي ۾ وڌيڪ مٺي خيال پيو چڙهي جيستائين ته هو
الک ۾ گم ٿيو وڃي. وڌيڪ اونهو، وڌيڪ اونهو خيال عمق
۾ وڙندو ٿو وڃي جيستائين هو اڌ ماڳ ۾ گم ٿي وڃي ٿو.
وڌيڪ ويڪرو، وڌيڪ ويڪرو خيال پکڙجي ٿو تان هو هو
اڻ ڳولهڻي ۾ گم ٿيو وڃي. وڌيڪ سوڙهو، وڌيڪ سوڙهو
خيال (مسدو) گهٽ ٿيندو وڃي ٿو تان جو هو اڻ سوچيءَ
۾ گم ٿو وڃي. اوم سري رام.

* * *

پريم دل کي ويڪرو ڪري ٿو ۽ ڌڪار کي گهٽائي ٿو.
پريم کان وڌيڪ ڪجهه مٺو نه آهي. ڌڪار کان وڌيڪ ڪوڙو
ڪجهه ڪين آهي. پريم سياوڪ آهي ۽ ڌڪار اسياوڪ
آهي. پريم ٺاهي ٿو ۽ ڌڪار ناس ڪري ٿو. پريم جو نظارو
موهيندڙ ۽ ٺاريندڙ آهي. ڌڪار جي شڪل ۾ ڏک وارو
بيابان آهي. پريم ايڪتائي آهي. ڌڪار وڳوڙ آهي. پريم
روشني آهي، ڌڪار اونده آهي پريم آنند آهي، ڌڪار
[illegible]ائي (ڪمبختي) آهي پريم ڀلائي آهي، ڌڪار مرت
[illegible] پريم پورڻتائي آهي، ڌڪار اپورڻتائي آهي پريم
[illegible]، ڌڪار جدا ڪري ٿي پريم سونهن آهي، ڌڪار
[illegible]. پريم تندرستي آهي، ڌڪار مرض آهي. پريم
[illegible] آهي، ڌڪار بي سُر آواز آهي. پريم ڏاهپ

آهي. خود تنهنجي حياتي به رام سان ويڙهيل آهي. اڙي
رام! تون رامداس جو ٻار ٻه نشچو اڻ ٽٽندڙ ڪر. هميشه
ٻڪو ۽ ٻورن ڪتل. سڀ رامداس جا خيال ڪر ۽ گفتا سدا
تو مان نڪرن. تنهنجي حڪم هيٺ. تنهنجي ٽالي ۽ فقط تنهن
جي صدقي. رامداس پنهنجي خود شخصيت توسان ملائي ڇڏي.
هن کي پنهنجي جڳهه ٻڌاء يا تون هنجي جڳهه اڇ. هڪ ٻئي ۾
هميشه گڏيل هجو. هڪڙي ٻل جي به جدائي نه ٿئي. گڏيل،
ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي هڪ ٿي وڃي هميشه، ۽ هر هميشه لاء.
اڙي رام! تون طاقت وارو آهين، تون ٻريم آهين، روشني تون
آهين، آنند تون آهين، اصل وڏو سچ تون ئي آهين. تنهنجو
ٻانهون توکي ٻرارٿنا ڪري تو، توکان دعا پني تو، توکان روئي
گهوري تو، تو وٽ رودن ڪري تو، تو اڳيان ڏنڊوت ڪري
تو. اڙي رام پنهنجي ٻانهي تي رحم ڪر، هن کي اصل پنهنجو
ڪر. رام، ٻرڪت ڏي، پنهنجي ٻانهي تي ٻرڪت وجهه. پنهنجي
ٻانهي تي ٻرڪت وجهڻ آهي دنيا تي ٻرڪت وجهڻ. پنهنجي
ٻانهي کي ٻيار ڪرڻ، آهي دنيا کي ٻيار ڪرڻ. اڙي رام،
اڙي اپار ٻريم، رامداس جي هستيءَ ۾ اصل گهڙي وڃ ۽ وڃي
رهه ۽ پنهنجي روشني، ٻريم ۽ آنند اُن ۾ پکيڙ. اوم سري رام.

* * *

اڙي رام! هڪڙي ٻرهه ڦٽي آهي. رامداس جي دل ۾
ڀڪندڙ ٻرهه ڦٽي ٿي آهي. انهي ۾ روشني جي ٻوڏ آهي.
ٻريم جي جهلڪ آهي، آنند جو ساگر آهي. ٻورنتا اُتي رهي
جتي رام آهي. هو گهوري تو نه سڀ خرابي اُتي ٻڄي ٿي. سڀ اُپري
تو نه سڀ اولاده گم ٿي وڃي ٿي. اڙي رام، ڪهڙو نه شان
مان تنهنجو آهي. جنهن ٻل ۾ توکي ٻرارٿنا ڪجي ٿي، تون
ڌيان ڏين تو ۽ اڳهائين تو! اڙي ماتا تنهنجي ڪيڏي نه مهرباني
آهي. ڪهڙو نه سٺو تنهنجو ٻريم آهي، ڪهڙي نه سوکيم،

اڙي رامداس! مٽي جڙه، مٽي جڙه. سڀئي مٽان اڏام،
آسمان ڏي اڏام. جيڪا روشنائيءَ جي بوند، عاليشان سج
مان نڪري ٿي تنهن سان ملي وڃ. پل نه ٿو ڪي صاف سوڪير
هوا مٿي جو ڏاري گهرو ڪري رهي. پل نه آسمان جي خود
جوتي ٿو ڪي ڳجهڪائي چڙهي. توه رامداس تون ڪٿي هوندين؟
رامداس نه ڪٿي ڪين آهي. رامداس هميشه فقط جريان ٿي
آهي، هوا وانگر هو ڪي به ڪين آهي. سچ، وڏو سچ رام، ٿو ڪي
ڳجهڪائي ويو آهي ۽ تون هاڻي نه آهين، نه آهين، نه آهين.
اوم سري رام.

* * *

اڙي رامداس! پنهنجي ساوڪ سان هڪ ٿي وڃ. روشنائيءَ
جي تجلي ۾ محو ٿي وڃ. ٽڪرين جي ڏند سان ڳنڍجي وڃ.
هوا جو لڳڻ ٿيءُ. هاڻي هر رڪ ٿي ڪرن ٿا. اڙي رام!
سڀ تنهنجي وڏائي آهي. هاڻي ڀاڻ وسامي ٿي. آسمان جي
نيلي جي سانت، چاڙ ۽ شانتيءَ جي جادوءَ سان ڀرپل آهي،
سا رام جي مهناج سان ڀرپل آهي. چوڌڪو، چوڌڪو، مڪتي
تنهنجو نالو آهي. اوم سري رام.

* * *

اڙي رام! تنهنجو ٻانهو سچو ٿي تنهنجي حفاظت هيٺ
آهي. تون ٿي فقط هن جو اڇو آهين. سڀڪنهن چيز واسطي
هو تولي ڀروسو رکي ٿو. هروقت تنهنجو مٺو نالو هنجي خيالن
۾ رهي. اڙي رام! رامداس جو من صاف ڪر. سڀ خرابيءَ
۽ اڻلائق خيالن کي ڌوئي صفا ڪر. اڙي رام! رامداس
تنهنجو آهي. اهو ياد رک، رامداس، نه تون فقط رام
واسطي جيئين ٿو. ايءَ ڪنهن به چيز واسطي يا ڪنهن به مقصد
واسطي نٿو جيئين. رام ٿي تنهنجي هستيءَ جو مقصد ۽ پڄاڙي

آهي. خود تنهنجي حياتي ۾ رام سان ويجهيل آهي. اڙي رام! تون رامداس جو ٻاڻ ۾ نشچو انڻ آنندڙ ڪر. هميشه پڪو ۽ پورن ڪندل. سڀ رامداس جا خيال ڪم ۽ گفتا سدا تو مان نڪرن. تنهنجي حڪم هيٺ. تنهنجي نالي ۽ فقط تنهن جي صدقي. رامداس پنهنجي خود شخصيت تو سان ملائي ڇڏي. هن کي پنهنجي جڳهه ڀڃاءِ يا تون هنجي جڳهه ڀڄ. هڪ ٻئي ۾ هميشه گڏيل هجو. هڪڙي پل جي به جدائي نه ٿئي. گڏيل، ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي هڪ ٿي وڃي هميشه، ۽ هر هميشه لاءِ.
اڙي رام! تون طاقت وارو آهين، تون پريم آهين، روشني تون آهين، آنند تون آهين، اصل وڏو سچ تون ئي آهين. تنهنجو ٻانهون توکي پرارٿنا ڪري ٿو، توکان دعا پڇي ٿو، توکان روئي گهري ٿو، توءِ ٿو روڌن ڪري ٿو، تو اڳيان ڏنڊوت ڪري ٿو. اڙي رام پنهنجي ٻانهي تي رحم ڪر، هن کي اصل پنهنجو ڪر. رام، برڪت ڏي، پنهنجي ٻانهي تي برڪت وجهه. پنهنجي ٻانهي تي برڪت وجهڻ آهي دنيا تي برڪت وجهڻ. پنهنجي ٻانهي کي پيار ڪرڻ، آهي دنيا کي پيار ڪرڻ. اڙي رام، اڙي اپار پريم، رامداس جي هستيءَ ۾ اصل گهڙي وڃ ۽ وڃي رهه ۽ پنهنجي روشني، پريم ۽ آنند اُن ۾ پکيڙ. اوم سري رام.

*

*

اڙي رام! هڪڙي پرهه ڦٽي آهي. رامداس جي دل ۾ ڀڪندڙ پرهه ڦٽي ٿي آهي. انهي ۾ روشني جي پوڏ آهي. پريم جي جهلڪ آهي. آنند جو ساگر آهي. پورنتا اُتي رهي جتي رام آهي. هو گهري ٿو ته سڀ خرابي اُتي پڄي ٿي. سڀ اُيري تو ته سڀ اولده هه گم ٿي وڃي ٿي. اڙي رام، ڪهڙو نه شان مان تنهنجو آهي. جنهن پل ۾ توکي پرارٿنا ڪجي ٿي، تون ڏيان ڏين. تو ۽ اُگهائين تو! اڙي ماتا تنهنجي ڪيڏي نه مهرباني آهي. ڪهڙو نه سهڻو تنهنجو پريم آهي، ڪهڙي نه سوکيم،

اڙي رامداس! مٿي چڙهه، مٿي چڙهه. سڀني مٿان اڏام، آسمان ۾ اڏام. جيڪا روشنائيءَ جي بوند، عاليشان سج مان نڪري ٿي تنهن سان ملي وڃ. پل ۾ توکي صاف سوڪير هوا مٿي چوڌاري گهيرو ڪري وڃي. پل ۾ آسمان جي حود چوٽي توکي ڀڄڪائي ڇڏي. پوءِ رامداس تون ڪٿي هوندين؟ رامداس ته ڪٿي ڪين آهي. رامداس هميشه فقط چرپائي آهي، هوا وانگر هو ڪي نه ڪين آهي. سج، وڏو سج رام، توکي ڀڄڪائي ويو آهي ۽ تون هاڻي نه آهين، نه آهين، نه آهين. اوم سري رام.

* * *

اڙي رامداس! ٻن جي ساوڪ سان هڪ ٿي وڃ. روشنائيءَ جي اجلي ۾ محو ٿي وڃ. ٽڪرين جي ڏند سان ڳڍجي وڃ. هوا جو لڳڻ ٿيءُ. هاڻي هو رکس ٿي ڪرن ٿا. اڙي رام! سڀ تنهنجي وڏائي آهي. هاڻي ڀاهه وسامي ٿي. آسمان جي نمد جي سانت، جا ٻرير ۽ شانتيءَ جي چادر سان ڀرپل آهي، سا رام جي مصباح سان ڀرپل آهي. چوڪو، چوڪو، مڪتي تنهنجو نالو آهي. اوم سري رام.

* * *

اڙي رام! تنهنجو ٻانهو سچو ٿي تنهنجي حفاظت هيٺ آهي. تون ئي فقط هن جو اڪيلو آهين. سڀڪنهن چيز واسطي هو توتي ڀروسو رکي ٿو. هر وقت تنهنجو مٺو نالو هنجي خيالن ۾ رهي. اڙي رام! رامداس جو من صاف ڪر. سڀ خرابيءَ ۽ اخلاقي خيالن کي ڌوئي صفا ڪر. اڙي رام! رامداس تنهنجو آهي. اهو ياد رک، رامداس، ته تون فقط رام واسطي جيئن ٿو. نه ڪنهن ٻي چيز واسطي يا ڪنهن ٻي مقش ٻڌين. رام ئي تنهنجي هستيءَ جو مقصد ۽ پڇاڙي

هميشه سچا ۽ چڱا هجن، هن جي گفتگو هميشه ڏاهپ واري ۽ حلم هجي. هن جا ويچار هميشه پوتر ۽ صاف هجن. توري ٻه رامداس جا ڪسر، لفظ ۽ خيال تنهنجي ايشوري روپ جي ڌيان مان سدا نڪرن. اوم سري رام.

* * *

اڙي رام! تون ڪهڙي نه عاليشان هستي آهين. رامداس پنهنجو مستڪ تنهنجي چرنن ۾ ڌري ٿو. پنهنجي ٻانهن تي سچي پنهنجي روشنيءَ جي ڇانوَ جي مهر ڪر. هن کي پنهنجو ڪر، سچو ٿي پنهنجو. رامداس کي توکان سواءِ ڪو ٻه اجهو ڪونه آهي. توکانسواءِ ڪو ٻه ماءُ پيءُ ڪونه آهي. توکانسواءِ ڪو ٻه سونهون ڪونه آهي. توکانسواءِ ڪو ٻه ڏٽي ڪونه آهي ۽ توکانسواءِ ڪو ٻه وڌيڪ اوچو آدرش ڪونه آهي. اڙي رام! هن تي ديا ڪر، رحم ڪر. سڀ کان مٿي اڙي رام، ڏس ته هو توکي نه وساري. توکي وسارڻ آهي هن واسطي اصل برباد ٿيڻ. رامداس انهيءَ جو فقط ويچار ٻه سهي نٿو سگهي. اڙي رام! رامداس کي پنهنجي پورن اعتقاد ۾ رک. جيڪي ٻه رامداس توکان گهري ٿو سو تون يڪدم هنکي ڏين ٿو. هنکي هميشه پاڻ ۾ رهاءِ. فقط تون ٻه. اوم سري رام.

* * *

اڙي رام! پنهنجي ٻار کي بچاءِ، بچاءِ پنهنجي ٻانهن کي. شل هنجي هستيءَ جي هرڪا نس تنهنجي چرپائيءَ جي سر جي جوش ۾ اچي، خود سندس رڳن جو رت تنهنجي چرپائي جي جوش سان هلي نڪو نڪو وهي. تنهن جي جوش واري چرپائيءَ جا جهوٽا هن جي هڏن کي گهڙيءَ گهڙيءَ ڏونڏي جهٽڪ توڙڻ لڳن ٿا. هن جو سچو ٻت لڏي، ڏڪي ۽ ڏڏي ٿو جڏهين تون هستي چرپائيءَ جي برف جون ڇپون ڪيرائين ٿو. اوم سري رام.

ٻـــ ڏاڪيون آهن، ٻيو ۽ ڏڪار، جي توهان ٻاهر نڪرن ٿيون. اڙي رام! توکي پاڻ ڀعلي متي چڙهڻ ۾ ٻيو جي چڙهڻي ڪم ۾ آڻڻي ٿي. توکي ڇڏڻ ۾ ڀعلي هيٺ لهڻ ۾ ڏڪار جي چڙهڻي ڪم ۾ آڻڻي ٿي. ٻيو وصل ڏانهن ڇڪي ٿو. ڏڪار ڀيائيءَ ڏانهن گهلي ٿي. وصل آنند آهي ۽ ڀيائي اَلي درد آهي. ٺهڪري اڙي رامداس! تون متي چڙهڻ وارو رستو چونڊ جو توکي نيت شانتيءَ ڏانهن وٺي ويندو. هميشه رهندڙ ۽ امر شانتي، جو رام ئي آهي. جڏهين تون رام ڇڏين ٿو، تڏهين ڏڪار توکي هيٺ اَلي آڻي ٿي جتي تون دک ۽ موت ۾ ٻڏين ٿو. اوم سري رام.

* * *

رامداس هٺ نه ڪر. اهو ويچار ڪر ته دنيا ۾ ڪير به توکان گهٽ نه آهي. سڀ سان ادب ۽ ٻيو واري هلت هلڻي آهي.

* * *

اڙي رامداس! تون پنهنجو من هميشه رام سمرن جي چوٽي ڏانهن وار ته وقت سر تون من کي ٻوڙتائيءَ جي اَچي کڏڙ اُڀارائيندان.

* * *

اڙي رام! رامداس ننهنجو ٻانهو آهي. ننهنجو سچو ٻانهو. هو توکي مٿس، سندس هرکهن ڪم ۾، هرڪو لفظ جو سندس جيڀ مان نڪري ٿو ۽ هرڪو خيال جو من مان نڪري ٿو ننهن لي، سخت ٻهري وڪڻ جي پرارٿنا ڪري ٿو. اڙي رام! ڏس ته ڪجهه به جو توکي لائقيءَ جو ڪم نٿو ڏسڻ ۾ اچي، يا توکي قبول نه پوي ته اهو نه ڪراءِ، نڪي ٻالهاراءِ يا مجي ٻانهي کي اهڙي ويچار ۾ وجهه. شل رامداس جا ڪم

رامداس! سڀ ساراه، سڀ عزت، سڀ ادب رام واسطي آهي. ڇاڪاڻ تہ تنهنجو ڳالهائڻ، تنهنجو ڪم ۽ تنهنجو خيال سڀ رام جي نالي ليءِ آهي. رام جي صدقي. رام جي ڏنل اشاري ليءِ. رام جو ڪرايل، رام جو خيال ڪيل، ۽ رام جو ويچار ڏنل. سڀ رام ۾، رام ڪان، رام ڏنا ران، رام ڪي، رام بابت، رام لاءِ. سڀ رام، رام، ڪي ڪين سواءِ رام جي. اوم سري رام، اوم، اوم. رام، رام، رام. اِها رام جي چرپائي آهي. اِها اعليٰ شان واري چرپائي آهي. آنند ڀريل، روشني ڀريل، پريم ڀريل ۽ رام ڀريل. ڪو بہ خيال نہ پر رام جو. ڪم بہ ڪم نہ فقط رام جو. ڪو بہ ڳالهائڻ نہ، فقط رام جو. رام سان ڳالهاءِ، رام جو ڪم ڪر، رام ۾ خيال ڪر، رام ۾ ماٺ ڪر، رام سان سڀني ۾ رهہ، رام سڀ ڪجهہ آهي. سڀ ڪجهہ رام آهي. اوم سري رام.

* * *

رام روپ آهي، رام روپ ورتو آهي. رام روپ سان آهي، رام روپ ڪان سواءِ آهي. رام هستي ۽ اڻ هستي آهي. رام ظاهر ٿئي ٿو. رام گم ٿئي ٿو. رام ڪي جاءِ آهي. رام ڪي جاءِ ڪانهي. پريم ۽ ڏڪار رام ۾ آهن. روشني ۽ اونده رام ۾ آهي. آنند ۽ درد رام ۾ آهي. ڏاڍپ ۽ چرپائي رام ۾ آهي. طاقت ۽ ضعيفائي رام ۾ آهي. اوم، اوم، اوم. رام، رام، رام. شانتي، شانتي، شانتي. اڙي رام! تون اهو نڪتو آهين جتي پريم ۽ ڏڪار گڏجن ٿا. اوم سري رام. تون صلح سانت آهين. مت ست ڪان سواءِ. اڻ ڏٺل، امر، اپار، سرو شڪتيوان، خيال ڪان ٻاهر، سمجهہ ڪان ٻاهر. اوم، اوم، اوم.

* * *

اڙي رام! تنهنجي طاقت نهايت وڏي آهي،
اڙي رامداس! توکي ڪا به اِڇا نه آهي،
اڙي رام! تون ئي فقط آهين،
اڙي رامداس! توکي ڪا به هستي نه آهي،
اڙي رام! اڙي اپار برهم، ٻل ته رامداس پاڻ کي تو ۾ گم ڪري.

* * *

اڙي رام! تنهنجو پرڪاش هر هنڌ پيو وسي. تنهنجي روشني هر هنڌ پئي چمڪي. تنهنجي آنند سڀ ڪنهن کي مٺو لڳو آهي. رام! تون روشني، برهم ۽ آنند آهين. رامداس، توکي جدا هستي ڪانهي. تون آزاد آهين. اهڙو آزاد جهڙو برهم، اهڙو آزاد جهڙي روشني، اهڙو آزاد جهڙو آنند! سڀني کي پيار ڪر، سڀني کي روشني وجهه، سڀني سان آنند ونڊ. تون سڀ آهين ۽ سڀ تون آهين. تون ۽ سڀ گڏجي ٿيا رام، شاندار رام. رام هڪ آهي. ڪثرت ڏسڻ ڀرم آهي. هڪ ئي سچ آهي. ڪثرت ڪوڙ آهي. هڪ. هڪڙي سڀ هنڌ ۽ اهو آهي رام. رامداس تنهنجي اِڇا سا رام جي اِڇا آهي. فقط رام واسطي ئي رهه. رام توکي پنهنجو چرپر ڪيو آهي. سڀاڳو تون آهين، رامداس. رام جي چرپر ئي جو مطلب تنهنجي واسطي سڀ ڪجهه آهي، ۽ پنهنجي ڪٿي نه اهو مطلب سڀ ڪجهه سڀني واسطي آهي. انهيءَ چرپر ۾ ڪو به درد ڪونهي، نڪا ڪا مونجهه آهي، نڪو اُڪير، نڪا ڪا طعنفاني، نڪو ڪو دک، نڪو ڏکار ۽ نڪا خرابي ڪنهن به قسم جي. اها صفا برهم، روشني، آنند، سکهه، طاقت، ڏاهپ ۽ هر قسم جي چڱائيءَ جي جڙ آهي.

ڪوشش ڪري ۽ جو ڏسڻ ۾ پيو اچي ته توکي پنهنجي پاڪر ۾ وجهي وينو آهي. سج چنڊ ۽ تارا جيڪي سدائين تنهن جي هردم ڦرندڙ روشني ۽ سونهن ڏسندا رهن ٿا ۽ ٿڪجن ٿي نٿا تن کي تون ڪهڙو نه سندر نظارو پسائين ٿو.

ماٿريون تنهن جي سائيءَ ساوڪ سان ڀريل آهن، جن سيني مان چمڪندڙ پاڻي پيو وهي. ڀاري اوچا جبل وڃي آسمان سان لڳن ٿا. اهي تنهنجي شانتيءَ جا پهريدار آهن. وڏا پکڙيل ڀيلا، ساوا ۽ پيلي رنگ وارا، اِهي تنهنجي ڍڪڻ جا سهڻا ڪپڙا آهن، جنجي پريم ڀريل تهن ۾ تون اتاه قسمن جون حياتيون اُپائين ٿو.

*　　　*　　　*

اهو رنگا رنگي نظارو ڪنهن هستيءَ ۾ آندو؟ اهو سڀ رام جو ڪم آهي. پريم جو ڪم. رام خود پنهنجي عاليشان نظاري ۾ ڏيکاري ڏيئي رهيو آهي.

*　　　*　　　*

اڙي رامداس! توکي هن دنيا ۾ ڪجهه به ڪين آهي جو تون پنهنجو سمجهين ٿو. سڀ رام جو ئي آهي، تو سميت. رام سڀ ڀلي لاءِ پيو ڪري. رام ئي ڪندڙ آهي. تون رامداس هميشه هن جي سر ۾ هل. اڙي رام ڏس ته منهنجي پراڻ تنا تو وٽ اَگهي ٿي. تون سڀ ۾ سڀ پنهنجي ٻانهي واسطي آهين. هنکي تون کپين پيو ڪجهه به نه. اڙي رام، رامداس جو من صفا ڪر. ڪو به خراب خيال اُن ۾ اَندر گهڙڻ نه ڏي.

*　　　*　　　*

اڙي رام! تون هرهنڌ آهين. اڙي رامداس تون ڪٿي به ڪين آهين.

سڀ ڏڪا سو سان ۽ سچا هجن. شل ظاهر ڪري ڪان ٻاهر آنند جو ميناج سڀ ڪنهن هنڌ راڄ ڪري.

* * *

اڙي رام! رامداس کي ٻاڻ ۾ مست ڪر. هن ڪان ٿو ڪانسواءِ ڪاٻه ٻي گفتگو نه ڪراءِ. هن ڪان ٿو ڪانسواءِ ڪوٻه خيال نه ڪراءِ. تون ڪهڙو نه ديا وان آهين. تون ڪهڙو نه ٻريمي آهين. اڙي ٻرام، اڙي رحم، رامداس کي اصل ڀهنجو ڪر.

* * *

رام جهڙي تون ڪرين ٿو، سو سڀ ڀلي لاءِ ڪرين ٿو. رامداس سچو تنهنجو آهي. تون هن ڪان گهمڻ، ڳالهائڻ، خيال ڪرڻ، ڪم ڪرڻ ۽ سڀ جيئن تنهنجي مرضي آهي تيئن ڪرائين ٿو. هنکي ڪنهن ٻه ٻاهت نه دکي، نه افسوس ڪرڻو آهي. هو تو ۾ هميشه رهي ٿو. هو توکي ٿي هر هنڌ ڀسي ٿو. فقط توئي هن سرشٽيءَ جي صورت ورتي آهي. هي وڏو سونهن ڀريو، ڪيئين قسمن جي ڏنيان جو جٿو. اڙي! ڪهڙو نه تنهنجو عاليشان نظارو. اڙي! ڪهڙي نه عطبر پڌرائي. وڏن ٻاٽين جون چادرون. طاقت وارا سمنڊ جي ڳوڙل روپ وانگر سج جي روشنائيءَ ۾ ڀيا ڀڪن. جو ڀهڪي سيهي ۾ ڪيئين قسمن جي جانورن کي جن تي ٻاٽڪي خلقيو آهي تن کي ڏاري ٿو. اڙي! تون ٻاڻ آڪاه آسمان آهين. ڪهڙي نه تنهنجي نهايت سهڻي ٻناوٽ آهي. هڪڙو آڪاه نيلو گنبد جنهن ۾ ڪتي ڪئي عجيب شڪلين ۾ اچي ڀسر جهڙا ڪڪر آهن، جي ڀهڪي طاقت واري ٻاڪر ۾ انيڪ جيو جن کي آهن ٻاڻ خلقيو آهي تن کي رکن ٿا. اڙي! ٻرٿوي جهڙهي نا معلوم گهيرو آسمان جي حدن مان ٻڙ ۾ اچائي ڀسو

جهڙي پريم سان. ڪوبه خرابيءَ جو خيال، ڪوبه ٻيائيءَ جو خيال شل نه هن جي من ۾ اُڀري. سڀ ڪنهن ڏانهن هن کي پريم جي روشنيءَ واري نظر ڪراءِ.

* * *

اڙي رام! تون ئي آهين جو سنسار جي ڏکن ۾ پيو روئين. تون ئي آهين جو سنسار جي آنند ۾ پيو مرڪين. تنهن هوندي به، تون سڀ آنند کان ۽ سڀ ڏک کان مٿي آهين.

* * *

رام! تون امر پريم روپي بار آهين. رامداس هميشه رام جي نرم مرڪن جهٽڻ ۾ ڪي ارادي سان ڪوشش ڪري ٿو پر اهي هن جي جهل کان کسڪي وڃن ٿيون.

* * *

پريم پنهنجي ٿڌي ڇانو ڏني ٿو. مداس پنهنجا چپ هلڪي پيئڻ لاءِ کولي ٿو. پر روشني لڙڪي وڃي ٿي.

* * *

رامداس نيت مرڪون جهٽي ٿو. اهي ٽريون گهٽي چمڪي واريون، ڪي نه ڪين، جي هن جي مکڙي ۾ چمڪن ٿيون.

* * *

رامداس نيت رام جي پريم جي روشني خوب پيئي ٿو ۽ شانتيءَ جي سمند ۾ ترمائيءَ سان پيو تري.

* *

اڙي پريم! اڙي رام!! سڀ ڪنهن چيز کي پنهنجي نرم جهلڪا ڏيندڙ روشنائيءَ جي جهلڪ ۾ ويڙهه. اڙي پريم! شل

اُٺاءِ ۽ سڀني ذرڙن جي گولي کي ڇڪي پريم جي پاڪ پر
ڇهاءِ. تنهنجي رحم جي جاءِ ساري سرشٽي ۾ آهي، جوڻي
تنهنجو بت آهي. تون اُن ۾ پريم ميءِ ٿي رهه. پريم ڪا نساءِ
ٻيو ڪي ڪين آهي، پريم ٿي سڀني کان اعليٰ آهي. هرڪو
ٻن، هرڪو گاهه جو سلو، هرڪو ذوڙ جو ذرو، هرڪو سڀ
کان ننڍو جيوَ سو ڏاڍيان تنهنجو ٿي پريم ڳالهي رهبر آهي.
اڙي رام! سڀڪو چنڊ جو ڪرڻو، سڀڪو سج جو ڪرڻو،
سڀڪا تارن جي ٽمڪ ٽمڪ تنهنجي پريم جي روشني ڦهلائي
رهي آهي. اڙي رام! هرڪو ڳوڙهو، سڀڪا مرڪ، سڀڪا
چولي، سڀڪا آنند جي مٺي مس پس سا تنهنجي پريم سان
ڀريل آهي. اڙي رام.

*　　　*　　　*

اڙي رامداس! اُٺ، ويراڳ جي ور يءِ مٿا هڻ
لي چڙهه ۽ هن جي چوٽيءِ لي ويهي سنسار جو اُلٽو سڌو نظارو
چوڌاري ڏس، هرهنڌ اون ڏسبن ٿو، نه جمڻ، وڌڻ ۽ مرڻ
آهي. سڀئي پس پش ساڳئي رستي کان ٻوڙندا ناس
ٿيندا پيا وڃن. هن وڏي مساڻ جي ڀوميءِ لي. هن وڏي
قبرستان ۾، ڪتي سڀ شبون نبت ڏوڙ ۽ رک ٿي ٿيون وڃن.
ڪوڙي نه نا اُميديءِ جي ڳتي آهي. آهو منو ۽ امر اثر نه
هجي ها. آهو ايشوري امرت جنهنکي پريم ڪري سڏجي
ٿو! پريم سچ ٻچ روشنائيءِ وارو چمڪندڙ سج آهي جو هن
جهنگلي ڪٽين قسمن ۽ اعليٰ شان واري سرشٽيءِ جي بناوت مان
ٽمس ٿيندڙ صورتن مان آرپار لنگهي ٿو. پريم آنند آهي.
پريم ڀڳوان آهي. پريم رام آهي.

*　　　*　　　*

اڙي رام! پرهه، پرهه، پرهه، رامداس کي پنهنجي امرت

رامداس کي پنھنجو پاڳل ٻڌاءِ، جلدي؛ وقت نہ وڃائڻو
آهي. جلدي، جلدي، ھن تي رحم ڪر. اوم سري رام.

* * *

اُٿ، اُٿ، اڙي اُميد جي نا اُميدي. اُٿ، اُٿ
اڙي آنند جي پريشاني. اُٿ، اُٿ، اڙي اونده جي روشني.
جاڳ، جاڳ، اڙي امر حياتيءَ جا سپنا. جاڳ، جاڳ، اڙي آنند،
اڙي شان وشوڪت. ڪھڙو نہ بيان کان ٻاهر آنند آهي، رڙڻ ۾
روئڻ ۾، مرڪڻ ۾، ڳالھڻ ۾، رھڻ ۾، رام جي پريم ۾، مرڻ ۾،
رام جي مھر ۾؛ رام جي روشنيءَ ۾. اوم سري رام.

* * *

شانتي، شانتي، شانتي.
رام! رام!! رام!!!

رامداس تون ضعيف نہ آهين، تون سرو شڪتيوان آهين.
رام تو ۾ پنھنجو ايشوري چمڪات وڌو آهي. تون اُبار
ٻج آهين. رام پنھنجي روشنائيءَ جي پوڏ تو ۾ اُڇلي آهي.
اُٿي جاڳ. تون طاقت وارو آهين، تون رام جي پريم جي
طاقت سان سڀڪنھن تي فتح ڪري سگھين ٿو. ھٿوراڙيون
نہ ھڻ، پاڻ کي ضعيف محسوس نہ ڪر. ٽڪرن جي چوٽين
تان، گھرن جي ڪڏن تان، رام جو، رام جو شان جي، رام
جي پريم جو نقارو وڄاءِ.

* * *

بھادر ٿيءُ، اڳتي هل. ڪوچ ڪري ٽڪڙو پند پڌ.
طوفان کي منھن ڏي. ورڌاتا تنھنجي ٻانھي آهي، اُنھيءَ
کي پنھنجي چرنن ۾ رک. جڏھين رام تنھنجو دوست آهي تہ
تو کي ڪھڙو خوف آهي؟ سڀ پابنديون ڀڃيون ڪر. اُٿ،

شل رامداس جو من جاڳندي، ننڊ ۾، سپني ۾ اوسان
تي ٻڌل رهي. اڙي رام، اڙي مالڪ، اڙي پيا ليڊر! پنهن
جي ٻار ۾ پنهنجي ٻانهي تي دَيا ڪر.

*　　　*　　　*

رامداس هن جي ڪرڪي لڳو. اڙي رام! هنکي پل
پل دنيا ۾ وهڻ ڏي، پورهيو ڪرڻ ڏي، سهڻ ڏي ۽ تنهنجي
صدقي مرڻ ڏي. پل نه هو ڏڪار ڪي، ظلم ڪي، بلڪ موت
کي تنهنجي پريم جي قاعدي واسطي، آنند ۽ روشنيءَ واسطي
سهڻ ڏي. انهيءَ پريکشا جي راهه ۾ شل رامداس پنهنجي گهر
وارو روح پاڪ ڪري. اٿي پريشاني سا آهي اتي آنند.
انهي کان مٿي چڙهڻ آهي سچو آنند پائڻ. سچي شانتي.

*　　　*　　　*

اڙي رام! اهو سڌ ڪر، شل تنهنجو سخت حڪم اچي.
حڪڙهين الدن نه لڳي ته هن سرابڪي ناڪام وقت بچاءَ جو
سگهي ۽ ناس ٿي وڃي. اڙي رام! شل هر پل تنهنجي تي
ڪم ۾ ڪٽجي اچي.

*　　　*　　　*

هوا حو اٿڻ لڳي ورو. طوفان اچڻ وارو آهي.
رامداس لهر پيدا ان هن ۾ اپريل محصوص ڪريٿو، ٻاري
لهرون آلبل سمند جون. اڙي رام! لون پنهنجي ٻانهي جي
رکيا ڪر، هنکي ٻل ڏي، طاقت ڏي، پنهنجي ڏاهپ ڏي
۽ هن کان پنهنجي سچي جي بلسٽان لئي قرباني ڪراءِ. پريم
جي مندر ۾، روشنيءَ جي اڱڻ ۾، سڀ رام آهي. رام،
رام، رام. اڙي ٻچاءِ، بچاءِ. رامداس سچو تنهنجو آهي.
هنجي حياتي، سر، روح، سڀ، سڀ ڪجهه.

*　　　*　　　*

جو آهي ۽ جو دنيا ۾ نہ آهي. ڏاهپ ڦٽي ڪر. ڪنهنڪي اهڙا گهرجي؟ ڏاهپ زهر آهي. چريائي امرت آهي. رام جي چريائي، انهيءَ کي ڌيان ۾ رک. رامداس! توکي جدا هستي ڪانهي. رامداس تون ڪير آهين؟ ڪوڙو ڏيک جو تو پاڻ خلقيو آهي. ٽوڙ اهو ۽ رام ۾ رهہ. اهو پريم جو، آنند جو ۽ روشنيءَ جو ساگر. "ماڪ جي بوند ترڪي پوي ٿي، چمڪندڙ ساگر ۾."

* * *

ٻارا ٿو سياڻ، رام جو پاڳلپڻو ۽ پورن ڏاهپ، انهن جي معني ساڳي آهي.

* * *

اڙي رام! تنهنجو ٻانهو رامداس سچو ٿي تنهنجو آهي. هن جي حياتي پورن تنهنجي شيوا ۾ ارپن ڪيل آهي. پيل نہ تنهنجي اپار پريم جو محتاج رامداس جي روح ۾ گهڙي وڃي. پنهنجي ٻانهي کي ٻل ڏي تہ هو جوني سنسار جي آزمائشن کي منهن ڏيئي سگهي. شل هو هميشہ تو ۾ ٿي رهي.

* * *

اڙي رام! تنهنجو ٻانهو وري توکي پڪاري ٿو تہ تون هنکي پنهنجو پاڳل بڻاءِ، پر تون هن جون پرارٿنائون دل و جان سان نٿو ٻڌين. تون فقط ٿوري وقت لاءِ هن ۾ چريائي آڻين ٿو، ڇو ڪين هميشہ لاءِ؟ سڀ انهيءَ جو من سواءِ تنهنجي، تنهنجي ۽ صرف تنهنجي ٿي ڌيان ۾ رهي. اها ٿي چريائي جنهن واسطي هو ليلائي ٿو. هن تي رحم ڪر.

* * *

ڪر ته پوءِ تنهنجو ڳالهائڻ، تنهنجا ڪرتب ۽ تنهنجا خيال
سڀ سچا آهن. رامداس جاڳ، ڀاڳ کي ڏوهه ۽ ڪڏهن
به پنهنجي واڌاري پرڀرو نه ٿيءُ. اڙي وح، تپا، تبا ڏي.
سونو ميوو چُڻ. رام جي ٿرم پريم جي لذت جو نشو سمجهي
ڪري پيءُ.

*　　　*　　　*

رامداس تون ڪجهه نه آهين. رامداس تنهنجو ڪو به
ملهه ڪونهي. جيڪڏهن تو وٽان ڪجهه به پلو ٿئي ته اهو
سڀ رام جو آهي. تون فقط بانس ڏيندڙ مٽيءَ جو اکر آهين.
پنهنجو هٿ ڦٽو ڪر.

*　　　*　　　*

رامداس تون هاڻي جٽ چريو آهين. اڙي مڌ،
چريا ٿي، چريا ٿي، چريا ٿي. اڙي پريم، رامداس، تون سچ
پچ چريو آهين. هاڻي رام تنهنجي چريائيءَ جي منشا آهي.
رامداس! پيءُ پيءُ رام جو پريم، رام جو امرت. رام جي
روشني هر هنڌ جهلڪا پيئي ڏئي.

*　　　*　　　*

رامداس تون آزاد آهين. ڪو به لوڪي نتو ٻڌي سگهي.
تون هوا وانگر آزاد آهين. آڌام مٿي، مٿي آسمان ۾،
جستائين تون هر هنڌ پکڙجي وڃين ۽ ساري مانڊاڻ ۾ وياپڪ
رهين. رام سان هڪ ٿي وڃ. سڀ رام آهي. سڀ رام آهي.
ڪيڏو نه عاليشان نظارو جو ڏٺڪ روشني رام جي سڀ
هنڌ ڏسجي. جهلڪا ڏيو، جهلڪا ڏيو، ڪڏهن وانگر
جهٽڪا ڏيو. اڙي ناچ، اڙي خدا ناچ، اڙي پريم، اڙي
داس، رامداس تنهنجي چريائيءَ جو ملهه سڀ ڪجهه آهي،

رام واسطي پاڳلپڻو. رام جي پريم جو پاڳلپڻو. اڄ،
رامداس کي همت ڪر ۽ هميشه واسطي پنهنجي پريم جي اپار
سمنڊ ۾ پيهو تاريندس.

* * *

مٺي چريائي، تارينڌڙ چريائي، حليم چريائي ۽ شانتيءَ
واري چريائي. چاڪاڻ ته هن ۾ رام جي امرت پريم جو
جزو پيل آهي.

* * *

هن ٻئي جڳ واريءَ دنيا جون سڀ خوشيون ٻري ٿيون،
رام جي آنند جو سورج مٿي چڙهيو آهي، ۽ پنهنجي سڄي
جلوي سان اڀري، پنهنجي شانتيءَ ۽ پريم جي جهلڪي وارا
ترورا ڇوڏاري وجهي رهيو آهي، سڀ دک جي اونده کي
ڪڍي رهيو آهي، ٻلڪ تارن ۽ چنڊ کي به جهڪو ڪري
ڇڏيو اٿس. اڙي هن اي بقاءَ دنيا جون جهڪيون ٿيندڙ
خوشيون، ٻري ٿيو.

* * *

اڙي! ٻکي پيري مان اڏامي ويو آهي ۽ مٿي هوا ۾
چڙهندو پيو وڃي ۽ پاڻ کي اتاه آڪاس ۾ گم ٿو ڪري.
رام ۾ گم ٿي وڃ تون، هڪ ڙو ڦڙو سمنڊ ۾.

* * *

اڙي من! ڪو ٿيءَ ۽ رام ۾ پاڻ کي ڪپاءِ. ٻيو سڀ
ڪم (ڏنڌو) تنهنجي واسطي بلڪل نڪمو آهي. تون رام
جي پست ونڻ ۾ دنيا جي راڄن کي هلاڪ نه ڪرءِ. جڏهن رام
پنهنجو آهي ته ٻوءِ لوکي ڪجهه نه ڪپي. رام جو سنگ هميشه

پاڻ، سمنڊ پاڻي، مٽي ۽ هيٺ، هوا ۾، وڻن ۾، ڌرتيءَ تي
پاڻيءَ ۾، آڪاس ۾، پاتال ۾، سڀ هنڌ رام آهي. پريم
آهي. اڙي پريم، اڙي رام، پل پل تنهنجي پريم جي خوشيءَ
جي لهر پيئان لهر رامداس جي روح مان لنگهي رهي. اڙي
رام، اڙي آنند، اڙي پريم، اڙي اُلي خوشي، اڙي
پاڪپڻا، اڙي چڱائي. نڪو آرام، نڪا ننڊ، نڪو ڪاڏو،
نڪا ڪا خوشي ماڻڻ، پر تنهنجو دنيوي پيار ۽ دنيوي
روشني. اڙي آنند! تون رام جي اپار پريم جي امرت ۾
ٻيل رهه. اڙي روشني بيڪ. اڙي ڪنوڻ جا جهلڪا، اڙي
رام جي وڏائي، جهلڪو جهلڪو. اڙي سڀ کان گهڻي خوشي،
اڙي آنند، اڙي رام! اچ، اچ. رامداس تو ۾ گم آهي.
خوشيءَ ۽ مهر ۾ گم آهي، سدا لاءِ گم. تنهنجي آنند ۾، تنهن
جي اپار پرڪش ۾- بيان ڪرڻ کان ٻاهر. تنهنجي شاندار
روشنائيءَ ۾ گم آهي، تنهنجي روشنائيءَ ۾. جهلڪا، جهلڪا،
جهلڪا، هر هنڌ جهلڪا. پريم، پريم، پريم، هر هنڌ پريم.

مشهوري، ناموس، ڌن، مانُت، دوستي، سڀ ڪچ،
ڪچهه به اهلي نه. ڪو به اُنهن ۾ سچو ناهي. من، جو رام
جي ڌيان ۾ ڪتل آهي تنهنکي اپار شانتي، اپار آنند پرپتي
ٿو. جا ڪاڻ ته رام پريم، دليا ۽ خوشي آهي.

• • •

پل ته سر پر ناس ٿئي، من هلي رهي، پل ته حواس گم
ٿين. پل ته سچي دنيا گم ٿي رهي. پل سڀ جيڪي ڏسڻ ۾
اچن ٿا تنهنجي جولي هستي لنگهي رهي. رام، ام پريم ۽
آنندلي رهي ٿو. حتاءِ ڪري ٿو. پوڻ، وي داغ،
لنئي وارو آهي. رام تنهنجي حد هئي، لوڪي
ار آهي

منهنجو همت، جهل انهيءَ کي ۽ بدن جنهن ۾ تون ورتل آهين ان مان اُٿ. اڙي پريم، اڙي سچي سرشٽيءَ جي جيالي، اڙي ماتا، اڙي رام! ڪهڙي نه فخر جي ڳالهه آهي نه هميشه تنهنجي پريم جي اثر واريءَ آس ۾ گهمجي.

* * *

اڙي رامداس! تون رام ۾ آهين ۽ هن کان ٻاهر آهين؛ تون هن سان هرهنڌ آهين ۽ هو توسان هرهنڌ آهي. هو توکي ڇڏي نٿو سگهي ۽ تون هنکي ڇڏي نٿو سگهين. هو توسان بدل آهي ۽ تون هنسان بدل آهين. تون هنجي حوالي آهين ۽ هو تنهنجي حوالي آهي. هو توکان سواءِ نٿو هلي ۽ تون هنکان سواءِ نٿو هلين. هو تو ۾ رهي ٿو ۽ تون هن ۾ رهين ٿو. ان ڪري تون اُن جو پانهنجو آهين؛ ۽ هو تنهنجو پيارو ٻيلي آهي. اڙي رام! تون ٻه آهين، پر تون هڪڙو آهين. ٻه هڪ ٿين ٿا ۽ هڪ هميشه گيءَ وارو اپار، امر ۽ پريمي آهي. اڙي پريم، اڙي رام. اڙي من! رام جي پريم سان پُرجي ٻڪ ٻڪ ڪندو هل.

* * *

اڙي رام! رامداس جا سڀ سنڪلپ ناس ڪر. هن مان اهي ڪوڙيون ڪڍ. هنکي قبول ڪر ۽ پاڻ ۾ هن جي واسطي هميشه رهڻ جي جاءِ ڏاهه. اڙي رام جو پاڳل پٽو، اڙي پريم، اڙي ڪنواري، ڪاوڙ ۽ خواهش! رامداس کي اصل ڇڏي ڏيو. شل تنهنجي مهرباني سان هنجو من صاف ۽ پوتر رهي. رام اچاءِ، ٻچاءِ هنکي.

* * *

اڙي رام! تون پرپور آهين. هرهنڌ وسين ٿو، اندر،

اڙي رام! تنهنجي ٻانهي کي خبر نه
اپار پريم جا بابت ڪهڙو ويچار ڪري. هو
ڪري؟ هنتي راماڻا ڪري؟ هنتي ڪيڪ
هنتي ڪلي؟ تنهنجو پريم ڪهڙو نه اڻڏو عاليشان [illegible] ـي ۽
گهڻو ڪشادو ۽ اٿاهه سمنڊ وانگر اڇلون ڏيندڙ ۽ گجندڙ لهرن
وارو آهي. وقتي هو اهڙو نرم، حليم، مانو، هڪڙي ننڍڙي
چشمي جي جهڪي وهڪ ۽ هنجي ٻاٽيندڙ چولين مثل آهي.

* * *

اڙي رام! تون پنهنجي ٻانهي کي هميشه پاڻ ۾ محوُ
رک. هيءَ تنهنجو ٻانهو هردم تنهنجو ٻار آهي. هو تنهنجي
سيوا ڪرڻ واسطي هرطرح تنهنجي ڏاهپ موجب، جا تون
هنکي بخشين ٿو، تيار آهي. هو تنهنجو معصوم ٻار آهي، جو
هميشه تنهنجي سونهپ ۽ تنهنجي اڇاءَ ڏانهن نهاريندو رهي
ٿو. هنکي پنهنجي ٻوڙو چرڻن کان ڌار نه ڪر ۽ اڙي رام!
هنکي اهڙيءَ حالت ۾ نه وجهه، جو هو توکي ڇڏي ڏي.

* * *

اڙي رام! اڙي ماتا!! اڄاڻ، ٻچاءِ، اڄاءِ. پنهنجي
نماڻي ٻانهي کي، پنهنجي چسپ ٻار کي.

* * *

اڙي اپار پريم! پنهنجي ٻار جي سڪل دل ۾ گهڻت ۾
گهڻت تورڙو ذرو پنهنجو پريم وجهه.

* * *

اڙي رامداس! پيءُ، پيءُ، هميشه مٺو امرت رام
جي پريم رس جو.



سوامي رامداس
(پنچ پانڊو غفا جي اڳيان)

॥ ॐ ॥

* غار ۾ رهڻ

اڙي رام! تون ماتا، پتا، ڀاءُ، دوست، استاد، وديا، مشهوري، ڌن، دولت ۽ سڀ ڪجهه آهين. تون ئي سڀني جي پناه آهين. پنهنجي پاڻ کي هميشه واسطي پاڻ ۾ گم ڪر، فقط پاڻ ۾.

* * *

اڙي رام! تنهنجو ٻانهو رامداس ڇا ڪري ۽ ڇا نه ڪري، سو فقط تون ئي ڄاڻي سگهين ٿو. هو نه مڃهي پيو آهي. هو لاچار آهي، هنکي سڀ تو لئي ڇڏڻ سيکار. پل نه هو رهي ۽ پنهنجي هستي تو ۾ ئي رکي. پل نه هو کائي، پيئي، سمهي، جاڳي، اٿي، ويهي، ڳالهائي، پڙهائي، خيال ڪري، ڏسي، ٻڌي، سکهي، چکي، مطلب نه سڀ ڪجهه تنهنجي نالي تي ۽ فقط تنهنجي ئي صدقي لاءِ ڪري.

اڙي رام! اڙي ديوي ماتا!! رامداس سڄو ئي تنهنجو آهي، صرف تنهنجو. دل، دماغ، روح، جسم، تن، من ۽ سڀ ڪجهه، سڀ ڪجهه.

---

* دل مان نڪرندڙ رامداس جا گفتا، جڏهن غار ۾ رهيل هو.

رامداس هاڻي رام جي حڪم موجب ڪاڏري ٽڪريءَ جي هڪڙيءَ غار ۾ رهيو ٿي. اُن غار کي "پنچ پانڊو غار" ڪري سڏيندا آهن.

رامداس اُتي سانتيڪي حياتي گذاري ٿو ۽ پنهنجو سمورو وقت اُن سرؤ شڪتيوان، آنند مڱ ۽ جلوي واري رام جا ڀڄن ڳائڻ، لکڻ ۽ هنجو ڌيان ڪرڻ ۾ گذاريو.

اوم!

سري رام! ڄئه رام!! ڄئه ڄئه رام!!!

جواب ڏنو.

”اڙي ماتا! هيءُ سڀ ڪم رام جو آهي. فقط رام ئي نماڻي رامداس کي هن سنساري جيالي‌ءَ جي بندن کان آزاد ڪيو آهي. رامداس هاڻي رام جي پوتر چرنن ۾ رهي ٿو. هاڻي تو هميشه لاءِ رام جو ٿيو آهي ۽ هُن کي هر وقت اها پرارٿنا ڪري ٿو ته هُن کي هميشه اهڙو ئي رکي. رام ۾ اعتقاد ڌارڻ، سڀني واسطي هُن جي پناهه ڪرڻ جي اعليٰ طاقت قبول ڪرڻ ۽ اهو اعتبار ڪرڻ ته فقط هو ئي ڪم ڪندڙ آهي ۽ هو ئي هر چيز جو مالڪ آهي. جيالي‌ءَ جي دکن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ، هن جي شرن پوڻ اهو ئي فقط هڪ رستو آهي. تنهنڪري اڙي ماتا! پنهنجي سڀني خيالن ۽ ڳڻتين کان آجي ٿي، رام جي ايشوري چرنن ۾ ڌيان لڳاءِ. هميشه شانتي‌ءَ ۽ آنند ۾ اُليٽي ڪندا. غريب رامداس تو کان اهو ئي ڪرائڻ چاهي ٿو.“

رامداس هاڻي مهربان ماتا جي سوڀ ۽ سنڀال هيٺ اُتان ڪاڏيءَ رستي روانو ٿيو. مارموگوا ۾ پهچي سڀئي هڪڙي جهاز ۾ چڙهيا، جنهن پنهنجي مقرر وقت تي هنن کي منگلور ۾ پهچايو. پارٽي جڏهن بندر تي پهتي تڏهن رامداس رام جي حڪم موجب هنن جي اڳيان هليو ۽ پنهنجا قدم سڌو ڪادري ٽڪريءَ ڏانهن کنيا. اُتي هو رات واسطي رهيو.

رامداس ٻئي ڏينهن رام جي اِڇا موجب پنهنجي پاءُ سيتا رام راءِ جي گهر ملاقات واسطي ويو، جو اڳئين ناتي سندس پاءُ هو ۽ رام جو وڏو ڀڳت هوندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ هنن کي پنهن جي گروديو جو درشن ڪرڻ جي خوشي حاصل ٿي (جو اڳئين ناتي ڪري سندس پيءُ هو). هن ئي رامداس کي ايشوري رام منتر جو اُپديش ڏنو هو.

رامداس نهايت ادب سان ڏنڊوت ڪئي. اُتي هن اڪي
ڏه ڏينهن اُتي آنند ۾ گذاريا. صبوح توڙي سانجهن ج
ڌرمي پستڪ پڙهيا هئا ۽ اُنهن تي سندر وياکياڻ ڏيندا هئا
رامداس ڏاڍي ڌيان سان هن ودوان ۽ پهتل شخص جي
چوڻ مان نڪرندڙ ڏاهپ جا لفظ جهٽيندو هو. رام هن لاءِ
اهڙو بندوبست ڪيو هو جو اُنهن ڏينهن ۾ اُپديش تي اهڙو
ڌيان ڏيندو هو جنهن هو آتمڪ وڌاري ڏانهن وڌيڪ مائل ٿئي.
باقي وقت هو مت جي بنيان جيڪي بيون هيون تن ۾ وليت
ڪندو هو. هو گهمڻ ڪري اُتي جي وڏي مسلم سنت سرڳواسي
ڪبيرداس جي تربت (سماڌيءَ) تي وڃي ويهندو هو.

رامداس کي اُنهيءَ آتمڪ وايو چڪر جو آزمودو
چڱيءَ طرح ملي سگهيو ٿي، جو شانتيءَ ۽ آنند سان ڀريل هو،
مٺ ۽ ڌرمشالا ۾، ۽ خاص ڪري وڏي سواميءَ جي حاضريءَ
۾. سري سڌرڌ سوامي هڪڙو وڏو يوگي، وڏيءَ عمر وارو
آهي. هو مهربان، هردلعزيز، مهمان نواز ۽ پورڻ شانتيءَ
جو پتلو آهي.

هاڻي منگلور ۾ خبر پهچي ويئي ته رامداس هبليءَ
جي مٺ ۾ رهيل آهي. اُن وقت هنجي اڳين زال، ۽ هاڻي
ماتا صاحب (جنهن سڀ زالون رامداس جون ماتائون آهن)
۽ هنجو بار اُتي رامداس کي وٺڻ لاءِ آيا. اُن بابت هنن
سري سڌرڌ سواميءَ کي عرض ڪيو. اُنهيءَ دياوان دل
واري سنت رامداس کي منگلور وڃڻ جي صلاح ڏني.
رامداس اُنهيءَ حڪم جي پيروي ڪئي ۽ محسوس ڪيائين
ته اهو خود رام جو حڪم آهي. رام جو هميشه پلو ڇاهيندڙ
آهي سو سڀ ڪجهه پورڻ ڀلائيءَ واسطي ٿي ڪري ٿو. ماتا
صاحب (رامداس جي اڳين زال) رامداس کي "سنسار" ۾
وري موٽڻ جي رت ڏني. اُنهيءَ تي رامداس ڏنيو

سري سڌرڻ سوامي

رامداس ڪڙهي ڳاڏيءَ ۾ چڙهي جا اچا ۽ ڏکڻ طرف ٿي وڌيو، نيٺ وڃي هڪليءَ ۾ پهتو. هڪليءَ ۾ وڃڻ جو خيال ڀمڻيءَ ۾ رهندڙ ڪڙهي ياءُ رامڪرشن هنجي مغز ۾ وڌو هو. رامڪرشن مشهور سنت سري سڌرڻ سوامي هڪليءَ واري جو وڏو ڀڳت هو.

رام هڪي آلي ولي ويو ته جيئن هڪي هن وڏي سنت جو درشن ملي، مڇيند گڏري ڇڪي هٿي ڇڏهين هو سري سڌرڻ جي مٺ ۾ پهتو، جو ريلوي اسٽيشن کان ٽي ميل پري آهي. مٺ ۾ ٽن قسمن جون جايون جڙيل آهن. پهرين جاءِ لائين ۾ ڪڙهي ٺوري سنگمرمر جيڙي پٿر جي جڙيل آهي. اُن جي مٿان ڪڙهو ۽ گهو ننالي شڪل وارو گنبذ ٺهيل آهي. هيءُ مندر انهيءَ مراد سان ٺهيل آهي ته سواميءَ جي ميا سماڌيءَ ۾ گورڪ ڪانوءِ مقدس گرو جو گدام ٺهي. ٻيون ٻه جايون بلڪل گهٽو ٻٽ وارائن ٺيون ۽ اعڙيءَ طرح ٺهيل آهن جو ڪڙهو وڏو چؤرس آڳهه سندن وچ ۾ ڇڏجي ويو. انهن مان ڪڙهي ڌرمشالا آهي، جنهن ۾ سنياسي، ڀڳت ۽ لير تواسي رهن ٿا. مٺ جي سامهون ڪڙها ٻه مندر ٺلاڙ آهن ٺلاڙن جي ٺڳي ڀاسي ڪڙهو وڻ جو جهڳٽو آهي جو ٺڏي ڇانو ڏئي ٿو. مٺ ڏاڍي موهيندڙ ۽ تندرست ٻسگرداڻيءَ ۾ اڏيل آهي.

رامداس مٺ ۾ ڳوڙهي دوستن جي مهرباني سان وقت لي سري سڌرڻ سواميءَ سان ڳڏيو. جهڙوئي چرڻ ٿي

دوست جي گهر آيو، جتان ڪيس نينڊ ملي هئي. اتي واپاري ۽ سنڌس زال غريب رامداس سان نهايت مهرباني ۽ واري هلت هليا. انهن هن تي گهڻو زور رکيو ته هو ٻه ڏينهن ونن رهي. انهيءَ وقت ۾ هو جامع مسجد جي وڏي ۽ موهيندڙ منارې جي ڏسڻ لاءِ ويو. هو نل تي چڙهيو ۽ گول مٿ جي سمنڊ ٻناوت جي ڇهڏيريءَ تي چڙهي ويو. ان جڳهه جي حڪمتي ٻناوت نهايت عجيب آهي. جاءِ جو ٻورو گمبد اصل توري آواز سان سٽ پيرا اندر ٻڌو وڃي. آواز ٻڌڻ وڏو ٿئي ٿو. جو ماڻهو هن پاري ۽ راڪاسي ٻناوت جي وچهو ٻيهي ٿو سو ڇٽڪ هڪڙيءَ ڪيڙيءَ مثل پيو ڏسڻ ۾ اچي.

رام رامداس ڪي اهي وسميءَ ۾ وجهندڙ شهرن

شڪي ۽ تماشيءَ نظر سان گهور ڪري ڏٺو. تنهن ڪان پوءِ هٿ جي پسڻ لي ڪري، هيٺين جرڻن کي ڇهڻي مٿي اٿاري رامداس کي چيو:-

"ٽيهه پگهوان مونکي ٻاهر ڏيکاريو! اون سواءِ پگهوان جي ٻيو ڪجهه ڪين آهن، جهڙڪي مون ٻرارٿنا پي ڪئي ۽ هيءُ سڄو سال پرارٿنا پي ڪئي آهي." وري هن واڪو ڪري چيو "اڙي! مان سچو ٿو لهان يا هيءُ سپنو آهي؟"

هاڻي رامداس بلڪل وائڙو ٿي ويو ۽ هن جي هيڙيءَ عجيب هلت جو سبب اصل سمجهي نه سگهيو.

رامداس پڇيو "اڙي ٻانو! توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟"

هن ٻڍي جواب ڏنو "مهراج! مان ٻڪيا واسطي صبوح ڪانو ٿي پي رلو آهيان. مونکي هن مهل تائين فقط هڪ ٽڪو مليو آهي. (هتي هن ٻه پيسا ڏيکاريا) گهر ۾ منهنجي ٻڍي بيمار زال آهي، تنهن کانسواءِ ٻه ٻار به آهن جن کي ڪاڌو ڏيڻو آهي. خالي هٿين گهر وڃڻ آهي هنن ٻارن کي بک ۾ مارڻ. مان ڏاڍيءَ تماشائيءَ سان پگهوان کي پرارٿنا ڪري رهيو هوس ۽ ڏري گهڻت اميد وڃائي ڇڏي هئم. پر جڏهن تو مونکي سڏ ڪري ڪاڌو آڇيو آهي تڏهن مان توکي خود پگهوان ڪري سمجهان ٿو."

اڙي رام! ڪهڙي نه ڏکدائڪ وارتا آهي. اڙي رام! ڪيترا نه هن دنيا ۾ دکي انسان آهن جي بک ۾ پيا ٻاهه ٿين! اها ٻالهه هتي ڏري ٻوڙي اکري ڏني وئي آهي نه جهڙا غريب، ڏکڙيلن ۽ گهڻت ڏوهي وارن ماڻهن کي بک جي ڏک وگهي ٻاهه ٿيڻو ٻوي ٿو تنهنجي حاڻ ٻوي. اڙي شاهوڪار پاپيو! اڙي شاهوڪار ماڻائون!! اڙي رام!!!

هاڻي رامداس اُن ٻڍي دوست کان جدا ٿي واپاري

جون شيون هن جي ڪمن ۾ ڪم جون نه هيون جو هن پاڻ ڪين تي رکيون. جيڪڏهين ڪيس ڪا ڏوهه مليو ٿي ته ورنا ٿين ٿي نه نه هري انشا. پر هن خاص ڪم ۾ رام جو هن جي من تي گهڻو اثر ٿيو.

بازاريون گهمندي، هڪڙيءَ گهٽيءَ مان ٻيءَ ۾ هڪڙي دوڪان ٽان تي بيٺي لي، نيٺ ٻن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ رامداس کي هڪڙيءَ جڳهه جو ڏس مليو هتان هنکي ڪجهه ڪٽڪ جوانو، دال ۽ چار پيسا مرچ مصالحن واسطي مليا. اهي شيون رامداس هڪڙي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ٻڌيون. هو ماڻهن جي گوڙ واريون گهٽين مان ٻي لنگهيو. هنکي خبر ڪانه ٿي پيئي ته هو ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ جڏهين هو هڪڙيءَ گهٽيءَ جي وچ تي هو ته هنکي هڪڙي جوان جي سڏ ٻڌايو، جو هڪڙيءَ وڏيءَ ماڙيءَ واريءَ جڳهه مان ڪيس ٿيو هو.

هن چيو "مهراج! توهان مهنجي گهر مان اڄ واسطي ڀکيا ونڻ قبول ڪندين؟ جيڪڏهين توهان ائين ڪري سگهين ته هن گهر ۾ ٻارهين ٻجي اچجو."

اُن وقت اٽڪل ڏهه لڳا هئا. رامداس اُها نينڊ قبولي اچي وڌيو. نيٺ هڪڙي بند تيل دوڪان جي ٻاهرين ورانڊي ۾ وڃي ويٺو. اڃا ڏهه منٽ ئي نه گذريا ته هڪڙو ٻڍو ماڻهو (جنهنکي رد ڪيش جي وڏي مالها ڳچيءَ ۾ پيل هئي) هن توري مفاصلي تي هڪڙي گهر اڳيان اُس ۾ ڀکيا واسطي بيٺل ڏٺو. رامداس ٽاڙي وڄائي اُن ٻڍي ڀڪشوءَ کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. هو اُتي آيو. هڪ ٻئي کي رام رام ڪرڻ کانپوءِ ٻڍو رامداس جي ڀر ۾ تي ويٺو. هاڻي رامداس جي من ۾ رام خيال وڌو، اُها هڙ جنهن ۾ ڪٽڪ جواتو وغيره ٻڌل هئا ۽ هڪڙو آنو پڻ هنجي هٿ ۾ ڏنو. اڃا رامداس ائين ڪيو ته هن رامداس ڏانهن گهيرر

شوقين هو. هو هڪڙي ڪرشنا ڀاڳي ڪري سڌ پيدا ٿيا. هن
ڪي سندر شلوڪ مرهٽيءَ ۾ گئو مائا تي لکيا آهن. سچ پچ
گائو سرشٽي جي مائا آهي ۽ جنهن ۾ هڪڙو پاري آدرش
حليمائيءَ، ٻرٻرائيءَ، پاڻ قربان ڪرڻ ۽ معصوميت جو آهي.
گئو مائا کير ڏئي ٿي جنهن مان ڏڌ، مکڻ ۽ گيهه مائهن جي ڪم
اچن ٿا ۽ وري هوءَ ڍڳن جي ماءُ آهي جي ٻين ۾
هر کيڙي مائهن جي کاڌي واسطي اناج پيدا ڪن ٿا.
هن جو ڇيڻو ٻين ٻارڻ واسطي ڪم ۾ اچي ٿو.
ڪانيا واڙ ۾ جتي وڻ ۽ ٻيلا ويجهڙائيءَ ۾ نه آهن
اتي ٻاهه ٻارڻ جي ڪم ۾ ڇيڻو ئي ڪتب آڻيندا
آهن. وري مرڻ کان پوءِ هن ڪمائتيون شيون هن جي چمڙي
۽ هڏن مان جوڙ پيدا آهن. اي مائا! تون سچ پچ ڪامڌينو آهين!

راماداس هاڻي رام جي حڪم موجب ديا پور واسطي
پيرين پنڌ ويو جو هڪ ڪل ويهه ڪان چاليهه ميل پري آهي.
هن کي واٽ تي ڪي ڀوت لتاڙڻ آيا ۽ سيني ڀوتن ۾ اتي
جي رهندڙ سادن راماداس جي چڱي آجيان ڪئي. ڪن
ڀوتن ۾ شهر واسين هڪڙي ڀائوٽ ٻه ٽي ڏينهن رهڻ واسطي
مڃايو. سو اها مسافري رام جي مهرسان ڏاڍي آنند
واري ثابت ٿي. نيٺ هو سانجهيءَ ڌاري ديا پور ۾ پهتو.
هو سڌو هڪڙي رام مندر ۾ ويو ۽ پوڄا ڪانپوءِ ڪجهه پرساد
وٺي رات جي آرام واسطي هڪڙي ننڍڙي مڙهي ۾ سمهيو
جو مندر جي ڀرسان لڳيتو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو رام نومي جي ڏڻ ۾ وڌو ڪي هو ڪنهن
شاهوڪار واپاريءَ جي ڀيٽا ڪري جو سادن کي کاڌي
جو سامان ميسر ڪري ڏيندو هو. گهڻو ڪري سڀ ڪنهن
شهر ۾ اهڙا اڌار جمع وارا ڀڳت آهن. راماداس ٻهراڙي
روءِ سوءِ ... ڪري چڙهي ڏني هئي. سچ پچ تا 2

۾ پنجن ڏينهن رهيو.

رام ڏاڍو مهربان آهي. رامداس کي خبر پيئي ته منگل ويڍهه فقط ٻارهن ميل پنڍرپور کان پري آهي. هڪڙي ڏينهن هي اهو مفاصلو پنڌ ڪري هليو ۽ منگل ويڍهه ۾ منجهند ڌاري پهتو - شهر ۾ هڪڙي مهربان واپاريءَ هنکي کاڌو کارايو. انهن ٻئي ڏسڻ ۾ آيو ته هو رامداس جي اچڻ جي راهه ڏسي رهيو هو - رام جون رتون هميشه اهڙيون آهن جڏهن منش سڀ ڪجهه دست اندازي ڪرڻ کان سواءِ هن تي ڇڏي ٿو. منگل ويڍهه هڪڙو ننڍڙو شهر آهي جتي اٽڪل چار سؤ ورهيه اڳي هڪڙو وڏو مشهور سنت داماجي پنت ٿيو هو. جهونو ۽ ڊٺل قلعو، جنهن ۾ داماجي جي آفيس عام ماڻهن جي ڪمن هلائڻ واسطي بيجاپور جي راجا جي نظرداري هيٺ هئي سا اڃا اُتي آهي.

داماجي وٺويا پنڍرپور واري جو وڏو ڀڳت هو. ڪيئن هن هزارين ٻڪين، ڏڪار ۾ ورتل انسان جي پنهنجي ٻرير ۽ دان جي ڪمن سان ٻرگهور لڌي ۽ ڪيئن نه ڀڳوان وٺويا هڪڙي اڇوت جي صورت وٺي پنهنجي ڀڳت کي بچايو، سو هڪڙو مشهور مضمون هن وڏي سنت جي حياتيءَ جي ڳالهه ۾ آهي. هن سنت جي حياتي اڃا تائين هن برڪت واري شهر جي سڀڪنهن رهواسي لئائين پياري ۽ پسولو ڪندڙ آهي. هن سنت جي سماڌيءَ تي هاڻي هڪڙو مندر آهي جنهن ۾ ٽي پتلا آهن. يعني وٺويا، رکمڻي ۽ داماجيءَ جو. هتي ڀڄن، پوڄا ۽ ڌرمي ڪتابن جو پڙهڻ به هن مندر ۾ سڄو ڏينهن ۽ رات جو گهڻي ڀاڳي هلندو آهي. هتي به هڪ ساڌو رهي ٿو - رامداس هن جي سنگ ۾ پنج ڏينهن رهيو. اُهي ڏينهن رام جي ميا سان ڏاڍا خوشيءَ جا هئا.

ساڌو ساڌو ۽ ٻار جهڙو منش هو ۽ جو داماجيءَ جو سچو شش هو. هو هڪڙي اڇي گاڏيءَ ٽپا ٿيندو هو جنهنجو هو گهڻو

پنڍرپور - ٻيجاپور

پنڍرپور ونويا، سو تحقيق سڀ کان مشهور شهر آهي. اُتي ڀارتي هندستان جي سڀني طرفن کان درشن واسطي ايندا آهن. جون تائين مشهور اُتسون جي ڏينهن تي هزارين ماڻهو اُتي اچن ٿا. اُتي چندرڀاڳا سندر ندي ٻهي وهي. نديءَ جي ڪناري کان ٿورو پري وٺوبا جو مندر اڏيل آهي. اندر مندر ۾ گهوڙا آهي ڀاڳ کي هڪڙي واٽ جڳهه ۾ ڪم ڪرڻ، جو وچاني جاءِ سان سچويل آهي.

هڪڙي پاسي هڪڙو جٿو ڪنهن وچانمندي پٿر ۾ رڌل آهي. ٻئي پاسي پڪتبيءَ جو جنسي سروپ سمت مهمسا جي واڪاڻ ڪري وري وري مدوراڳ، گيت يا ٻورو مثال ڏيئي رهيو آهي. وري ٻئي هنڌ ڪي سمت تمورو همت ۾ ڪٿي سمت لڪارام جا اڀنگاس ٻيا ڳائين. هي مندر جي ڀاري ٿئين جي وڃهو واهي ڏيان ۾ ٻلڪل مجو آهن. اجا به ڪي ماڻهو وانڍن ۾ ڏرمي پستڪ پڙهڻ لاءِ ويهل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. وري ڪي ٻيا نچن ۽ ونسل ونسل ٻيا اُچارين! اڙي اهو ڪهڙو نه اڻ وسرندڙ نظارو هو جڏهن ۾ رامداس مندر ۾ گهوڙي ڪيترا پيرا ٻرام ۾ ڪم ٿي ويو. اُن مندر ۾ هميشه ڀاڳن جي ونويا جي درشن لاءِ ڀاري ڀيڙ لڳي رهندي هئي.

رامداس پنڍرپور ۾ شڪر جي هڪڙي ننڍڙي مندر (جو ٻوڙر نديءَ جي ڪناري تي هو) ۾ ساڌن جي سنگ،

ڪراچي تي سا سموري ڪيڏي چڙهڻ گهرجي.

سنياسيءَ وڌيڪ چيو ته ڪروڙن روپين جي سلڪ جا چين، جپان ۽ ٻين ملڪن مان گهرائي وڃي ٿي سا غريبن واسطي ڀاري نقصان آهي ۽ هندستان جي مالي حالت کي ڇيهو رسائي ٿي.

ٻڌي ستت وڏي فخر سان ٻي ڳالهايو ۽ رامداس کان پڻ پڇيو ته هو هن راءِ سان شامل هو يا نه؟

رامداس يڪدم پنهنجي لماڻي سياءَ ۽ ٻنان ڪنهن به هنڌ جي هن خرابيءَ جي ڳالهه نسبت پنهنجي پسندي ڏني.

سنياسي ڏاڍو چاهه سان ٻڌيل هو ۽ انهيءَ مضمون کي ڦهلائڻ ۾ مشغول هو. هو مندرن ۽ ڌرمشالائن جي ڀتين تي اشتهار لڳائي، اخبارن ڌڻارن پڌرائي ڪري سيٺين ڌرمشت ماڻهن کي عرض ڪندو هو ته سلڪ جو ورتاءُ اصل لاءِ ڇڏيو، جو هي پاپ وارو ورتاءُ آهي. هن سمجهايو ته سلڪ ڪم آڻڻ جي ڇهونڊي هندستان جي ماڻهن کي خبر نه هئي، ڇا ڪاڻ ته انهيءَ پاڪ ويدن ۾ ڪٿي به ذڪر ڪيل نه ٿو ملي سگهي ۽ ڪنهن به ڌرمشت پرش انجي ورتاءَ جي موڪل نه ڏني آهي.

سنياسي رامداس لي ڏاڍو مهربان هو ۽ مرضي هئس ته هو ٽرمبڪيشور ۾ اڃا ڪي ڏينهن وڌيڪ گذاري. پر رام جو حڪم ته اڳيئي پهچي چڪو هو. ٻئي ڏينهن صبوح جو رامداس اها جڳهه ڇڏي پنچونيءَ ڏانهن روانو ٿيو.

رامداس اتي منجهند کان پوءِ پهتو. پنچونيءَ ۾ سري رامچندر واري مندر ۾ ويو ۽ گوداوريءَ جي ڪناري تي ڪيترن سادن جو درشن ڪيائين. ٻئي ڏينهن هو اسٽيشن تي وڃي رات واريءَ گاڏيءَ ۾ روانو ٿيو ۽ منمد ۽ ڪرواديءَ جي مسافري ڪندو پنڍرپور پهتو.

آهي. رامداس جو پيو جنهن جو گهوڙي پٺ کي هيٺان اڀو ٿو
سو به پٺي ڏڏيو. هن اڳيءَ هٿ سڄو زور لڳائي وري ٻاڳ
سنڀاليو ۽ ترڪيل پير ڇڪي ورتو. اهو سڀ لمحي وار هن ۾
ساڻ ٿي ممڪن ٿيو. ٽوڙن ميٽن ڪانهي جو وري سائين ٻچڙي
کي آيو جو اڳڪيريءَ ڏانهن کي ورتو. موٽندي جو گهوڙي
ٽندي للاءِ کي پيٽ جو چشمي جي صاف پاڻيءَ ساڻ ڀريل هو.
اُن وري اڳيءَ پرهمٽ ساڻ گڏ ڀڄڻ ڪان جو هدا ٿيو هو.
هتا شڪر ته ليکي نه سگهيو، سو اُن جٽا موٽي مدد ڏانهن
وڌا ۽ سانتيءَ ڏاري لڪڙيءَ جي لاٽيءَ وارو رستو اهو جو
وري ترمڪشور پر پيٺا.

اڳيءَ رات رامداس کي وري وري اها ئي خيال
ٿي آئي ته جڏهن جو ڪرڻ هو ته ڪيئن نه رام جي ڪي
عمده نموني اُن اڳڪيريءَ ٽان ڪرڻ ڪان بچايو.

اڳيءَ سائيءَ سانجهين جو رامداس گهوڙيءَ نندڙيءَ
لڪڙيءَ کي چڙهي ويو ۽ گهڻي وقت گهوڙي مٿي سمهي
جي ڌرمشالا ۾ رهيو. اُتي رهي گهڻي گهوڙي ٻئي سنڀاليءَ
جي دوشن جو سوچيو ويچار ماڻيو، جو جو اُهيءَ ڌرمشالا ۾ ڪنهن
طرح رهيل هو.

رامداس ساڻ ڳالهين ڪندي اُنهيءَ بزرگ سمجهه ۾ آيو
جو ساڌ کي ٻولي ڪجهه ڪري جو آهي کي سمجهه لکڻ
ٽندو. هن جو جوش هو ته ڪجهه مان اها لال ڪجهه اٻوجهه
ايڪ آهي جو سڀ ڪان وڏ اڪ اُهو ۽ ٻولي جنهن آهي، ڳالهائڻ
ته جو گهوڙي ڳالهه جي ٻوٽي مان اوهي ٿو.

ساڌ جو ڪجهه پڙهيل ساڌ جا ڪتاب ماڻي ٿوري
حاصل ڪندي ٿو. انهن ڪوري جي ڏنيا وڃو ته ساڌ جو ڪجهه
ٻولي لفظ جي انداز اهاڻ ٻاب جي شيءِ آهي، جا ڏکي لاءِ

ٻ هنجي سنگ ۾ هليو. اهو ٻرهڻ فقط ٿوري پنڌ تائين ساڻس ڪٺو هو. ڇاڪاڻ ته جڏهين هنکي ڪانڌيرن ۽ اوچي اپريل گاهه ۾ ڪن مان هلڻو پيو ته اهي وڇڙي ويا جو ٻنهي رستو وڃائي ڇڏيو.

رامداس هاڻي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪڙي ڏاڪڻ جي وڏي قطار ڏٺي. هو اُنهيءَ جي وسيلي هيٺ لٿو ۽ هڪڙو ننڍڙو ڪليل تنگ ڏسي، اُن مان لنگهي ٻئي پاسي ويو ۽ پاڻڪي هڪڙيءَ ٻيءَ ٽڪريءَ تي ڏٺائين. پوءِ ٿورو پنڌ ڪري هو ساڳيءَ طرح جي ٻئي لنگهه وٽ آيو ۽ اُن مان به لنگهي وري ٻئي پاسي اُتيءَ ٽڪريءَ تي پهتو. رامداس اڄا بس اڳتي وڌيو. هو ڪنڊن وارن ٻوٽن ۽ گهاٽي اپريل ڪن مان لنگهي، نيٺ جبل جي چوٽيءَ تائين وڃي پهتو. اُتي لاهيءَ جي بلڪل ڪنڌي تي هڪڙو ننڍڙو پڇرو ڏسڻ ۾ آيو.

رامداس هاڻي نهايت اُتيءَ ٽڪريءَ جي ڪنڌي تي بيٺل هو. ٽڪريءَ جو تڙو اُن جڳهه کان ڪيترا سو فوٽ اونهو ۽ بلڪل سڌو هيٺ ڏسڻ ۾ پئي آيو. اُنهيءَ سلاميءَ تي هاڻ هڪڙو ڏاڍو خوفناڪ آزمودو هو، پر رامداس کي هڪڙي عجيب چاهه پڪڙيو. هو اُن سلاميءَ کان آهستي ترڪڻ لڳو. ٽڪريءَ تي سنهو سڪل گاهه اپريل هو. هنجا ٻئي هٿ اُنهيءَ ڏکئي ڪم ۾ رڌل هئا. اهڙي حالت اهڙي هئي جو هرهڪ پل خبردار رهڻو هو، پر رامداس بي پرواهه ۽ بي ڊپو هو. اوچتو سڪل گاهه هنجي ڏائي هٿ مان ڇڏائجي ويو ۽ هنجو ڏائو پير ترڪي ويو. رامداس تڏهين به وياڪل نه ٿيو ۽ ٻمه سانتيڪو هو ۽ رام جو نالو ڏاڍي زور سان پئي اُچاريائين.

رام جي ٻچائڻ جي اِها آزمائش ڏاڍي سخت هئي. ڪجهه به ڪرڻ اُن سورشڪتيوان رام جي اڳيان ناشدني نه.

ترمبڪيشور

رامداس ٻئي ڏينهن صبح جو ترمبڪيشور ڏانهن روانو ٿيو، جو پنچوٽيءَ کان سورهن ميل پري هو. هو مقدس جڳهه جو ٽي بجي کانپوءِ اتي پهتو. انهيءَ هنڌ ننڍڪي ڪيدارناٿ ۽ بدريناٿ جي يادگيري ڏياري. جنهن ميدان تي شهر ۽ مندر جڙيل آهن، تنهن جي ٽنهي پاسن جي چوڌاري اوچا جبل آهن. انهن جبلن تي هڪ ٻئي پٺيان چڙهيو. پهرين ٽڪري انجنيءَ جي هئي، جنهن کانپوءِ گنگا دوار ۽ تنهن کانپوءِ انهن کان وڌيڪ مٿي برهمگريءَ جي ٽڪري هئي.

برهمگيريءَ تي چڙهڻ نه وسرڻ جهڙو هو. رامداس ان تي اڪيلو چڙهيو پر رام هن جي چپن تي هو. ٽڪريءَ تي چڙهي هو ٻئي پاسي کان لاهيءَ تان هيٺ لٿو. هو هڪڙي ننڍڙي تلاءَ جي مٿان شنڪر جي مندر وٽ پهتو، جتي هڪڙو سادو رهندو هو. ان سادوءَ رامداس جي ڏاڍي مهمان نوازي ڪئي. هن ان ٽڪريءَ تي گوتم جي ايام اڳ ڪيل تپسيا بابت ڳالهه ڪئي. سادو اتي اڪيلو رهندو هو، صرف ڪي ٻاندر مندر جي ڇت تي ٻيا ڊوڙون پائيندا هئا. سادوءَ، رامداس کي پنهنجو رواجي کاڌو پيتو ڏنو، هڪڙيءَ ٽڪريءَ مٿان هڪڙو سنهو پيچرو ڏيکاريو. سادوءَ چيو ! اهو رستو هن کي انهيءَ هنڌ وٺي ويندو جنهن کي ”جٽا شنڪر“ ڪري ڪوٺيندا آهن.

رامداس يڪدم اتان روانو ٿيو ۽ هڪڙو برهمڻ ٻالڪ

ٻئي ڏينهن منجهند جو رامداس اٽڪل ٽي ميل پنڌ ڪري هڪڙيءَ جڳهه تي وڃي پهتو، جنهن کي تپوبن ڪري سڏيندا آهن. هيءَ اها جڳهه آهي جتي سري رامچندر جي ڀاءُ لڪشمڻ، راوڻ جي ڀيڻ ڏائڻ شرپنکا جو نڪ ڪاٽيو هو تپوبن هڪڙو سنڌر ۽ موهيندڙ هنڌ آهي. اتي گوداوري نديءَ جو صاف پاڻي جبلن جي تري تي پيو وهي. انهن مان ڪنهن ۾ هڪڙي ٽڪر مٿان وڃي چوڏاري نظر ڦيرائڻ سان ڏاڍا دل ڇڪيندڙ نظارا ڏسجن ٿا. اتي هڪڙي وڏي ٽڪر تي هڪ ٻئي سان لاڳو ڪيترا چوڙس غار ٺهيل آهن. اٽڪل ڏهه فوٽ ٽڪر جي ترائيءَ کان ٻري جتي نديءَ جو پاڻي ڏاڍي زور سان پئي وهيو، رامداس رات جي پوڄا واسطي هڪڙو غار پسند ڪيو. هو نديءَ ۾ اشنان پاڻي ڪري هڪدم مٿي چڙهيو ۽ اهو غار والاريائين. رات نهايت ٿڌي هئي. رامداس جي اک بلڪل ڪانه لڳي. هو سڄي رات وهائي رهيو ۽ رام جو پوتر نالو پيو اچاريائين. تپوبن ۾ هو ڪيترن ساڌن سان مليو. ٻئي ڏينهن هو موٽي پنچوٽيءَ ۾ آيو، جتي هڪڙو ڏينهن رهيو.

آجي ھئي تڏھين رامداس قبول نہ ڪندو ھو. اُنوقت گوداوريءَ جي ڪناري تي تہ تہا بہ گھٽي ھئي.

رامداس واپاري دوست جي زور ڀرڻ تي بہ ڏينھن اُتي رھيو. ٻيءَ رات ھن دوست رامداس کان سوال پڇيو تہ ھن ڪنھن بہ سڀني کي آتڻ جي طاقت حاصل ڪئي آھي؟ رامداس جواب ڏنو تہ ھنکي اھڙيءَ ساڌنا جي ڪا بہ ڄاڻ ڪانہ آھي. ھنکي صرف رام جي نالو اُچارڻ ايندو آھي.

دوست چيو "گروجي! جيڪڏھن توھان چاھيو تہ انھن بہ ڪري سگھو ٿا، جيئن تہ مثال طور توھان سچيءَ دل سان رام کان ٻيءَ دنيا لاٿيءَ جا ڪنڌڙ ڏسو ٿا تہ اُھي تمر لوکي سڀني بہ ڏيکاريا ويندا."

رامداس جواب ڏنو تہ "رامداس کي سواءِ رام جي ٻيو ڪجھ بہ نہ گھرجي."

دوست اشارو ڏنو "توھان ڏسو، جيڪي ڪشا آڳيا سي ڪنھن پنھنجي سوارٿ لاءِ نہ، پر ساڌن کي ڪاڏو ڪارڻ جي ڪم بہ لڳايا ويندا."

رامداس ورائيو "رام خود اسان کان وڌيڪ ساڌن جي ڪارڻ جي ڪم لي نظر ڪري ٿو."

اھو ٻڌي دوست لاچار ماٺ ڪري ويٺو. ڏھسا لا بہ ھڪڙي بيمار ڇوڪري ھئي جھنکي ڪيترن ھفتن کان بخار ايندڙ ھو. ڇوڪريءَ جي ماءُ رامداس کي چيو تہ مھرباني ڪري ڇوڪريءَ جي تندرستيءَ واسطي رام کي پرارٿنا ڪريو.

رامداس ڇوڪريءَ جي بستري وٽ آيو ۽ رام کي عرض ڪيائين تہ ھنکي تندرستيءَ جي برڪت ڏي. رام جو انعم ڪيو حاڻي! ڇوڪري ٻہ ڏينھن خوش ڏسڻ ۾ آئي ٻروري بيمار ٿي پيئي. رام ٿي حاڻي تہ اُنھن جو ۽ ڇا لاءِ ٿيو؟

پڇا ڪيا ٿين ته هن ماني کاڌي هئي يا نه. جڏهنتي رامداس جواب ڏنو اـــ.

هن چيو "چڱو! اچ، مان توکي هڪڙيءَ جڳهه تي وٺي هلندس جتي توکي ماني ملندي."

اهو ماڻهو رامداس کي هٿ کان وٺي ساڳئي رستي جي توري پند تي وٺي ويو ۽ هڪڙي اوچي مڪان ۾ گهڙيو. مڪان جي اندر ورانڊي ۾ هڪڙو دوست ويٺل هو، جنهن کان هن پڇا ڪئي ته هڪڙي ساڌوءَ کي کاڌو ڏيڻ ممڪن آهي يا نه؟ اهو دوست انهيءَ سوال جي پڪ ڪرڻ لاءِ اندر ويو. هن جي موٽي اچڻ کان اڳ، انهيءَ سونهين (جو رامداس کي اتي وٺي آيو هو) چيو ته:

"مهراج! ڏس، توکي کاڌي واسطي ڪا به چنتا ڪرڻ نه گهرجي. مونکي پڪ آهي ته جيڪڏهن هت ماني ميسر نه هوندي تڏهين به توکي ضرور ملندي."

"جڏهن رام جو پچن هردم رامداس جي چپن تي آهي تڏهن هوُ هميشه انهن چنتائن کان پري آهي" اهو جواب رامداس ڏنو.

پوءِ هن کي انهيءَ ڌرمشالا مان مانيءَ جي آڇ ٿي. رام هر قدم تي رکيا ڪري ٿو. انهيءَ ماءُ وانگر، جنهن کي نئون ٻار ڄمي ٿو ۽ سندس پرگهور لهي ٿي، تهڙيءَ طرح رام کي به پنهنجن ڀڳتن واسطي هزار ڀاڱا وڌيڪ سانگو ۽ چنتا هر وقت رهي ٿي.

اُن ڌرمشالا ۾ هڪڙو ايڪانتي واپاري رهندو هو. هاڻي رام، رامداس کي اُن واپاريءَ جي هٿ ۾ ڏنو. واپاريءَ کي رامداس لاءِ ڏاڍو پيار اُٿڻ ٿيو. اڄ رات جو هن جي جاڻ ڪا نسواءِ هيءَ مهربان دوست رامداس کي بلڪيت سان پئي ڪيندو هو، جا ڪاڻ ته جڏهين هن کي ڪمبل

پنجوٽي ۽ تپوبن

پنچوٽيءَ ۾ پهچي ويا. رامداس اُتي سندر گوداوري نديءَ ڏٺي، جنهن جي ڪناري تي ڪيترين ئي ڌرمشالائون آهن جتي سادن، مهتمن ۽ غريب ٻارن کي کاڌو ملي ٿو. اُنهن مان هڪ ڌرمشالا ڏانهن هن پنهنجا قدم کڻيا. اُنهيءَ ڌرمشالا جي ورانڊي ۾ هن ڪئين ٻيراڳي، فقيرياڻيون ۽ ٻار ڏٺا. اُتي رامداس رام جي سيکارڻ موجب پنهنجي ميوي واري ٿڙ کولي، جا رامڪرشن راوَ ڪس ڏني هئي. اُن ۾ جيڪو ميوو وغيره پيو هو سو هن اُتي ويٺڙن ٻالڪن کي ورهائي ڏنو ۽ سڄي ٿڙ خالي ڪئي. اُن ڪري رامداس گهڻي ٻار کان آزاد ٿيو.

رام جو نه پنهنجي ڀڳتن کي هميشه اهو حڪم آهي ته کاڌي ۽ ڪپڙن جي ڪا به چنتا نه ڪريو.

رامداس پوءِ پوتر نديءَ تي وڃي ڪپڙا ڌوتا ۽ اشنان ڪري ڪناري تي رام جي ڌيان ۾ وڃي ويٺو. وقت گذرندو ويو، منجهند ڌاري هو اُٿيو ۽ ڌرمشالا ڏانهن ويو. اندر گهڙندي هن ڏٺو ته سامهون واري دروازي کان ڪئين سادو ۽ ٻيا ماڻهو مانيءَ کائڻ کانپوءِ هٿ ڌوئڻ واسطي ٻاهر اچي رهيا آهن. اهو ڏسي رامداس ڪيترو وقت سامهون ڪري رام جي نالي اُچارڻ ۾ مشغول رهيو.

هڪڙو ماڻهو جو سياءُ جو ڪجهه سخت ٻي ڏسڻ ۾ آيو، رامداس جي ويجهو اچي هٿ جي ٻر ويٺو ۽ رامداس کان

۽ هُو هيٺ لهي.

هتي ٻه وري رام جي طاقت هٿي هنڌ ڪيو. اُنهيءَ وقت انسپيڪٽر جي من ۾ ڪو رام اچي ويٺو جو اوچتو هن جي روش ۾ ڦيرو اچي ويو.

انسپيڪٽر ڏاڍي نمرتا ڀاو سان رامداس کي چوڻ لڳو ته معاف ڪجو، تڪليف نه ڪريو ۽ ٽرام ۾ پلي وڌيڪ مسافري ڪريو.

رام جون آزمائشون ڪڏهن ته وقت بيان ڪڏهن چتاءَ جي ٽين ٿيون. هر ڪڏهن انسان کي هميشه اُنهن واسطي تيار رهڻ گهرجي ۽ سڀ ڪنهن ڦير ڦار کي صبر ۽ شانتيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي. رام جي اِڇا اَنوسار هنجي پورن آگيا ۾ رهجي، ته پوءِ نڪو ڏک، نڪا نااُميدي ۽ نڪو ڪنهن قسم جو ڀؤ ڀاسي ٿيندو.

پروينل هو ۽ جو پڻ ناسڪ وڃڻو هو) عرض ڪيو ته رامداس جو سونهون ٻڌي هنجي سيال لٿي.

گاڏي ناسڪ اسٽيشن تي پهتي. ٽنهي سونهون رامداس کي اسٽيشن کان ٻاهر وٺي آيو. اُتي هڪڙي موٽر ٽرام بيٺل ڏسي هن کي اشارو ڪري دوست چڙهي پيو ۽ رامداس ٻه هنجي پٺ ورتي. جلدئي ٽرام مسافرن سان ڀرجي ويئي ۽ جڏهين گهنڊ لڳو تڏهين ٽرام هلڻ لڳي. ٽرام جو ڪنڊڪٽر بس مالڪن کان ٽڪيٽن وٺڻ ڪاڻ رامداس وٽ آيو ۽ هن کان ٽڪيٽ جي پئسن جي گهُر ڪئي. رامداس کي اُنوقت برابر ڪو ٻه پئسو ڪونه هو سو جواب ۾ ڪجهه ڪهي نه سگهيو. رامداس جيسين ڪجهه ني ڪچي تيسين سندس پر پروينل ڪن مسافرن گڏجي آواز ۾ ڪنڊڪٽر کي چيو ته هي ڀاڻي ڪري ساڌوء جو مغز ته ڪباه. هن وٽ ڪو ٻه پئسو نه آهي ۽ نه ڪيس ڪو پئسي رکڻ جو ويچار ئي ڪرڻو آهي. تنهن ڪري هن کي ٽرام ۾ ويهڻ جي موڪل ڏيڻ گهرجي. ڪنڊڪٽر ويچاري کي رامداس ٻاران مسافرن جو عرض مڃڻو پيو.

ٻي ميل اڳتي هلي هڪڙو انسپيڪٽر ٽرام اندر آيو. اُهو وڏو مڇن سان هڪ ترڪ آدمي ٿي ڏٺو. رامداس وٽ اچي هن ٽڪيٽ جي گهُر ڪئي. بس هاڻي ته رامداس کي ٽڪيٽ ڪاڻ هٿي، ليڪن انسپيڪٽر ڏاڍو سخت ٿي جوڙ لڳو ته ساڌوء کي ٽڪيٽ کانسواء مسافريء جي موڪل ڪانه ڏيئي سگهبي. انسپيڪٽر جي اِهي جوڙ تي اُنهن ساڳين دوستن (جن رامداس جي ٻاران ڪنڊڪٽر کي عرض ڪيو هو) وري انسپيڪٽر سان پڻ ڳالهايو. پر هنجي جوڙ جو انسپيڪٽر تي ڪو به اثر ڪونه ٿيو. ان ڪري رامداس واسطي صرف هڪڙوئي رستو کليل هو ته ٽرام مان لهي وڃي. هو يڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ انسپيڪٽر کي عرض ڪيائين ته ٽرام کي بيهاري

۽ هوءَ هيٺ لهي.

هتي ٻه وري رام جي طاقت هٿي هند ڪئي. اُنهيءَ وقت انسپيڪٽر جي من ۾ ڪو رام اچي ويٺو جو اوچتو هن جي روش ۾ ڦيرو اچي ويو.

انسپيڪٽر ڏاڍي نمرتا ڀاءُ سان رامداس کي چوڻ لڳو ته معاف ڪجو، تڪليف نه ڪريو ۽ ٽرام ۾ ڀلي وڌيڪ مسافري ڪريو.

رام جون آزمائشون ڪڏهن به وقت ٻڌائي ڪڏهن چتاءُ ڏيئي ڪين ٿيون. هر ڪڏهن انسان کي هميشه اُنهن واسطي تيار رهڻ گهرجي ۽ سڀ ڪڏهن ڌير ڌار کي صبر ۽ شانتيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي. رام جي اِڇا اَنوسار هلجي ٻڌن آڳيا ۾ رهجي، ته پوءِ نڪو ڏک، نڪا نا اُميدي ۽ نڪو ڪنهن قسم جو ڀؤ ڀاءُ ئي ٿيندو.

پر ويٺل هو ۽ جو پڻ ناسڪ وڃڻو هو) عرض ڪيو ته رامداس جو سونهون ٻڇي هنجي سنڀال لهي.

گاڏي ناسڪ اسٽيشن تي پهتي. تنهن سونهون رامداس کي اسٽيشن کان ٻاهر وٺي آيو. اتي هڪڙي موٽر ٽرام بيٺل ڏسي هن کي اشارو ڪري دوست چڙهي پيو ۽ رامداس به هنجي پٺ ورتي. جلدئي ٽرام مسافرن سان پرجي ويئي ۽ جڏهين گهنڊ لڳو تڏهين ٽرام هلڻ لڳي. ٽرام جو ڪنڊڪٽر بس ماڻهن کان ٽڪيٽن وٺڻ لڳو ۽ رامداس وٽ آيو ۽ هن کان ٽڪيٽ جي پئسن جي گهُر ڪئي. رامداس کي اُنوقت برابر ڪو به پئسو ڪونه هو سو جواب ۾ ڪجهه ڪچي نتي سگهيو. رامداس جيسين ڪجهه ني ڪچي ليسين سندس ڀر ۾ ويٺل ڪن مسافرن گڏيل آواز ۾ ڪنڊڪٽر کي چيو ته ههڙي ٻاني ڪري ساڌوءَ جو مغز نه کاءِ. هن وٽ ڪو به پئسو نه آهي ۽ نه ڪيس ڪو پئسي رکڻ جو ويچار ئي ڪرڻو آهي. تنهن ڪري هن کي ٽرام ۾ ويهڻ جي موڪل ڏيڻ گهرجي. ڪنڊڪٽر ويچاري کي رامداس ۽ ان مسافرن جو عرض مڃڻو پيو.

ٻئي ميل اڳتي هلي هڪڙو انسپيڪٽر ٽرام اندر آيو. اُهو ڏٺي مڇن سان هڪ ترڪ آدمي ٿي ڏٺو. رامداس وٽ اچي هن ٽڪيٽ جي گهُر ڪئي. بس جئن ته رامداس کي ٽڪيٽ ڪانه هئي، ليڪن انسپيڪٽر ڏاڍو سخت ٿي چوڻ لڳو ته ساڌوءَ کي ٽڪيٽ کانسواءِ مسافريءَ جي موڪل ڪانه ڏيئي سگهبي. انسپيڪٽر جي اهڙي چوڻ تي اُنهن ساڳين دوستن (جن رامداس جي ٻاران ڪنڊڪٽر کي عرض ڪيو هو) وري انسپيڪٽر سان ڳالهيون ڪيون. پر هنجي چوڻ جو انسپيڪٽر تي ڪو به اثر ڪونه ٿيو. ان ڪري رامداس واسطي صرف هڪڙو ئي رستو کليل هو ته ٽرام مان لهي وڃي. هو يڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ انسپيڪٽر کي عرض ڪيائين ته ٽرام کي بيهاري

رامداس اُن پاڻ وٽ چار ڏينھن رھيو. ھن جي گھر جا ڀاتي بہ منھس ڏاڍا مھربان ھئا.

رامداس جيڪي ڏينھن اُتي ترسيل ھو، روز صبوح جو بمبئي جي ڪيترن مندرن ۾ ويندو ھو ۽ اُنھن ساڌن وٽ پڻ، جي مندرن جي ويجھو رھندا ھئا. ھڪڙي رات ھن والڪيشور مندر جي وڏي تلاءَ جي ڏاڪڻ تي گذاري ۽ سڄي رات جاڳي رام ڀڄن ۾ ڪاٽي.

رام جي حڪم موجب رامداس اُتان نڪرڻ جي تياري ڪئي. اُھو مھربان پاڻ رامڪرشن راءُ ھنکي ريلوي اسٽيشن تائين وٺي ويو ۽ ناسڪ جي ٽڪيٽ وٺي رامداس کي رات واريءَ گاڏيءَ ۾ وھاريو. رامڪرشن راءُ کي ھنجي ڏاڍي گھڻي چنتا ھئي جو ھنتي زور رکيائين تہ ھڪڙي ننڍڙي ھٿ جھن ۾ ڪيلا، سنگتڙا ۽ ڪي مٺايون ٻيل ھيون سي پاڻسان کڻي وڃي. ھاڻي گاڏي ھلڻ لڳي.

رام ھاڻي رامداس کي ھڪڙي ٻئي دوست جي سنگت ڏني، جو ھن جي ڀر ۾ ساڳيءَ ٻينچ تي ويٺو ھو. ھوُ ناسڪ کان ٻہ اسٽيشنون اڳ، تائين رامداس سان ڪٺو ھليو. وات تي ھن سواءِ رام جي ٻي ڪابہ ڳالھہ ڪانہ ڪئي. گھڙيءَ گھڙيءَ ھوُ رام جا گڻ ۽ پنھنجي اندر مان رام جا گيت ٿاھي ڳائيندو پئي ھليو. سچ پڇہ تہ ھوُ رامداس کان بہ وڌيڪ رام جو پاڳل ھو. اُتي رام، رامداس کي پئي سيکاريو تہ ھن جو سچو پڇو پاڳل بڻجڻ ڇا آھي؟

ھن جي گفتگو ۽ رام جا ڏاڍيءَ سڪ ۽ پريم ڀريل ...اڳ ٻڌڻ، سچ پڇہ ڏاڍو آنند ڏيندڙ ھئا. اِھا تہ رام ...جي اڳيئي رٿ ٺاھيل ھئي ڇو جو رام تہ ھميشہ پنھنجي مھربانيءَ ...سان پنھنجن ٻچڙن سان ٻيو کيل کيليندو آھي

ھن دوست لھڻ کان اڳي ٻئي مسافر کي (جو سندس ڀر

دوست چيو ”اهو مان ڪيئن ڪري سگهان ٿو؟ مان من کي وس ڪري نٿو سگهان.“

رامداس جواب ڏنو ”چڱو ڀلا! هاڻي هڪڙو منتر، جو رام رامداس کي حڪم ڏنو آهي ته لوڪن کي ڏي، سو هيئنئي اُچارڻ شروع ڪر ۽ اُنهيءَ جو اثر ڏس.“

ائين چئي رامداس هن کي رام منتر جو اُپديش ڏنو ۽ اُهو اُٽڪل پندرهن منٽ هن ساڳيو منتر ڀر ڀر اُچاريو. جيئن هن منتر پئي اُچاريو تيئن هن جهونڪاري جو جوش پئي محسوس ڪيو. تنهن کانپوءِ هو اُٿيو ۽ ڏاڍي نوڙت ۽ نياز سان رامداس کي چيائين ته:

”بيشڪ! مونکي شانتيءَ جي دروازن جي ڪلف جي سچي ڪنجي ملي آهي.“

هن وڌيڪ قبول ڪيو ته منتر جپڻ جي هڪڙي سائنس جو آزمودو مليو آهي ۽ هميشه اُن کي اُچارڻ نه ڇڏيندس. تنهن کانپوءِ هو اُتان هليو ويو.

رامداس هاڻي وري چريائپ وارو راڳ شروع ڪيو. هو هڪڙي ويڪري رستي تان هلڻ جو پورٽ ٽرسٽ عمارتن ۽ ڊاڪس جي لڳو آهي، هو ويو پئي اڳتي هلندو. هاڻي هو ٻه ٻڪڙن واريون گهٽيون مان لنگهي، پلين ۽ ريلوي لائين جو پُل لتاڙي سمنڊ اٽڪل ٽن اچي ڏاري پاڻ کي هڪڙيءَ جاءِ جي سامهون بيهل ڏنائين، جنهن جو هو واقف هو. هن مٿي لنگهيل پورب ڏانهن نهاري ڏٺو، جنهن کي پاڻ ڪرشن راءِ جو ٽالو لڳل هو. اُتي ڏنڊو هو شڪليون ڇڏي. رامداس کي سيکاريو ته ڏاڪڻ چڙهي مٿي وڃ ۽ هو مٿي ٻه هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ پهتو جا اُن پاڻ ٺاٺ اُنهيءَ پاڻ دل وٽان سان سندس آجيان ڪئي.

اُن وقت رامداس جو جواب جو رام ٽي ھن ڪان ڏيارِيو، سو ھو فقط ماٺ ۾ خوشيءَ سان پنھنجي چڱڪي ساڌوءَ کي ڏسڻ ۾ يڪدم اُنھيءَ ھنڌ تان ھليو ويو. ھاڻي ھُو اُس ۾ چرئي ماڻھوءَ وانگر ڀي ڀٽڪيو. اُن کي چرئي ماڻھوءَ وانگر، ڇو ٿو چئجي؟

ڇا ڪاڻ تہ ھُو سچ پچ چريو ھو، رام جي پريم ۾.

رامداس ھلندو ٿي ويو، سواءِ ڪنھن ھوش جي. ھن پنھنجا قدم فورت ڏانھن کنيا ۽ ھڪڙيءَ گھٽيءَ مان اِيءَ گھٽيءَ ۾ ڀي ڦريو. ھڪ ڦرڻ واريءَ جڳھہ جي فوت پاٿ تي وچينءَ عمر واري دڪ ۾ ورتل اِنسان رامداس کي ڪيڪاريو ۽ ھڪ پئسو ڏنو. رامداس ھنجي ڪيڪار جي موت ۾ چيو تہ ھن کي پئسو نہ کپي پر ميوو وٺندو. اُتي ئي ھڪڙيءَ ماڻا ڪيلا ڀي وڪيا. اُن دوست اُن پئسي سان ھڪڙو ڪيلو ڳڏو ۽ رامداس کي ڏنائين.

ھاڻي اُنھيءَ دوست رامداس کي فوت پاٿ تي وھاريو ۽ پنھنجو حال بيان ڪيو. ھن چيو تہ مونکي فقط ھڪڙو پٽ ھو، جو سچ پچ جواھر ھو. ھُو ڪھڙو نہ سمجھو، حلم ۽ چال جو چڱو، اُميدن رکڻ جھڙو، پرھمي ۽ ڀرلم ڪرڻ جھڙو ۽ شڪل جو ڀڻ سھڻو، اصل پورنتائيءَ جو پتلو ھو. اُنھيءَ پٽ کي ھڪ مھينو ٿيو تہ پليگ ختم ڪيو. ھن اُنھيءَ دک واري ڌڪ جي صدمي پڄڻ سبب چريائي ڀي محسوس ڪئي. تنھنڪري ھن رامداس کي عرض ڪيو تہ اِھا آيدا سھڻ لاءِ ڪو رستو ٻڌائي. تڏھين رامداس جواب ڏنو:-

"يا ٿو! پنھنجي پٽ وڃائڻ تي ڏک ڪرڻ آھي گمراھي کي چمبڙڻ. دک کان ڇوٽڪارو پائڻ آھي سچ کي سڃاڻڻ. سچ کي سڃاڻڻ جو فقط ھڪڙوئي رستو آھي، اُھو آھي يڪوان جو ڌيان ڪرڻ."

اها ڏرمشالا هميشه ڀريل رهندي هئي. انهيءَ ۾ ٻن کان ٽن سون لائين ساڌو رهي سگهيا ٿي. پرڀات جو اٽڪل چئن ڄڃي ڏاڙي رامداس ننڊ مان جاڳيو. اٿي سان ٻوريا ٽن اُن ڏرمشالا مان موهيندڙ ۽ سريلي راڳ جو آلاپ سندس ڪنن تي پيو. راڳ جو مضمون صرف "راڌا ڪرشن" هو. پر هنن ٽمونن ۾ ڀڳتيا ٿيون مالا ٿون ڳائي رهيون هيون، سو نهايت دلسوز سر هو ۽ انهيءَ سر هوا کي پڻ مٺي موهيندڙ جادوءَ سان ڀري ڇڏيو. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته خود ڪرشن جو پيار انهيءَ سر سان ملي هڪ ٿي ويو آهي. رامداس پاڻکي آنند جي مٿاهين ٿي چڙهيل محسوس ڪيو ۽ ڏاڍو مڙو ٿي ويو جيستائين ڪ راڳ ئي هليو.

ڏينهن ڦٽو. رامداس نڪي اان اشنان پاڻي ڪري ٻاهرجيءَ جڳهه تي موٽيو مس ته ڪيس هڪڙي دوسمه هڪڙي چٺڪي (ٽڪيٽ) ڏني ۽ چيو ته ڇهن ساڌن سان گڏ (هنکي پڻ ساڳيون چٺڪيون مليل هيون) هلي.

هن وڌيڪ چيو "لوهاڻ سيٺي ڪي هڪڙي سوداگر ٻاهرجي گهر ۾ ماني کائڻ جي نينڊ ڏني آهي."

ستن ئي ساڌن انهيءَ نڪس سونهين جي پٺ ورتي. هو ساڌن کي گهٽين مان ڦيرائيندو، ڦرائيندو آخر اُن مهمانوار جي ٽيڙ وٽ وٺي آيو. جتي ته ڪاڏي ملڻ ۾ اڃا ڪافي وقت هو، ٽيڪري ساڌو ٽيڙ جي ڪمپائونڊ ۾ وڻن جي ڇانو هيٺ وڃي ويٺا. رامداس. اڃا هڪڙي ڄڻ ئي مس ويٺو ته هڪڙي ساڌوءَ وڃي اچي ڪيس چيو:

"سوامي جي! جيڪا ٽڪيٽ مونکي ملي هئي سا رستي ۾ ڪٿي ڪري وئي آهي. موت براٻر ڏينهن کاڌو [illegible] ٽڪيٽ ڪانسواءِ کاڌو ملندو يا نه؟

گاڏي ڏري گهٽ احمد آباد پهچڻ واري هئي تہ هڪڙيءَ اسٽيشن تي هڪڙو ٽڪيٽ انسپيڪٽر ٽڪيٽن جي چڪاس ڪرڻ آيو. هن اٽڪل اڌ ڊزن ساڌو گاڏيءَ ۾ بنان ٽڪيٽ جي مسافري ڪرڻ وارا لڌا. هڪدم حڪم ڏنائين تہ سڀ ساڌو گاڏي مان لهي وڃن. اُنوقت حڪم ٻڌي رامداس بہ اُٿيو. پر ٽڪيٽ انسپيڪٽر جو هن جي بلڪل نزديڪ ويٺو هو تنهن رامداس جي ڪلهي تي هٿ رکي هن کي ويهڻ لاءِ زور ڪيو ۽ چيائين:

”مهراج! توهانجي لهڻ جي ضرورت نہ آهي. جيڪي مون چيو سو توهانجي واسطي نہ هو.“

اڙي رام! رامداس واسطي اِها پاسخاطري ڇو؟ پر نہ. هن کي ڪو بہ حق اوڪان سوال پڇڻ جو نہ آهي. اڙي رام! اِهو ئي بس آهي.

جڏهن گاڏي احمد آباد آئي تہ گاڏيءَ ۾ ڪن دوستن رامداس کي ميوو وغيره کائڻ لاءِ ڏنو. هن ڏٺو تہ گاڏي جا مسافر جي سندس پر ۾ ويٺا هئا، سي سڀ مٿس ڏاڍا مهربان هئا، جيتوڻيڪ رامداس سمورو وقت ماٺ ۾ هو ۽ هن فقط رام جو نالو ساهہ سان پئي اُچاريو. گاڏي اٽڪل اٺين بجي شام جو بمبئيءَ جي گرانٽ روڊ اسٽيشن تي پهتي.

رامداس اسٽيشن کان ٻاهر نڪري، رام جي سکيا موجب سڌو ڀوليشور مندر ڏانهن ويو. هو جنهن هلندو ٿي ويو تنهن رستي جي هر هر پڇا ڪندو ٿي ويو. نيٺ هو مندر ۾ اچي پهتو. هو رات واسطي مندر جي هڪڙيءَ پاسي واريءَ ڏاڪڻ جي هڪ ڏاڪي تي آرامي ٿيو. اُن مندر جي ويجهو هڪڙي وڏي ڌرمشالا ماڙين سان هئي، جا هڪڙيءَ داني مسلمان جا ڪنهن ٻائيءَ جي آستان ٽيل هئي.

بمبئي

سو اٽڪل هڪ ڪلاڪ سخت لڏ ۾ اُنهيءَ ڏاڪڻ ۾ بيهڻو ۾ گذري ويو. نيٺ سورج ديوتا جو جهلڪ وارو وڏ لڪڙو لڪڙو اُفق ۾ وڌي آفتاب سان ظاهر ٿيو ۽ اُميدن ۽ خوشيءَ واري ڏينهن جو اُڳراڻ ٿيو.

ٻوليءَ جي ڪيترن ئي ساڌن، اُن ڏي ساڌو رام جي اڳوانيءَ ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ ٻاهر ٻئي جڳا ٿا ڏسي اُلان ۽ وانا ٿيا. پر رامداس جو سمورو وقت لاتعداد وانگر ماڻهن ۾ هو سو صرف رام جي لاءِ اچارڻ ۾ ئي مشغول هو. رامداس ساڌو رام کي سوگهو جهلي بيٺو. سندس صندل ۽ لوٽي ڪلهي ۾ مدد ڪيا ۽ سندس ٻئي ورتا ٿين.

جوٿيڪ ساڌو ڪجهه وقت هڪٻئي کان جدا ٿيا پر الڳ ۾ ۽ واڄهيءَ اسٽيشن تي وري ٻاهر ۾ سڀ گڏيا. اُتي بمبئيءَ جا گاڏي اُتر طرف تي وڃي لڏڻ ۾ چڙهي بيٺا.

ويرمگام تي گاڏي بدلڻي هئي. مسافرن جي گوڙ ۾ رامداس ۽ ساڌو رام هڪٻئي کان جدا ٿي ويا ۽ وري نه گڏيا. شايد ساڌو رام، جنهنجي مرضي مٿرا وڃڻ جي هئي سو اُنهيءَ گاڏيءَ ۾ ئي چڙهيل هوندو جا اڃا به اُتر ڏانهن هلي رهي هئي. رامداس ٻين ڪن ساڌن سان گڏ هڪڙيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهيو، جا بمبئي وڃڻي هئي. رام جي مهرباني مٿس اهڙي هئي جو جنهن گاڏيءَ ۾ هو ويٺو سا گاڏي سڌو بمبئيءَ تي وڃي ۽ واٽ تي ڪا به متا سٽا ڪان ڪرڻي پيس.

رستي ڏانهن وڃي رهيو آهي.

ٻولي اڳتي وڌندي رهي. هاڻي هو آليءَ زمين تي آيا ڪنهن ڪانڀوءَ ڪپ واريءَ زمين تي. هو اڳتي ۽ اڳتي وڌندا ويا، تان جو هنن پاڻ کي هڪڙيءَ گوڏي جيڏيءَ ڪپ ۾ ڦاٿل ڏٺو. انهيءَ وقت سيٺي کان هڪڙي جوش واري رڙ نڪري ويئي. انهيءَ مهل سخت اونده هئي. سيٺي زور سان اکيون کولي پيءَ اُفق ڏانهن ڏٺو، سواءِ غريب انڌي ساڌوءَ جي. سيٺيءَ سڀ اُڀرڻ جي نشان جي اُميدن ۾ رهيا، پر سڀ ته اجايا گهڻو دور هو. وري ٻه ڪي ساڌو ڪنجهڻ ڪرڻ لڳا ۽ ساڌو رام کان پڇڻ لڳا ته هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي. ساڌو رام ڪو جواب ڪونه ڏنو. سيٺيءَ ساڌو ٻاهر ڪجهه وقت بحث مباحثه ڪري هڪ راهه تي ٻڌا ته پره ڦٽيءَ تائين اُتي ترسڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اڳتي وڌڻ جي وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ مبادا خراب حالت آڻي يا وڌيڪ ڪپ ۾ ڦاسائي يا ڪنهن کڏ ۾ ڪيرائي ڇڏي.

اجي پيئو لڌائين حد کان وڌيڪ خوشي ۽ آنند پراپت ڪيائين. هُو انڪل ٻه ڪلاڪ کن اُنهيءَ برڪت واريءَ سماڌيءَ اڳيان مندر ۾ پٽ ڀِڄي پيئو رهيو. جنهن کانپوءِ هُو سمنڊ جي ڪناري تي پيو ڦريو ۽ هڪ ٽڪر تان ٻئي ٽڪر تي ٽپ ڏيندو پيو ويو. سمورو وقت هو رام جي ڌيان ۾ مگن هو.

ساڌن جي ٽولي اُتي ٻه ڏينهن رهي، ٽئين ڏينهن پڇاڙي ساڌورام جي حڪم موجب ٽولي موٽ واريءَ مسافريءَ لاءِ روانی ٿي. اُنوقت هڪڙو واقع ٿيو، جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي.

دستور موجب ٽولي رات ڪاٽڻ واسطي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهي. اڳوان جي حڪم تي سڀ ٻره ڦتيءَ کان اڳ اُٿي روانا ٿيا. ساڌوءَ سيٺ کان ذرا سوير جاڳيو. اجا اونده هئي جهڪڙي پيا ساڌو ڪر ڪر ڪرڻ لڳا ته اسين ايئن رستو ڏسي نٿا سگهون. ٻه ٽيا نه ساڌو هئا جي اُنهيءَ ڳوٺ مان ٽوليءَ ۾ شامل ٿيا هئا. اُهي جوان هئا پر هڪڙو انڌو هو ۽ ٻيو ڪاٺو هو جو هڪي ولي پيو هلندو. ساڌورام ٽوليءَ کي خاطري پئي ڏني ته سج جلد اُڀرندو. پر ٽڪر ان ڪلاڪن تائين هو اونده ۾ پيئي هليا. ڏڪا ٿاٻا کائيندا، ڪنجهندا ڪڪندا ۽ هر هر رستو ڀلجندا پيئي هليا. جنهن ڪري ٻره ڦتي ڪافي دور هئي.

سيٺ ساڌو اڳوان کان سخت پريشان ٿي ڪترا سوال ڪندا رهيا پر پيو ساڌورام ماٺ مٺ ۾ پيچرو لتاڙيندو رهيو ۽ ڪو به جواب دوستن جي اطمينانيءَ لاءِ نه ڏنائين. هن ڀاڳ اونده ۾ گهٽيءَ اڪيلي سان ٿاٻا پئي کاڌا ۽ سيڪنهن قدم تي هن پڻ اها ڳالهه محسوس ٿي ڪئي ته هن رستو وڃايو آهي ۽ هو پنهنجي ساڌن کي ڪنهن نامعلوم

اُن بوءِ پئي ساڌوءَ جي حڪم ۾ اڳوانيءَ هيٺ هلندي هلي.

ريلوي اسٽيشن تي پهچي هڪڙيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهيا. سڀ ساڌو اُنهيءَ گاڏي ۾ چڙهيا جو سڄو ٻين ساڌن سان اڳيئي والاريل هو. اُنهيءَ گاڏي کي ”سيتا رام“ جي نالي سان ڪوٺبو هو. اهو سڄو ٻيو ريلوي ڪمپنيءَ جو سخاوت وارو ڪم آهي جو اُنهيءَ لائين تي ساڌن کي مفت مسافري ڪرڻ جي موڪل هئي.

رام جي لها ڪا رواجي برڪت نه هئي جو رامداس واسطي هن اڳڪل چاليهن ساڌن جي سنگت هٿ ڪئي جي ڏاڍي دوستاڻي ۽ پريم ڀاؤ واري نموني ۾ (جنهن لاءِ راند تي ڪندا آهن) ٻي هڪٻئي سان رليا مليا. هرهڪ ساڌوءَ پنهنجي ڳوٿري پسا ڳنڍڙي ڪولي پاسي واري ساڌوءَ کي سوڪڙيءَ جهڙيون شيون ٿي ڏيکاريون، جهڙيطرح ناله سنمهرا، رڍرڪن ۽ ڪيترن مندرن جي ديوتائن جون مورتيون جي هنن سڀني هندستان جي تيرٿن تي کنيون ڪيون هيون.

نيٺ گاڏيءَ ساڌن کي ريلوي جي پڇاڙيءَ واريءَ ننڍي اسٽيشن تي پهچايو. اُتي پهچي هوءَ سمنڊ جي ڪناري ڏانهن وڌيا جتي هنن کي ٻن جهازن ۾ چڙهڻ جي موڪل ملي جي هڪڙي مسلمان جا هئا. جڏهين جهاز جي مالڪ هنن کي موڪل ڏني تڏهين سڀني ساڌن گڏجي وڏي بلند آواز سان هڪڙو نعرو هنيو، مهمد ڪي جئه!

نار پار ڪري ساڌو دوارڪا جي ٻيٽ تي پهتا. اُنوقت رات ٿي چڪي هئي. اها رات ڌرمشالا ۾ آرام ڪري ساڌو ٻئي ڏينهن صبوح جو مشهور مندر دوارڪا ناٿ جي درشن واسطي ويا.

رامداس جڏهين شري ڪرشن ڀڳوان جي پتلي اڳيان

سيڪنهن پنهنجي آزمودن جا احوال هڪٻئي سان ٻي اوريا. رامداس سهوڙو وقت انهن ڳالهين تي ڌيان ڏنو ۽ رام جو منو نالو اچارڻ ۾ مشغول هو. رات ڪاٽڻ واسطي رستي جي ڀر واري هڪڙي ڳوٺ ۾ منزل هنيائون. اتي جا رهواسي ساڌن سان ڏاڍي سٺي نموني سان مهمان نوازيءَ جي هلت هليا.

ٻئي ڏينهن تمام سوير صبح جو اڳوان ساڌوءَ سيني کي روانی ٿيڻ لاءِ سڏ ڪيو. پنهنجي ننڊ ڦٽائي ساڌو اٿيا ۽ پنهنجون گٺڙيون ڪلهن تي رکي مسافريءَ لي اڳتي وڌيا. انهن هلندا ٻي ويا، صرف منجهند ڏاري مسافري بند ٻي ڪيائون ۽ رات جو ڳوٺن ۾ ٻي رهيا. آخر اهي جهوني مندر ۾ وڃي پهتا جنهنجو نالو مول دوارڪا آهي. ڪل وٽ مول سنڌا ما پوريءَ کان پنڌ ڪيائون. اتي ساڌوءَ جو هڪڙو آشرم هو، جنهن ۾ وٽهن يا نهن جڻ گهومو ساڌن جي سنگت ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اتي نوان وارد ٿيل ساڌو، آشرم جي ساڌن سان خوشيءَ سان سنگت ڪري رليا مليا ۽ ٿهڪانئوء جهوني مندر ۾ ويا. چوڻ ۾ اچي ٿو ته شري ڪرشن ٻهريا ٿين هن هنڌ رهندو هو، پوءِ ٿري وڃي سچي دوارڪا يا بيٽ دوارڪا ۾ رهيو.

ٿوري وڌيڪ مسافري ڪري ساڌن جي ٽولي گومتي دوارڪا ۾ پهتي. اهو مندر به مکيه تيرٿ آستان آهي، جاڪاڻ ته ٻئي گومتي ندي ڪنهن سمي اتان وهندي هئي ۽ هاڻي ڪي وٿي آهي. ان نديءَ جي جاءِ اتي هڪ تلاءُ آهي جتي ياتري اشنان ڪري پاڪ ٿيا ڪندا آهن. ٽولي جي وڏي مندر جو درشن ڪري، هڪڙو ڏينهن ٻين مسافري ڪندڙ ساڌن جي سنگ ۾ رهي (جي روز ...اد ۾ اتي مڪان واسطي ايندا هئا). اها ٽولي

مڇ ڪنڊ رشيءَ جو آشرم ۽ دوارڪا

رامداس اُهو آشرم والاريو جتي هو ڏهه ڏينهن رهيو. هڙ ٽوري ٻاهه ٻاري، اُنجي اڳيان ويٺي ماري سڄي رات وٺهي رام ڀڄن ڪندو هو. اها جڳهه جهڙن ۽ ڪبوترن سان ڀريل هئي ۽ ڏاڍي خوفناڪ ٻڻ هئي. اُنهيءَ ڪري شهر جا ماڻهو ۽ سادو اهڙيءَ ويران ۽ ٻوڙانيءَ جڳهه ۾ رهندڙ سنياسيءَ کي ڳڌڻ ۾ ڏاڍو فخر وٺڻ لڳا. اُنهن مان رامداس جو ڀاءُ گهرندڙ ڪن دوستن پنهنجي جاڻ موجب هنکي اُنهيءَ هنڌ جي ڀيانڪ هئڻ جو چتاءُ پڻ ڪيو.

رامداس سڀني دوستن کي چيو ته "مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي. جڏهن هنڌ سرو شڪتيمان رام پاڻ رکيا ڪري ٿو اُن هنڌ خوف ڪرڻ بلڪل اجايو آهي."

مگن لال ۽ ڪانتي لال روز رامداس وٽ ملاقات ڪرڻ ايندا هئا. رامداس اُن پنهنجي مسلمان دوستن وٽان هڪ پاڪ قرآن شريف انگريزيءَ ۾ اُن ترجمو ڪيل هٿ ڪيو، جو ترجمو لاهور جي هڪڙي مشهور مولويءَ ڪيو هو. قرآن شريف تحقيق هڪڙو عاليشان شاستر آهي، رامداس کي محمد نبيءَ جي سکيا تن جي ابياس ڪرڻ مان ڏاڍو فائدو حاصل ٿيو.

رامداس کي هڪڙي ڏينهن رام وٽان حڪم مليو ته اها جڳهه ڇڏ. حڪم ملندي ئي هن يڪدم آڌيءَ رات واريءَ ... ۾ جهولا کڻي ڇڏيو ۽ هڪڙيءَ جنڪشن تي گاڏي مٿاڻي

اڪانت ۾ رهڻ واسطي ڪا جڳهه ملندي، جتي هُو رام جي ڀڳتيءَ ۽ ڌيان ۾ سڀو وقت گذاري سگهي. اُتي رام هڪدم هڪڙي جڳهه، جنهنکي مڇ ڪنڊ رشيءَ جو آشرم ڪري ٿا سڏين، سا هنجي رهڻ لاءِ ٺهرائي.

اُها جڳهه، هڪڙي گهاٽي جهنگ جي وچ ۾، گرنار جي رستي تي جهونا ڳڙه کان اٽڪل چار ميل پري هڪڙيءَ ٽڪريءَ تي آهي. اُتي هڪڙو ٻڌل مندر آهي ۽ اُنهن کان سواءِ ڪي سماڌيون پڻ آهن، جن جي سنڀال اصل ڪانه ٿي ٿي: انڪري اُها جڳهه ڏاڍي ويران ۽ سنسان ٿي لڳي.

اُن اَچُڻَ جي جدا ٿيڻ کانپوءِ رامداس وري هڪڙي مسلمان دوست جي سنگت حاصل ڪئي، جو اُنان گهوڙي تي پهچي واپار جو سامان کڻي اچي لانگهاڻو ٿيو. اُن مسلم دوست جو سياءُ لماڻ سادو بلڪل ٻار جهڙو هو. اُن جي سنگ مان رامداس کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. هُو سچي واٽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هليا، جستائين ته هُو ٻراچي اچي پهتو.

رامداس ٻراچي ۾ پهچي هڪڙي وڏي تلاءَ ۾ (جنهن ۾ هڪڙيءَ نديءَ جو پاڻي پئي ڪنو تيو) اشنان ڪري، ڪيترن مندرن جو درشن ڪيو. تنهن کانپوءِ اُتي جي ان ساڌن سان گڏجي ۽ پوءِ مڪت جي مسافريءَ لاءِ روانو ٿيو.

پنڌ ڪندي ڪندي سانجهيءَ جو رامداس اچي اُنهيءَ مندر ۾ پهتو جنهن جو نالو مڙهي گورکناٿ هو. اُتي هُو مندر جي ساڌن جي سنگ ۾ هڪڙي رات رهيو. اِهو مندر هڪڙيءَ غار ۾ آهي، جنهن ۾ اندر وڃڻ لاءِ ڪي پٿر جا ڏاڪا لهڻا آهن جهڙي وسيلي هيٺ وڃي سگهجي ٿو.

اُنان ٻئي ڏينهن صبح جو سوير نڪري هُو ويراول ۾ مڇهند کان اڳ اچي پهتو. اُتي سان ٻورين ڳالهه جا هن ڪئي سا هتي واپاريءَ کي هڪ روپيو نيت موٽائي ڏيڻ. هُو سمورو وقت ۽ سچو پنڌ پهچڻ دستور موجب ۽ ڏاڍي شوق سان رام جو ٻڙلو منتر اُچاريندو هليو. واپاريءَ وٽ هڪڙو ڏينهن رهي هڪان موڪلايائين.

ٻئي ڏينهن هُو گاڏيءَ رستي جهونا ڳڙهه ويو. رامداس جي موٽي اچڻ تي مگن لال ۽ ڪانتي لال سندس ڏاڍي مرحبا ڪئي. اُنهن دوستن رامداس تي زور رکيو ته ڪجهه ڏينهن جهونا ڳڙهه ۾ رهي. رامداس هنن جي سچي سڪ ۽ شردا ڏسي اُنهن جي اِڇا موجب اُتي رهڻ قبول ڪيو، بشرطيڪ هن کي

گاڏيءَ واري جواب ڏنو ته جيستائين ٻڪن کي مار نه ملندي تيستائين هُو اڳتي نه هلندا.

رامداس کي هاڻي رام جو حڪم مليو ته گاڏيءَ مان لهي وڃ. هُو پنهنجو هڪ روپيو گاڏيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي هيٺ لٿو ۽ پيرين پنڌ هلڻ لڳو. منجهند جي وقت هُو اچي ٻراچي ۾ پهتو.

رستي تان جڏهن رامداس هلندو پئي آيو تڏهن هن غريباڻا ڪپڙا پهريل هڪڙي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڀر مان لنگهندو ڏٺو. اُنجي پٺيءَ تي هڪڙي ڳنڍڙي هئي. هو رامداس کي ڏسي رستي تان يڪدم هٽي، رستي جي ٻئي پاسي کان هلڻ لڳو. اهو ماڻهو جڏهن ٿورو اڳتي وڌيو ته هنکي سامهون هڪڙو ٻيو ماڻهو گڏيو ۽ ٻنهي "رام رام" چئي هڪٻئي کي ڪيڪاريو. رامداس ٿورو اڳيان وڌي هن کان پڇيو ته "تون مونکان ايترو پري پري ڇو هلي رهيو آهين؟"

هن جواب ڏنو ته "مان اڇوت آهيان."

"ڀائڙي! ان هوندي به تون رامداس جو ڀاءُ آهين." ائين چئي رامداس هنجي ويجهو آيو ۽ هنکي هٿ کان جهليو. هن رامداس ڏانهن عجب مان نهاريو.

هن وري چيو "مان ذات جو ڀيل آهيان."

رامداس وري به چيو "رامداس تنهنجو ڀاءُ آهي. جڏهن ماڻهوءَ کي رام جو نالو چوڻ لئي آهي سو برهمڻ کان به وڌيڪ مٿي آهي. رام وٽ ڪوبه ڀيد ڀاءُ ڪونهي ۽ هنجي نظر ۾ سڀ هڪ سمان آهن."

جيستائين هو جدا ٿيا، تيستائين رامداس هن سان رام جي وڏائيءَ بابت ڳالهيون ڪندو هليو. هاڻي هن هڪڙو پاسي وارو پيچرو ورتو ۽ رامداس کان جدا ٿيو.

لئي رحيل ھو. ھُو سومنات جي مندر ۽ ڀگل جاين ۾ ويو.
زمين ھيٺ غار ۾ جيڪو سومنات جو پاري پٽلو رکيل ھو،
ھُو اُتي آيو ۽ اُنجي سامھون لئي ستو. ھتي ئي ووري ھنجي اندر
۾ بيحد خوشيءَ جون لھرون اُٿيون. اُتان نڪري، مندر کان
ٿورو پريان نديءَ ۾ ھن اشنان ڪيو. تنھن کانپوءِ وراول ۾
پھچي ھن واپاري دوست کي (جنھن رام ھنجي من ۾ آندو)
ٻراچي ۽ گورکنات ڏانھن وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ چيائين
تہ پڻي ڏينھن صبح جو سوير ٻيڙين پنڌ ويندس.

ھُن واپاريءَ چيو ”سوامي جي! توکي ٻيڙين پنڌ نہ
وڃڻ گھرجي. مان تنھنجي لاءِ ھڪڙي ٻڳي گاڏي ڀاڙي تي
ڪندس. ڇاڪاڻ تہ اُنھن ھنڌن ڏانھن وڃڻ وارو رستو
ڪڪل ڪڙٽڙ وارو ۽ خراب آھي، تہ گھوڙي گاڏي بہ اُتان
نٿي وڃي سگھي. اُن کانسواءِ توکي سو رھن ميل پنڌ ڪرڻو
آھي. ايڏو وڏو پنڌ تو جھڙي ضعيف ماڻھوءَ جي ڪرڻ جھڙو
نہ آھي.“

جيتوڻيڪ رامداس اُنھيءَ وٽ جي برخلاف ھو تہ بہ
ھن دوست رامداس تي زور ڪيو ۽ ٻين دوستن سان گڏ
گاڏيءَ ۾ ويھو جي پڻ ٻراچي ڏانھن وڃڻا ھئا. ھُن دوست
ھنجي ڪسي ۾ ھڪڙو ننڍڙو رومال وڌو جنھن ۾ ٻہ روپيہ پئل
ھئا، جي اوٽ موٽ جو ڀاڙو ھو.

گاڏي ٻہ ڪلاڪ کان اڳ اُتان رواني ٿي. اڃا اڌ
ميل بہ مسافري ڪا نہ ڪيائون تہ رامداس ڏٺو تہ گاڏي
ھلائيندڙ ھڪڙي ٿلھيءَ لڪڙيءَ سان ڏڳن کي ماري رھيو ھو.
ھُو بيشڪ اھو حال سھي نٿي سگھيو. ھن اُنھن بي محسوس
ڪيو تہ اُھي ڏک جھڙ تہ سندس پٺيءَ تي لڳا. ھن ھلائيندڙ
کي عرض ڪيو تہ مھرباني ڪري ڏڳن کي ايذاءُ نہ ڏئي.

دوستن سان ڪرائي، جي ٻئي هنتي ڏاڍا مهربان هئا. هڪڙو ڀيرو هو ڌاسار مسجد ۾ ويا، جا ڌاسار ٽڪرن جي تري ۾ آهي. مگن لال هنجي واقفيت جهونا ڳڙه جي ڪيترن دوستن سان ڪرائي؛ اهي سڀ سراسر رامداس تي مهربان هئا. مگن لال سومنات جي مسافريءَ لاءِ رامداس واسطي بندوبست ڪيو. سومنات اهو مشهور مندر آهي، جنهن جو تواريخ ۾ گهڻو ذڪر ڪيل آهي. رامداس هڪڙي گجراتيءَ دوست جي سنگ ۾ انهيءَ مندر ڏانهن روانو ٿيو. رام جي مهر سان اهو دوست ڪيس اسٽيشن تي گڏيو هو.

ويراول اسٽيشن تي پهچي، اهو دوست رامداس کي اتان جي هڪڙي شاهوڪار واپاريءَ جي گهر وٺي ويو (جتي مگن لال بندوبست ڪيو هو). واپاري مگن لال جو مائٽ هو. جڏهن رامداس هن وٽ پهتو ته هو بخار جي جوش ۾ ليٽيو پيو هو. هنجو سڄو ڪٽنب هنجي بيماريءَ ڪري گهور ڳڻتيءَ ۾ هو. رامداس واپاريءَ جي پير ۾ ٿي ويٺو؛ هنجي نبض ڏسي بخار جو جوش معلوم ڪيو. اها ڪوٺي ڇڏڻ کان اڳي واپاريءَ جا مائٽ جي اتي حاضر هئا، تن ۾ ٻه انهن دوستن جي هنکي اتي وٺي آيا هئا تن عرض ڪيو ته رامداس مريض تي تندرستيءَ جي برڪت وجهي. تنهنتي رامداس چيو ته سرو شڪتيوان رام جي مهر سان هي ٻئي صبوح جو بلڪل چڱو ڀلو هوندو.

رام پنهنجي ڀڳت جو ناما چار ڪرڻ واسطي هتي بـ شڪتي ڏيکاري. برابر ٻئي ڏينهن صبوح جو مريض جو بخار بلڪل غائب ٿي ويو. هنکي پنجن ڏينهن کان سانده بخار ايندڙ هو. هاڻي رام جي مهر سان هنکي بخار ڇڏي ويو؛ هو پنهن جي ڌنڌي تي باقاعدي وڃي ٿي سگهيو.

رامداس واپاريءَ جي دوڪان مٿان اوچي ماڙيءَ

اکين کي موهيندڙ نظارو ڏيکاريائين. هر طرف سنڌر نظارا هئا. ڏورانهون ڏکريون سي سانوريون ۽ پيلاڻ سان رنگيل هيون، وڏي ڪناري نيلي آسمان جو پيهڻي متان پسار، سونهري ۽ روپي پاڻيءَ جون چاڪندڙ لڪيرون جي ڏکرن جي لسن ۽ چمڪندڙ ڪنارن تان پئي لڙيون، اهي سڀ نظارا ڏسندڙن کي اُنهن ملڪن ۾ ٿا پهچائين جي بلڪل سرگدام جهان آهن.

اُنهيءَ ڏکريءَ تان هيٺ لهي اڌ پنڌ لي کن غارون ۾ رهيا، جي مهانمانن والاريون هيون. مهانمان جي سنگ سان [illegible] هن اڻلڀ خوشي پراپت ڪئي. ڏهن ڪانو ء هنن جبلن [illegible] سلاميءَ لي ڪمرا ئي پاڻيءَ جا تلاءُ پيٺا. نيٺ ٿوڙ منجهند ڌاري [illegible] مهمان اواز شڪرگذريءَ جي آشرم ۾ پهتا. [illegible] ڪانو ء نولي واس هيٺ ويندڙ مسافريءَ لاءِ رواڻي [illegible] جو اهي جهونا گرهه پهتي.

[illegible] سڀ سماسي پنهنجي عضون جي سور ۽ سوچ [illegible] ڪرڻ لڳا. اُهي مان ڪي نه ٻه لي ڏيهن [illegible] اروامرو امداس لي اهڙو نه مهربان هو جو هنڪي [illegible] سور يا سوچ ڪانه ٿي.

جهونا ڳڙهه جي مشهور سنياسيءَ جو هو، جنهنجو نالو ڪاشيگر جي
هو. آشرم يا اکاڙو جنهن تي اهو نالو پيل هو تنهن اُنان جي
سڀني سنياسين رامداس کي پيار ڏنو. اهي اٽڪل پندرهن
چيلا هئا.

رام جو ارادو رامداس کي جهونا ڳڙهه موڪلڻ جو
اهوئي هو ته جئين هڪي مشهور گرنار جي ٽڪريءَ جو
ديدار ني سگهي، جتي گرو دتاتريه ۽ ماتا امباجيءَ جو
آستان آهي.

رامداس پنهنجو خيال ڪاشيگر جيءَ کي ٻڌايو، جو پڻ
اُنهيءَ چاڙهه تي هن سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ هڪڙو
ڏينهن مقرر ڪيو. رام جي مهرباني تحقيق گهڻي هئي. هڪڙيءَ
رات رامداس ڪاشيگر جيءَ سان گڏ گرنار جي ڏاڪڻ تي
چڙهيو ۽ ٻيا ڇهه سنياسي به سندن ٽوليءَ ۾ هئا. ٽڪريءَ جي
چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ اٽڪل ٩٠٠٠ ڏاڪا هئا. هو ٦٠٠٠ ڏاڪا
چڙهي ويا ۽ اڌ رات جو اٽڪل ٽي بجي هڪڙي سنياسيءَ
شنڪر گر جيءَ جي آشرم ۾ پهتا.

آشرم ۾ هو رات ترسيا. ٽڪريءَ تي ٿڌ ڏاڍي سخت
هئي. رام مهربان آهي ۽ هنجو پيچ ڪڙو نه مٺو آهي. ٻئي
ڏينهن صبوح جو ٽولي وڌيڪ اڳتي چڙهي ۽ اچي ماتا امباجيءَ
جي مندر ۾ پهتي. پوءِ ٻيا ڪيترا ڏاڪا جي اُن ٽڪريءَ جي
مٿاهين چوٽيءَ ڏانهن ٿي ويا، هو مٿي چڙهيا. جئين هو چوٽيءَ
جي ويجهو آيا ته ڏاڪا درست نه هئا ۽ ترڪڻا هئا. پر رام
اُنهن سڀني کي اتي سلامتيءَ سان پهچايو. هن چوٽيءَ تي
گرو دتاتريه جا چرن لڳل آهن. سوين ياتري روز اُنهيءَ
ٽڪريءَ تي اُنهن چرنن جو درشن ڪرڻ واسطي ٻيا چڙهن.
هن چوٽيءَ جي ڪني تي ويهڻ ۽ چوڌاري نظر ڦيرائڻ سو

ٿيو ۽ ردبدل ڪندي چوڻ لڳو تہ ھو اھڙي شيرا ڪرائڻ جي بلڪل لائق نہ آھي. ھن رامداس کان فقط ھڪڙي برڪت گھري تہ ھو ٻئي ڏينھن بلڪل تندرست ٿئي.

رامداس چيو تہ ھو صرف رام جو ھڪڙو نماڻو ٻانھو آھي. ڪيس ڪھڙي بہ برڪت وجھڻ جو حق ڪونھي.

ساڌوءَ ٻاڏائنا ڪئي تہ "رام جي نالي تي برڪت ڏي."

رامداس چيو "چڱو بابا! شل سري رام، جو سڀ جو رکيڪ آھي، توکي سڀاڻي صبوح تائين تندرستي بخشي."

رامداس کي مٿي ڪرڻ واسطي، اھا رات رام شايد ساڌوءَ کي تندرست ڪرڻ ۾ مشغول رھيو. ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڏينھن صبوح سان ھيتو بخار ھٽا لھي ويو ۽ تندرستيءَ جي خوشيءَ ۾ ٻي گدگد ٿيو. اھا عجب ۾ وجھندڙ شفا جھڙيڪي سڌ ڪرڻ واسطي نماڻي رامداس کي اوزار بڻايو ويو ھو تنھن آشرم ۾ نئين خوشيءَ جي لھر پيدا ڪئي. ان ڪري رامداس آشرم جي سڀني ساڌن ۾ پيارو ٿيڻ پيو.

ٽن چئن ڏينھن کانپوءِ ٻيو ھڪڙو ساڌو بيمار ٿي پيو. ھن بہ ساڳيءَ طرح رامداس کان برڪت گھري جنھن ٻيھر ٿين مھمت گھري ھئي. رامداس کي جنھن عرض ڪيو ويو تنھن ھن وري رام کي ٻاڏائنا ڪئي:

"اڙي رام! تون ڪيڏي نہ ڏاھپ واري ھستي آھين. سڀ تنھنجي وڏائي آھي." ٻيو ساڌو بہ اھڙيءَ طرح صبوح تائين چڱو ڀلو ٿي پيو.

رامداس ان آشرم ۾ گھڻو وقت ڪونہ ترسيو. ھڪڙي ڏينھن ھو انھيءَ ساڳئي سنياسيءَ سان گڏيو جو ھمڪي ڏرمپوريءَ وٺي ويو ھو. ھو رامداس واسطي ڏاڍو خواھان ھو. ھاڻي ھن رامداس کي پاڻ سان ڪنيو ۽ ٻئي آشرم ۾ آندائين جو

جھونا ڳڙھ

گاڏيءَ رامداس کي ”جھونا ڳڙھ“ اسٽيشن تي پهچايو. ھنکي اُنوقت کو به سونھون کونه ھو. شھر جي دروازي وٽ اَچي ھن ھڪڙي پوليس واري! کان پڇيو ته ”ھتي کو رام مندر آھي؟“

پوليس واري جواب ڏنو ”ھڪڙو رام مندر ھتان کان اٽڪل ٻه ميل پري آھي.“ ۽ ھن وڃڻ جو رستو ڏيکاريس.

رامداس رستي تان پڇا ڪندو ھلندو ھليو. نيٺ ھوُ رام مندر جي وڏي دروازي وٽ اچي پهتو. ھن جي اندر اچڻ تي، آشرم جي مھنت ھنجي مرحبا ڪئي. رامداس اُتي ھفتو کن رھيو. اُتي کيس اِھن چھن سادن جي ٻڪت جو فائدو مليو، جي پڻ ھن مھربان دل واري مھنت جا مھمان ھئا. اُھي سڀيئي رامداس تي ڏاڍا مھربان ھئا.

رام ھتي ٻه عجب ۾ وجھندڙ ڪرامتون ڏيکاريون. جن مان ھڪڙي ھيءَ ھئي ته آشرم ۾ ھڪ ساڌوءَ کي ٻن ھفتن کان بخار ايندڙ ھو. ھن ڪيتريون دوائون ڪنديون به ھميشھ جيان خراب حالت ۾ رھيو. ڏاڍو ڪمزور ۽ پيلو ڇھڙي ھيٺ تي ويو ھو. تنھن کانسواءِ ھوُ بيماريءَ مان ڏاڍو تنگ ۽ خفي ٿي آخر بستري داخل ٿي پيو.

رامداس اِھا حالت ڏسي پاڻ روڪي نه سگھيو ۽ ھنجي ويجھو وڃي، شيوا خاطر پاڻ آڇيائين. ۽ ھنجي ٽنگن کي ٿورا ھلڪا زور ڏيڻ لڳو. ٿوري آرام محسوس ڪندي بيمار ساڌو اُٿي ڪڙو

هاڻي واپاري رامداس وٽ آيو ۽ ڪيس ڏاڍي ادب سان نمسڪار ڪري چيائين:

"مهراج! آءٌ ڏاڍو بيوقوف هيس جو لوهاڻي سيٺ صلاح ڪانه ڪئي. ڏسو! هن قصي بابت مون ڪيترو نه مونجهارو پيدا ڪيو آهي ۽ ڪيترن بيڏوهن کي مون ڏکويو آهي. ان لاءِ مان ڏاڍو شرمسار آهيان. اوهان دياوان آهيو، ڪرپا ڪري منهنجي ڀائيءَ کي معافي ڏيو."

"اڙي دوست! مهرباني ڪري معافيءَ واسطي رام کي پرارٿنا ڪر" اهو ئي رامداس جو جواب هو.

رامداس کي اُنهيءَ واقعي سيٺ نصيحت سيکاري ته هوءَ ڪڏهن به وڌيڪ پاڻسان پيسا ڪٺا يا هٿ ڪرڻ جي ٻل نه ڪري، ڇو ته اهي لالچ ۽ خرابي پيدا ڪن ٿا. اهو بلڪل سورهن آنا سچ چوڻي آهي ته: "پيسا سڀ خرابيءَ جي پاڙ آهن".

نه تون اُنهن کي سمجهائي سگهين ٿو ته ڪيئن تنهنجو ٻٽوڻو ٽڪيٽ سميت گم ٿي ويو آهي. اُن جي واسطي تون هنن کي پنهنجي صدريءَ جو ڦاٽل کيسو ڏيکارج."

نماڻي رامداس جي صلاح واپاريءَ کي ڪا نه آڙي. جيستائين هن اِنهيءَ قصي بابت پوليس کي رپورٽ نه ڪئي تيستائين هُو راضي ٿي ڪو نه ويٺو.

رپورٽ ملڻ تي هڪڙو پوليس آفيسر گاڏيءَ ۾ آيو. اچڻ سان هن ڪيترن غريب ساڌن کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ مٿن زور رکيو ته اهي پنهنجون ڳوٿريون ۽ ڳنڍڙيون جاچ واسطي سندن حوالي ڪن. اُنهن جي جاچ ڪئي ويئي مگر اُنهن وٽان ڪجهه ڪو نه لڌو. پوليس سپاهيءَ جو ڌيان وري سادي لباس وارن ڳوٺاڻن جي هڪڙي جٿي ڏانهن ويو. اُنهن جون وڏيون پڳون لاهي هيٺ پٽ تي اُڇلايون ويئون ۽ سندن ڪوٽن ۽ ڪپڙن جو جهاڙو ورتو ويو. نيٺ اُنهن مان هڪڙي جٿي وٽان ويهن روپين جي رقم لڌائين.

هاڻي اُنهيءَ ماڻهوءَ کان ڪيترا تڪا ۽ شڪي سوال پڇيا ويا ته هن وٽ اهي پئسا ڪٿان آيا؟ هن سمجهايو ته هُو فقط اُنهن پئسن جو سنڀاليندڙ هو، جو اهي پئسا جٿي جي سڀني دوستن جا گڏ هئا.

اُنوقت ساڳيو واپاري دوست جنهن اِها رپورٽ ڪئي هئي، سو اُنهيءَ ورتاءَ مان ڏاڍو بيزار ٿي پيو ۽ سندس حالت پڇتاءَ جي هئي، ڇاڪاڻ ته هن ڏٺو پئي ته ڪيترا بيڏوهي ماڻهو صرف سندس ڪارڻ ئي پئي آزاريا ويا.

ڳوٺاڻن جا لڌل پئسا ۽ ٽڪيٽون ڪانئن کسيون ويئون جي پوليس پاڻوٽ رکيون ۽ مالڪن کي ڪيترن اسٽيشنن جي اڳهين وڃڻ کانپوءِ واپس ڪيون ويئون.

پئسو ئي سڀ خرابيءَ جي پاڙ آهي

جڏهين واپاري ۽ رامداس گاڏيءَ ۾ گهڙيا ته اُتي مسافرن جي گهڻي پيڙ هئي. گاڏيءَ ۾ چڙهڻ واسطي واپاريءَ کي لاچار اُن ماڻهن جي انبوه کي ڌڪا ڏيئي رستو ڪرڻو پيو ۽ ليڪن هن ائين ڪيو. رامداس هن جي پٺيان هو. اڃا هو ڪڙيءَ جڳهه تي مس اُهي ويٺو ته واپاري دوست هن وٽ آيو ۽ چتاءُ ڪيائينس:

”مهراج! ڪنهن ڳنڍي ڪپ مهنجو چمڙي جو بٽوئون صدري مان ڪسڪائي ڪڍيو آهي، جنهن ۾ پندرهن روپيا ۽ ريلوي ٽڪيٽ پيل آهن.“

هن پنهنجي صدري ڏيکاري، جنهن جي اندرين لائيننگ بٽوئين ڪڍڻ لاءِ عجب طرح ڪٽيل ڏسڻ ۾ آئي. اهو ڪم ضرور ڪن سيڪنڊن ۾ ٿيو هوندو. هن وڌيڪ چيو:

”هاڻي مان ڇا ڪريان؟ مونکي نڪا آهي ٽڪيٽ ۽ نڪو اٿم پئسو. گاڏي به چرڻ تي آهي. ڀلا! مان ريلوي پوليس کي رپورٽ ڪريان؟“

رامداس چيو ”جيڪڏهين مونکان صلاح ٿو پڇين ته مان توکي عرض ٿو ڪريان ته هن قصي کي پاڻ ماٺ ڪري ويهي رهه. ڇتي ٿيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ مان ڪجهه ڪو نه وريندو. باقي ڳالهه رهي ٽڪيٽ جي، سو تون پنهنجي منزل تائين مان ڪٽڪي مسافري ڪر. فرض ڪر، جيڪڏهين رستي تي يا لهڻ واريءَ اسٽيشن تي ڪو ريلوي آفيسر ٽڪيٽ گهري ٿو

ڪئي. سڀ فرحت بخش شيون جي هن وقت هيون، سي هن سمورين ڪمرن لڳائڻ لاءِ ساڏن اڳيان ٿي رکيون.

هڪڙي ڏينهن رامداس کي اُٿڻ نڪرڻ واسطي رام جو حڪم مليو. يڪدم هن سنياسين جي مرضيءَ کانسواءِ جهنگل ڇڏيو. جيتوڻيڪ سنياسين جي مرضي هئي ته رامداس اڃا ڪجهه مهينا وڌيڪ اُتي رهي.

رام هنکي ريلوي اسٽيشن تي هڪڙي واپاريءَ جي سنڀال هيٺ ڇڏيو. جيستائين ڪ واپاري وڃڻو هو، اوستائين رامداس جو سونهون بڻجي وڃڻ هن قبول ڪيو. اُتي جيڪو واقعو ٿيو تنهنجو مختصر بيان ڪرڻ ضروري آهي.

سو ھُو رات جو ھنن ڪري ڪتب آڻيندو ھو. ھر ڪنھن صبوح جو جڏھن ھُو ننڊ مان اُٿي اھو ڳوٺڙيءَ جو ٽڪر ڪٽيندو ھو تہ اُتي بہ ڪي ٻاڙڻا ۽ ٻيلا وڻن ڏسندو ھو. عجب تہ اھو جو اُنھن بہ ڪڏھن ھنکي ڪونہ ڏنگيو!

اڙي رام! جڏھن تنھنجي اتاہ شڪتيءَ واري ٻانھن تنھنجي نماڻي ٻانھي جي ھميشہ ۽ ھر وقت رکيا ڪرڻ واسطي تيار آھي تہ ڪير تہ ھنکي نقصان پھچائي سگھي؟

اڙي رام! تون سڀ ڪنھن ھنڌ، سڀني جيون ۾، ساري برھمانڊ ۾ ۽ جيڪي ڪجھ اُن ۾ آھي، تنھن سڀ ۾ تنھنجو ئي اظھار آھي. اڙي رام! سمورو جلال تنھنجو آھي.

رامداس ھن جھنگل ۾ رام جي حڪم موجب اٽڪل ڏيڍ مھينو رھيو. مڇيند ڪا نہ ھُو گھڻو ڪري ڏنار ڇوڪرن سان گڏ گذاريندو ھو، جي اُن ٻنيءَ ۾ ڍڳا ۽ مال چارڻ ايندا ھئا. ڇوڪرا مٺي سر سان ٻنسري وڄائيندا ھئا ۽ ھُو اُن جو لطف ماڻيندو ھو. اُنھن ڇوڪرن کي خوش مزاج، قوت ۽ تندرست ڏسندو ھو تہ ڪرشن ڀڳوان نظر ايندو ھو. رام جي مھر سان اُتي رھڻ ڪري رامداس ڏاڍو آنند پراپت ڪيو.

ھڪڙي موقعي تي اُتان جو مھربان دوست سباسي رامداس کي ملاقات واسطي ھڪڙي ڳوٺ جنھن جو نالو پاڊوبور آھي اُتي وٺي ويو، جو ڏرمسوريءَ کان ڪنترون اسٽيشنون پري آھي.

پاڊوبور ۾ ساڌن جي ھڪڙي وڏي جماعت ھئي. اُن جماعت ۾ اٽڪل ٻہ سؤ ساڌو ھئا، جا ست سنگ جي مجلس ھئي. اُنھيءَ جي سونھن اِنھيءَ مان تي ڏسڻ ۾ آئي تہ ڪيئن نہ ڳوٺاڻن ڪنھن بہ ٻڪانيءَ کانسواءِ مھمان نوازي تي

آئي هفتو گذري ويو. پسگردائيءَ واري ڳوٺ مان هڪڙا ٻه سنياسي هن جي ملاقات لاءِ آئي آيا ۽ هن کي پنهنجي آشرم ڏانهن وٺي ويا. اهو آشرم هڪڙي جهنگل ۾ هو. رامداس انهيءَ جهنگل ۾ رهيو جو ڀڄن ڪرڻ واسطي سڀ کان سٺو ۽ ايڪانت وارو هنڌ هو.

اُتان جا سنياسي هن تي ڏاڍو مهربان هئا. اُن جهنگل ۾ هڪڙو ننڍڙو مندر "نرهري" جو هو. هن مندر جو اندريون پاڱو چورس هو ۽ پاسا بلڪل رامداس جي ٻکهه جهڙا هئا. رات جو ڪلاڪ ٻن جي لڳ ڀڳ ڪانسواءِ هوُ سڄي رات اُن مَن موهيندڙ سري رام جو منتر پيو اُچاريندو هو. هتي هن کي لاشڪ ثابت ٿيو ته رام پنهنجي ڀڳتن جي بنان هڪ سيني کان گهڻي سنڀال لهي ٿو ۽ رکيا ڪري ٿو، جي هن ۾ پورن نشچو ڌارين ٿا ۽ فقط هن تي ئي مدار رکن ٿا.

هيءَ جهنگل، سوئرن، نانگن، وڇن ۽ ٻين زهري جيون سان سڄو ڇانيل هو. مندر جي چوڌاري هر رات وڏن، ٽيهن سوئرن جو ڌڻ پيو ڦرندو هو. مندر جو دروازو هميشه کليل رهندو هو. جهنگلي جانور پنهنجي سڱن سان مندر جي چوڌاري اُن ڌڻ واريءَ زمين جون پاڙون کوٽيندا هئا. ڇا ڪاڻ ته پاڙون سندن کاڌو هو. جڏهين جانور ٻاهران پيا ڦرندا هئا ته رامداس ڪيترا دفعا ٻاهر نڪرندو هو. رام جي مهر ڪري انهن ڪڏهين به هن کي نقصان نه پهچايو. ڳوٺاڻا جيڪي ڏينهن جو آئي ايندا هئا، تن پڻ رامداس کي هن جهنگلي جانورن جي وحشي سڀاءَ کان واقف ڪيو هو. پر رام ۾ پورن اعتقاد جي معنيٰ آهي، ڪو به ڀپ نه ۽ پورن بچاءُ. اُن ڪانسواءِ ڏينهن جو چاهي رات جو ڪارا نانگ مندر ۾ ڇوٽ پيا ڦرندا هئا، جن نه هن کي ڪو نه ڏنگيو. سنياسيءَ جيڪو ڳوٺيءَ جو ٺڪر هن کي وهڻ ۽ آسڻ جي لاءِ ڏنو هو،

تو. انهن چوٽ تي ڪوبه وڏاءُ ڪونه ٿيندو. رامداس هاڻي سڀني جيون، ساري خلقت، سڀني ساه وارن ۽ سڀني پدارٿن کي ايشوري رام جو اظهار سمجهي رهيو آهي ۽ ڏندو ڪجهه. اُن جي ڏيان ۾ هو ڏينهن رات لڳل آهي.

سوامي جي ۽ رامداس اجمير ۾ ٻه ڏينهن رهيا. پوءِ هو "پُشڪر راج" ڏانهن روانا ٿيا. اٽڪل روهه پنج ميل ٽڪريءَ جي مسافري ڪري هو هڪڙي قدرتي پاڻيءَ جي وڏي تلاءَ تي پهتا. اُن جي هڪ پاسي مندر ۽ ڌرمشالائون ٺهيل هيون، جن مان هڪڙي اُنهن پنهنجي رهڻ لاءِ والاري. رامداس اُتي پنج ڏينهن آنند سان سري رام جي پيرن ۾ گهاريا. سوامي رامچندر کي اڃا ٻه ڪجهه ڏينهن پشڪرراج ۾ رهڻو هو.

رامداس، رام جي حڪم مطابق اجمير ڏانهن واپس موٽڻ لاءِ اُتان اڪيلو هليو. اجمير پهچي هيڪي هڪڙي ٽئين سادوءَ جي سنگت ملي. رام جي اڇا موجب گاڏيءَ جي مسافريءَ کان روڪهي هو سورهن ميل پنڌ ڪري هڪڙي ننڍڪڙي اسٽيشن مهسانا تي اچي پهتا. رستي ۾ ڪين اُورو ڪاڏو مليو هو. رام سڀ ڪجهه پلي لاءِ ٿي ڪريو. اُتي ڪمن هڪڙو سنياسي ڪڍيو. اُن جي چوڻ تي هو هنسان گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهيا. گاڏي هلي اچي هڪڙيءَ اسٽيشن ڏرمپوريءَ تي بيٺي. هو اُتي لهي سڌو هڪڙي سادوءَ جي آشرم ڏانهن ويا جو مهادیو جي مندر ڀرسان رهندو هو. سادوءَ مهمانن جي آجيان دل وجان سان ڪئي ۽ هنن کي رهڻ لاءِ جاءِ ۽ کاڏو ... موجود ڪري ڏنو.

رامداس لي ... آشرم ... رهڻ لاءِ زور وڪيو ويو. ... ڏينهن کان ... وڏيڪ ترسي ڪو ... سگهيو، سو اُتان ٻن ڏينهن کان مسافريءَ ... رامداس کي هن آشرم ۾

لعهن کانپوءِ هن مهربان دوست ڏانهن نهاري چيو:

”پاتو! مولکي هتي محمد جو چيلو داخل ڪرائڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. چاڪاڻ ته مان اڳيئي محمد جو چيلو ٿيل آهيان.“

اڙي رام، اڙي محمد! ڪهڙا نه لعهنجا عجب ۽ وجهندڙ رستا آهن! اُن رامپور جي مسلم جوان جي اُتساه ڀري خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تو رامداس کي هن مسلمانن جي پاڪ مسجد ۾ ملاقات واسطي آندو آهي. اڙي رام، اڙي محمد! سڀ وڏائي لعهنجي آهي.

پاڪ مسجد مان نڪري اُن مسلم دوست هنکي شاهي رستي تي چاڙهيو. اُن کانپوءِ هنکي هڪڙو سنياسي مليو، جنهن جو نالو سوامي رامچندر هو، جو بلڪل نيڪ ۽ نرم دل منش هو. اُنجي رامداس سان ڏاڍي دل لڳي ويئي ۽ هنجي هر قسم جي سنڀال پنهنجي سر تي کنيائين.

اڙي رام! لعهنجو مسڪين ٻانهو تنهنجا رستا ڪيئن سمجهي سگهندو؟ هنکي صرف ايتري خبر آهي ته تون پورن مهربان ۽ پورن پرمي آهين.

سنياسيءَ بازار ۾ اچي پڇيائين ڪنهن پڻ ٻاري جي پيا ڪٽي. خبر پوڻ تي هن ٻن چئن جي ڪاڏي جون چڪيون همت ڪري رامداس کي آڻي ونڻي ويو. ڪاڏي کان اُٺڻ کانپوءِ هوَ هنکي هڪڙي آرامگاه ۾ وٺي ويو. اُتي هن پنهن جو ننڍڙو هٽ، رامداس جي آنا ڪانيءَ هوندي ا هنکي وڌائي ڏنو. رام جي غريب ٻانهي تي سچ پچ هنجي بيحد مهرباني هئي.

اڙي رام! تون ئي هڪڙو آهين، جو هنن موتهن جي روپ ۾ پنهنجي ٻانهي کي هلائين ٿو، ڪارائين ٿو ۽ سنڀال لهين

اجمير

ٻه ٽيءِ جو رامداس پنهنجا قدم شهر ڏانهن کنيا. جڏهن هو ماڻهن سان گڏيل اجمير جي گهٽين مان ٿي لنگهيو ته ڪنهن به خبر ڪا نه ٿي پيئي ته هو ڪيڏانهن پيو وڃي. هو هر دم رام جي ڌيان ۾ مشغول هو. هلندي هلندي هن کي هڪڙي ڏکوئي قد آور مسلمان ٻيهاري اشارو ڏنو ته سندس پٺيان هلي.

انهن ڳالهين ۾ دخل ڏيڻ جو هنکي ڪو به اختيار ڪو نه هو. ڇا ڪاڻ ته هن هميشه سمجهيو ٿي ته اهي سڀ رام جا ٿي سڏ آهن. تنهنڪري ٻمان ڪٽڪي هو اُن مسلمان سونهين جي مڃتا ۾ هليو. هنکي ڄاڻ ڪا نه هئي ۽ اڪو جاٽ جي پرواه ڪيائين ته اهو دوست ڪيڏانهن ٿو وٺي هلي. ٻئي ڄڻا گهٽيون لتاڙيندا آخر ميل کن پنڌ ڪندا هڪڙي ڪمان واري دروازي وٽ اچي پهتا. مسلمان دوست اندر ويو، رامداس به هن جي پٺيان هو. هو هڪڙي وڏي آڱڻ مان لنگهي ٿورا ڏاڪا هيٺ لهي هڪڙي دروازي کان ٻاهر نڪتا ته هنکي هڪڙي سندر مسجد ڏسڻ ۾ آئي. اُتي اندر وڃي هن پاڻ کي هڪڙي ڀاري محراب ۽ وڏي لاٽوت اڳيان بيٺل ڏٺو، جنهن جي مٿان هڪڙو عاليشان گنبذ هو ۽ سندس گهڙاوت تمام سندر نموني ٿيل هئي.

مسلمان پڪاريو ”هيءَ خواجه پير آهي. اُن جي اڳيان گوڏا کوڙي، پاڻ کي محمد جو چيلو سڏاءِ.“

رامداس حڪم موجب پيرن سامهان گوڏا کوڙيا.

اُنهيءَ حالت ۾ هيڪي اچا ۽ ڪهڙو ڪجهه سيکاريو. ڪهڙي
نه ٿيو ٿو ٿي آهي جو هن ناسوٽ سراپا جي ايتري ارڪور
ٿي اچي، ۽ هن اُنهيءَ دنياوي پهچڻ سچو پيدا انڪا مخصوص
ڪيو جو تحقيق لاءِ ڪوشش درجي جو آهي.

اڙي رام! موکي اُنهيءَ آزمودي جو واندو ڏيڻ آهه
ڏون ٿي ابوليس جو سچائي اچي آئين ۽ هيءَ حالت ڏيکاريو.

رام جي پالڪ رامداس، اُلي سرو شڪتيوان هستيءَ
واري رام جي ابو واري پالڪ ۽ صبوح لا ئين ڪهري
نه ڪئي.

ڪل لي آءُ پنهنجي نماز پڙهان ۽ اُنتي وري الله جي بندگي ڪريان، جا مونکي هروقت اوهانجي ياد ڏياريندي."

جدا ٿيڻ وقت هن رامداس کان پڇيو ته "هيئر اوهين ڪيڏانهن ويندا؟"

رامداس هنکي چيو "هيئر رام جي مرضي "اجمير" وٺي هلڻ جي آهي."

دوست چيو "چڱو! اهو ته ڀاڳ سنو. جيڪڏهين تون اُتي وڃين ته مسلمانن جي مشهور مسجد "خواج پير" ۾ مهرباني ڪري ضرور وڃج. اُن جو رستو توکي ڪوبه مسلمان ضرور ڏيکاريندو."

اهي ته اڳڪثيءَ وارا لفظ هوا. پر نيٺ رامداس اجمير پهچي ويو. رات جو وقت هو. جتين هو اسٽيشن تي پين ساڌن سان گڏ سمهيو پيو هو (جي ساڌو سائيءَ گاڏيءَ ۾ اُتي پهتا هئا) ته ريلوي پوليس اُتي سمهڻ کان اعتراض اٿاريو ۽ سڀني ساڌن کي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو. رامداس هڪڙي وڻ هيٺ جڳهه ڳوليءِ جا اسٽيشن جي حاطي اندر هئي. پر وري ته هتي هڪڙي پوليس سپاهيءَ دست اندازي ڪئي ۽ هنکي هڪالي ڪڍيو. ڪجهه وقت هيڏانهن هوڏانهن ڦري رامداس نيٺ هڪڙي ٻئي وڻ هيٺ جڳهه لڌي جا پڻ ريلوي جي حاطي ۾ پري هڪڙيءَ ڪند ۾ هئي. جتين ته هنکي هيٺ وڇائڻ لاءِ ڪجهه ڪين هو لهونڪري هو پٽ تي ئي ليٽي پيو. جڏهين هنجو نڪ وڃي پٽ سان لڳو ته هن کي پيشاب جي سخت بانس آئي.

اڙي رام! تون ڪيڏو نه مهربان آهين. تون پنهنجي لماڻي ٻانهي کي هر قسم جي آزمودن مان پار لنگهائين ٿو، سڀ سندس ڀلي لاءِ.

مسلم دوست چيو ”تون ائين ڇو ٿو چوين ته نبين مان هڪڙو! ائين ڇو نه ٿو چوين ته اهو ئي هڪڙو؟“

رامداس وراڻيو ”جوان يار! جيتوڻيڪ محمد دنيا کي سچي راه ڏيکاريندڙ آهي ته به اُن جهڙا ٻيا به ڪي آهن. مثال طور: ٻڌ، يسوع مسيح، ڪرشن ۽ اسانجي هن وقت ۾ مهاتما گانڌي. جيڪو سنيهو هُو دنيا کي ڏين ٿا سو جيڪڏهن توهان ڪوشش ڪري سمجهندئو ته ڏسندئو ته اهي سڀئي ضروري ڳالهين ۾ سڀ هڪ راه جا آهن ۽ انسان لاءِ ساڳيو ئي مقصد ظاهر ڪن ٿا.“

اِهن لفظن هن مسلمان دوست جي دل تي گهرو اثر ڪيو. ڪجهه وقت رامداس جي آزمودن بابت ڳالهه ٻولهه هلي. اُن جوان دوست کي هن لاءِ ڏاڍو شوق جاڳيو، ايتري قدر جو هن من ۾ پڪو ارادو ڪيو ته جيئن رامداس ويندو اُتي مان به هنجي پٺيان ضرور ويندس. اهو جوش هن کي اوچتو جاڳيو.

رامداس هنکي چيو ته ”هيڪي ائين ڪرڻ نه گهرجي. جيئن ته کيس رام جو حڪم نه مليو آهي ته هنکي پاڻسان وٺي وڃي.“ نيٺ گهڻي چوڻ سان هنکي انهيءَ خيال تان لاٿو ويو ۽ هن رامداس کان سندس يادگيريءَ لاءِ ڪجهه سوکڙيءَ جي گهر ڪئي.

رامداس هنکي چيو ته ”جيڪي به موجود آهي سو آءٌ ڏيڻ لاءِ راضي آهيان.“

رامداس کي جيڪا دوستن وٽان هرڻ جي کل ملي هئي، سا هن مسلم دوست طلبي. جا رامداس خوشيءَ سان کيس ڏني.

هن سوکڙي وٺندي چيو ”منهنجو خيال آهي ته هن

رائيپور

اُلهڻيءَ گاڏيءَ هن کي ”رائيپور“ ۾ آندو. رام جا رستا ڳجها آهن. رامداس کي خود خبر ڪانه پيئي ته رام هن کي ڇو آندو. جنهن صورت ۾ اهو لڙت آستان ۾ ڪونه هو، هن منجهند جي ماني هڪڙي ساڌوءَ سان گڏ کاڌي جو رام جي مهر سان همراهه گڏيو هو. اهو ساڌو رام جي اشاري تي هن کي هڪڙي سنڌ باغ ۾ وٺي ويو. اتي واهه جي پاڻيءَ ۾ اشنان ڪري رامداس هڪڙي وڻ جي ڇانوَ هيٺ هرڻ جي کل جو ٽڪرو وڇائي (جو هن کي جهانسيءَ جي دوستن ڏنو هو، ۽ ڪنهن رام تي ڏيارو هو) اُتي ليٽي پيو. اڃا اک مس لڳي هئس ته ڪنهن ماڻهوءَ سندس ڪلهن کي هلڪڙو لوڏو ڏنو. هن کڻي اکيون کولي ڏٺو ته هڪڙو نوجوان مسلمان سندس ڀر ۾ ويٺو آهي.

اُن نوجوان دوست هندستانيءَ ۾ چيو ”سائين! اوهان کي هلاک ڪرڻ لاءِ مون کي معاف ڪندا.“

رامداس ڄاڻي اُٿي ويٺو ۽ هن کان پڇائين ته ”تو کي ڇا گهرجي؟“

جوان دوست چيو ”مان اوهان سان گفتگو ڪرڻ آيو آهيان. مون کي معلوم ڪرڻو آهي ته اوهين ”محمد“ ۾ اعتقاد رکو ٿا؟“

رامداس جواب ڏنو ”جي ها. هو سڀني وڏن نبين مان هڪڙو آهي.“

بندرابن ۾ هُو ڪيترن ئي ڪرشن جي مندرن ۾ گهميو جن مان "رنگاناٿ جو مندر" وڏو ۽ سهڻي صورت واري بناوت سان آهي. اهو مندر هڪڙي قلعي مثل آهي. جنهن جي چوڌاري اوچيون ۽ ڀاريون ڀتيون ڏنل آهن. لنگهه جو در، ڇت ۽ اندريون حصو سڀ پٿرن جون ۽ سندرتا سان اُڪريل آهن.

ليڪ رامداس کي هتان اڪرڻ لاءِ رام جو حڪم آيو. هُو متراموٽي هڪڙي ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيو جا هن کي اُتي جي دوستن ٻڌائي.

اڙهي اڳو ڪل اها جڳهه آهي جتي سري ڪرشن ڀڳوان
ٻالپڻ گذاريو، رانديون روندون ڪيڏيون ۽ ٻهراڙيون غيبي
معجزا ڏيکاريا هئا. هتي هو گوڪل ۽ جمنا ندي
ٻئي وهي. جنهن ندي ۾ سري ڪرشن ڀڳوان انهي زهري
نانگ "ڪاليا" جي ڦڻ تي چڙهي ناچ ڪيو ۽ آخر
ماري ٻاهر ڪڍيو. هڪڙو ڏينهن اتي رهي هو واپس متر ا ۾
موٽيو، جتان هو امرداس ڏانهن هليو جو انهن کان الڪل
اڻواقف هو.

امرداس ڏاڍي وڻندڙ جڳهه آهي. هتي ٻه ساڳي جمنا
ندي جي اصلي روپ ۾ پوري طرح وهي ٿي. ان جي ڪناري
تي سندر ۽ قدرتي نظارا ۽ باغ ۽ وڻن جا باغ آهن. جڏهن
جمنا ماتا جي سهڻي ٿان تازي ۽ ٿڌي هير لڳي ٿي تڏهن
انهو منڌ سچ پچ سورڳ سمان ٿيو پيو. امرداس جي شهر
جي موهڻ ٿي پيو ۽ ندي جي ڪناري تي هو چوڏهن ڏينهن
رهيو. هن سڪل واريءَ تي راس جي وقت پنهنجو منڊ ۽
واجٽا جي جاءِ اٿاڻي ۽ ڏينهن جو وڻن جي ڇانو هيٺ گذاريندو
هو. هتي ٻيا هڪڙا ٻه ٽي ڀڪل موهيندڙ ڏيکاءُ. ڇو
هوا ۾ هر روپ سري ڪرشن جي حاضريءَ سان ٽمٽمو پئي
ڏسڻ ۾ آئي ۽ امرداس جي ڪنن ۾ سانوري سروپ جي
مسڪرائيندڙ مرليءَ جو رس ڪئي پئي آئي. مرلي مٺڪڻ جي
ساڳين اچيندڙ پوءِ جي سڏن ڏيکارڻ جي ڪئي ۾ جرم
پڻ هئي. دري هڪڙو اونهو. تنهن ۽ سيات پيدا
ٿيڻ لاءِ هوا ۾ لي اهڙو: "راڌي شيام، راڌي شيام"
جي لون آنند ۽ خوشيءَ ۾ رهيو پيو هو.

ان ڏينهن گذري ويا. امرداس کي اتي
وقت هڪڙو سمو ۽ سڌو سمو ٿي پاس

۽ گوڙ جي سيني ماڻهن جي رکيا واسطي سڄو پهاڙ پنهن
جي هٿ جي چيچ تي جهلي سيني کي بچايو هو.
اُن پهاڙ جي چوڌاري زمين ڏري گهٽ سئو ڪوهن ۾ ڦهليل
آهي. جيڪي پٿر هن ٽڪريءَ مان نڪرن ٿا سي اُتي گهڻن
جوڙن ۾ ڪم آڻيا وڃن ٿا. تنهن هوندي به اُن پهاڙ جو نشان
ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو جبل جو ٽڪر سلامت رکيو ويو آهي جنهن
کي هڪڙو لوهه جو لوڙهو ۽ مٿان نقش ڇت ڏنل آهي. اُتيءَ
هڪڙا ٻڪري گيهه، کير، ڏڌ وغيره اوٽين ٿا ۽ پوڄا ڪن ٿا.
ٻالڪ هن ٽڪر مان ننڍڙا پٿر لاهي ياتري سوکڙي ڪري
پاڻ سان کڻي ويندا آهن.
رامداس ۽ ساڌورام هڪڙيءَ ڌرمشالا ۾ ڪاڌو هٿ
ڪري، ڪا گهڙي منجهند جو آرام ڪيا.
شام جو ٻئي ڄڻا شهر جو ٻاهريون رستو وٺي پيا ويا ته
هنن پريان هڪ پڙهن جو آواز ٻڌو. رام هڻڪي چڪي اُتي
آئدو. اُنهيءَ ڪانپوءِ هُو هڪڙي ننڍڙي "رام مندر" ۾ آيا.
اُتي ٻن جي سامهون هڪڙا اڌ ٻه ڏن سنت ويٺل هئا، جن
ڪنجهي، تنبوري ۽ مرڌنگ تي اونچي آواز جو جلال وارو
نالو ڳايو. جنهن جا من کي شانتي ڏيندڙ لفظ هيٺيان هئا:
"هري رام، هري رام، رام رام، هري هري!
هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن، هري هري."
اِهو پڙهن ڪيترن سرن ۾ وري وري ٿي ڳايائون جنهن
وايو چڪر ۾ گونججي هڪڙو ٻلاءِ جهڙو آنند پريو اثر ٿي
پيدا ڪيو. رامداس اُتي ڏري گهٽ چار ڪلاڪ رهيو ۽
سمورو وقت هُو رام جي موهيندڙ نام جي آواز ۾ مٿُو هو.
ٻئي ڏينهن هُو ۽ ساڌس سولهون مرليءَ متُرا ۾ آيا. ٿورو وقت
اُتي ترسي رامداس اڪيلي سر "گوڪل" ڏانهن اڳتي
وڌڻ لڳو جو متُرا کان پنج ميل پري هو.

واريءَ ڏاڪڻ جي هڪڙي ڏاڪي تي رکيو. اوتي برهمڻ
پنهنجي عبدڪ وجهي رکي. اوريءَ دير کانپوءِ هٿن هڙ اشنان
ڪري موٽيو، اچي ڏسي ته عبدڪ اتي ڪانه. چاڪاڻ ته
ٻئان هڪڙو پوڙهو آئي اچي هن جي عبدڪ کڻي ويو. هيڏو
رامداس عبدڪ کانسواءِ پريان وارين شيون ڏسي نٿي سگهيو.
اهو ڏسي نئين سواهين برهمڻ کي چڙ ته ڏاڍي آئي پر
رامداس پنهنجي گهراڻ جي چيو:-

”اها سب رام جي اڇا آهي.“ ۽ پنهنجي دل ۾ خيال
ڪيائين ته شايد رام جو مطلب آهي ته مونکي ڪوتل
نظر بدران وري نظر ڏني.

پر برهمڻ کي شانتي ڪانه ملي. هن سمدس وائچو بڻل
بڻ چوڪرن کي عرض ڪيو ته بندر پئسان ڊوڙي اها عبدڪ
هٿ ڪن. اپتري ۾ بندر هڪڙي مندر جي لل تان ٽپي اچي
ٽپي ويو. هنن پڻ بندرن ۾ پٿ ورتي جو هنن سمجهيو ته
شايد بورڻين بندر کي ڪا کاڌي جي شيءِ هٿ لڳي آهي.
آخر بندر هن مندر کا ٿيو پٽي چوڪرا موٽي آيا ۽ پاڻ سان
صحيح سلامت عبدڪ کڻي آيا. اها سب رام پنهنجي نماڻي
بانهي جي آزمائش ٿي ورتي.

رامداس اهيءَ سونهن برهمڻ جي مهربانيءَ سان
ڪي سري ڪرشن جا مندر ڏسي هڙ ٽپي ڏيهن نئين ساڌورام
جي سنگ ۾ ”گوورڌن“ ڏانهن ويو.

گووردن پڻ متراکان چوڏهن ميل پري آهي. اتي هڙ
مستيهد ڏاري پيا.

اها عام رسم ڪانهي ته پاپي واحا ”ڪنس“
[illegible] حڪم سان ڪاوڙ ۾ آتل ”اندر“ ديوتا ڏاڍو طوفان ۽
[illegible] ميهن سب پوکي ڏيو، لڏهين سري ڪرشن
[illegible] ما پا [illegible] پنهنجي والد پاين گوالن، ڪانن

مٿرا، گوڪل ۽ بندرابن

مٿرا اُن وڏي اوتار ”سري ڪرشن“ جي جنم ڀومي آهي. سري ڪرشن سچ پچ خود پرمير جو روپ آهي. هندو امر تائو هندستان جي ماڻهن جي من ۾ سندس اوچ مهما سان اڃا تائين قائم آهي. ”ڀاڳوت گيتا“ جي تتو گيان جي مٽ ڪجهه به نه آهي. اُهو هڪڙي ئي مقصد ڏانهن اشارو ڪري ٿــو جنهن ڏانهن انسانيت جي مراد هئڻ گهرجي جـــو ئي سچي حياتي ۽ هستيءَ جي قابليت جي آخريت آهي.

مٿرا اڃا به چٽيءَ طرح ٻال ڪرشن ۽ سندس موهيندڙ حياتيءَ کي ڀيٽڻي ياد ڪري. اُنهيءَ هنڌ ڪيئي مندر آهن جنهن ۾ هُو ٻنن جي ڏيکاءَ وارن ٻهريل ڪپڙن جي صورت ۾ روز مره پوڄيو وڃي ٿو.

رامداس جڏهن ڏينهن مٿرا ۾ پهتو، اُن ڏينهن رامڪنڪر ٻاهر ويل هو. رامداس کي اڃا تئون سولهون ڪو نه مليو هو. هُو شهر کان ڪٺهن ٻوڙ نديءَ جي ڳولها لاءِ ٿي ويو. رام جو هميشه هن کي پنهنجي مدد ڏيڻ لاءِ تيار هو تنهن هڪڙي برهمڻ کي جو خود نديءَ تي ٿي ويو تنهن سان ملايو. هُو پاڻيهي هن وٽ آيو ۽ هن کي نديءَ تي هلڻ واسطي رستو ڏنائين.

ٻوڙ ”جمنا“ نديءَ تي پهچي رامداس ٻهريائين پنهنجا ڪپڙا ڏونا ۽ پوءِ هُو اشنان واسطي نديءَ ۾ هيٺ لٿو. پر اِئين ڪرڻ کان اڳـــ هن پنهنجو ننڍڙو لوٽو پٿر

رام مسافريءَ ۾ سڀ ھنڌ مٿس مھربان ھو. چاڪاڻ تہ ھو
رام جي حڪم سان ئي ھن مسافريءَ لئي نڪتو ھو.
رامداس ۽ رامڪنڪر، رام نگر مان اُھيءَ گاڏيءَ
۾ چڙھيا جا "مٿرا" تي ويئي. مٿرا پھچي رامڪنڪر بيمار
ٿي پيو. تنھن جھانسيءَ موٽڻ جي رٿ ڏني.
رامڪنڪر جيڪو ھن وقت رامداس سان گڏ رھيو سو
سمورو وقت سندس ماءُ جيان ھر قسم جي پرگھور لھندو ھو.
اِھا رام جي اِڇا ھئي تہ ھيئنئر ھن دوستن کان جدا ٿئي.
رامڪنڪر جھانسيءَ وڃڻ لاءِ ھڪدم مٿرا ڇڏي. ھاڻي
رامداس فقط ٿورن مٿن واسطي اڪيلو ٿيو. چاڪاڻ تہ جيئن
ڏورمشا لاءِ ھو تڪيل ھو، اُلي رام ھنديءَ وڌيڪ پاڻ لاءِ
ٻيو ھڪ ساڌو سوامين کري موڪليو.

"جيڪڏهين اوهان بيمار آهيو ته اندر اچين سگهين ٿو."
رامداس جواب ڏنو "مان بيمار ڪونه آهيان."
"چڱو! جي بيمار نه آهين ته بيماريءَ جو بهانو ڪر."
پنڊاجيءَ هڪڙي اِشارو ڏنو.

رامداس وراڻيو "ڪڏهين به نه، هڪڙي ڪوڙ ڳالهائڻ سان بدري ناٿ جو درشن نه ڪبو. اِهو رام جي حڪم جي برخلاف آهي."

اِئين چئي هو پنتي موٽيو ٿي ته ٻهراڻ پنڊاجي يڪدم هن کي هٿ کان جهلي اندر وٺي ويو ۽ کيس بدري ناٿ جو درشن ڪرائي ڪجهه پرساد به ڏنو.

اڙي رام! ڀڳتيءَ ڀانهي کي آزمائڻ جا ڪيئن نمونا آهن.

هڪڙو ڏينهن بدري ناٿ ۾ رهي، ساڌو وري پنتي موٽڻ لڳا. ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ هو هڪڙي هند پهتا جنهن کي "رام نگر" سڏيو ٿي ويو. جتان هڪڙي ريلوي لائين ڏکڻ ڏانهن نڪري ٿي. هماليه جبل جي مسافري هن ڪل چار سؤ ميل ڪئي. هردوار کان رام نگر چاليهن ڏينهن جي پنڌ تي هو.

رام نگر جهڙو سندس نالو آهي اهڙو ئي برابر داني شهر آهي. دان اُتي جي ماڻهن جو آدرش آهي. ريلوي اسٽيشن جي ويجهو هڪڙي اسپتال هئي جا بيمارن جي فائدي لاءِ ڪانگريس واليئنٽيرس هلائيندا هئا. سون يا ترن کي هر روز اُتيءَ اسپتال مان مدد ملندي هئي. اُتي جي شاهوڪار شهر واسين جو ساڌن ۽ غريب نير ٽواسين کي کارائڻ جو پرپنڌ بل آهي. اُتي جا ماڻهو ديا وان ۽ مهمان نواز آهن.

هندستان جي سيمي پاڳن ۾ جتي به رامداس مسافري ڪئي آهي، اُتي جي ماڻهن، پاڻ سندس ساڳي راءِ آهي.

سان هڪ ٿي ويو جن جي وچ ۾ ولو هو.

بدريات وٽان ”الڪنندا“ نالي ندي نڪري ٿي.
اُهي اوچين جابلن تي چڙهندي ياترين کي برف وارا وڏا
بت لنگهڻا پيا. هو پيرن اگهاڙو پيو پٿن تان هليا. اُهي برف
جا بت، برف جون وڏيون جبون هيون. نڪريءَ هيٺان برف
جي وڏن ٽڪرن مان وهندڙ پاڻي نڪريءَ وهڪ سان لڙهن ۾
ندي کي گڏجڻ واسطي وهندو پيو وڃي.

جوڻ ۾ ٽواچي ته جڏهن به اُن برف جو سمهوڻ لنگهه
ڦاٽي ٿو ته اُن ڪيترا ئي ٽواسي اُن جي هيٺان هلندي لڙهن
اندر هميشه هليا ويا آهن.

چوندا آهن ته بمبئيءَ جي هڪڙي شاهوڪار واپاريءَ
کي جنهن ڏوليءَ (پهرڪهي جهڙي گاڏي) ۾ چاڙهي مطبوط ماڻهو
ڪڍي ٿي ويا ته هو بڏي ويو ۽ لنڊ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪسر
ٿي ويو.

رامداس ۽ رامڪنڪر بدريات تي پهچي ويا. اُها ته
ڪ سئين ماٿري هئي جنهن جي چوڌاري ڪيدارناٿ والڪر
وڏا جبل هئا. اُتي بدريات جو مندر سنگمرمر جو جڙيل آهي.
هتي ته گرم پاڻيءَ جو تلاءُ هو. چشمي جو گرم پاڻي ٽڪرن
تان لهي اُن تلاءَ ۾ پيو ڪري ٿيو. ياترين اُتي اشنان ڪيو.
ٿڌ ڏاڍي پئي گهٽي هئي. پر رام مهربان ۽ فيض وارو هو. اُن
ڪري رامداس کي ٿڌ جي سختي محسوس ڪانه ٿي. هنن
بدريات جي درشن لاءِ مندر ۾ اندر وڃڻ ۾ تڪليف ٿي.
چاڪاڻ ته مندر جي دروازي سامهون ياترين جي گهٽي پيئي
هئي. پر ڪن پيسا ڏيندڙ ماڻهن کي مندر جي پاسي واري دروازي کان
اندر وڃڻ جي موڪل ملي ٿي، جتي به پنڊا (برهمڻ) نظرداري
ڪرڻ لاءِ بيٺا هئا. رامداس به اُتان وڃڻ چاهيو. هڪڙي
ندي هنڪي سڌي چيو:

رامداس کي نيٺ رام سلامتيءَ سان ٺڪر جي ٽري ۾ آندو.
اُن هنڌ پهچڻ واسطي پنج ڪلاڪ لڳي ويا. هن ٺڪر جي
اوچائي ميل ڪان ۽ مٿي هئي. ”مند ڪيني“ ندي جا اُتان
نڪري ٿي، اُنهيءَ جي منهن وٽ اچي، جتان برف ڳري
هيٺ لهي ٿي اُتي هن اشنان ڪيو. پاڻي تمام ٿڌو هو.
پر ٿڌ اُنهيءَ کي ڪهڙي لڳي سگهي ٿي جنهنجي رام رکيا
ڪري ٿو.

ڪيدارناٿ ۾ هڪڙو مندر، ٿورا دوڪان ۽ ڪجهه
رهڻ جون جايون آهن. رامداس هڪڙو ڏينهن اُتي ترسي
رامڪنڪر جي صلاح تي مسافريءَ لاءِ اڳتي هليو. ٿورا ميل
هيٺ لهي پاترين جبلن جي هڪڙيءَ قطار ڏانهن هلڻ شروع
ڪيو. هو مٿي، وڌيڪ مٿي ئي چڙهيا. ڏاڍا جلال وارا
موهيندڙ نظارا هنجي اکين ڏٺا. هو هڪڙيءَ ٺڪريءَ جي
ٽري ۾ هڪ آرامگاهه تي آيا، جتي هڪڙو ننڍڙو تلاءُ
”گوري ڪنڊ“ جي نالي سان هو. جنهن ۾ چشمن جو گرم
پاڻي پئي ڪريو ٿيو. اُتي پيو ۽ هڪڙو تلاءُ هو جنهنجو پاڻي
پيلي رنگ جو هو.

رامداس ۽ رامڪنڪر اُتان مسافريءَ لاءِ اڳتي روانا
ٿيا. ميلن جا ميل چاڙهيون چڙهندا ئي ويا. پيچرو هيٺئر اهڙو
خراب نه هو جهڙو ڪيدرناٿ وارو هو. هو ڏينهن جا ڏينهن
پئي هليا ۽ نيٺ اُنهيءَ هنڌ پهتا جنهنکي ”بدريناٿ يا بدريناراڻ“
ڪري سڏين ٿا. اُن کان اٽڪل اڌ ميل پري هو هڪڙي
پيچري تي وڃي وينا ۽ بدريناٿ جي جبلن تي نظر ڦيرايائون.
نظارو اُتي سندر ۽ موهيندڙ هو.

اِهو نظارو چٽڻ لاءِ رامداس جي قلم ۾ طاقت ڪانهي
جو هو چڱيءَ طرح چٽي سگهي. جيئن هو نظر ڪپائيندو ويو تيئن
هنجي سرير جي سهڪ نڪرندي ويئي ۽ هو اُنهن اوچن جبلن

همالیہ جبل جي مسافري (اڳئين هلي)

ڪيدرناٿ ۾ رامداس هڪڙو اوکو ڪم ڪيو، سڀ رام جي ڀروسي. جيڪي جو گرد جبل هئا ۽ جي برف سان ڇانيل هئا، اُنهن مان هڪ تي چڙهيو. رامڪنڊ اڌ رستو ساڻس گڏ هليو. وڌيڪ مٿي هلڻ کان، ٻن ٻن سببن ڪري ناڪار ڪئي، هڪ ته مٿي ٿڌ تمام گهڻي هئي ۽ ٻيو هيٺ لهڻ جو انديشو هو. پر رامداس، جنهن ٻالڪ کي رام جي ڌُن ۾ چڙهي ڏنو هو تنهن ڪا به پرواهه نه ڪري مٿي، وڌيڪ مٿي چڙهندو ويو جيستائين هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وڃي پهتو، تان جو هيٺ سوڙهي ۽ نماڻي شڪل واريءَ چوٽيءَ سان وڃي لڳو. چوٽيءَ سان لڳي هن فتح پائي ڪري وڏي آواز سان سري رام جي جئه مناني. ۽ (آواز جي سچي طاقت سان يا جوت آواز سان) اچاريائين:

”اوم سري رام، جئه رام، جئه جئه رام“

اڙي رام! تون ڪيڏي نه وڏائيءَ واري هستي آهين.

هاڻي هيٺ لهڻ تمام جوکائتو هو. هڪڙو غفلت وارو قدم کڻڻ يا ٿڙوڻي لڳڻ هو ته هيٺ ڪرڻ ۽ سڀ ڪو ناس ٿيڻ. تنهن هوندي به جي رام سڱهون آهي ان کي ڪهڙو خوف آهي؟ ڪهڙي به خوف کي بهادريءَ سان منهن ڏجي؟ هو آهستي آهستي چڙندو هيٺ لهڻ لڳو پر ٽڪريءَ تان هيٺ لٿو. هڪ ساڳئي وقت برف جي ڳڙڻ جو اچي ڇڄڻ وسيو. هو گوم ڪڙڻ کانسواءِ ئي مٿي چڙهندو هو پر ڀروسي هن ٽڪر ڏب ڪا ٽڏ ئي محصور ڪئي.

اِها گذارش هڪڙيءَ ٻڍيءَ زال بابت آهي. جنهن جو ساهه هڪ ٽوڪري ۾ اٽڪيو جو هن کي هڪڙو مضبوط ٽاڪرو ماڻهو کڻي ٿي هليو. [مسافريءَ ۾ ٿڪجي پوڻ جي حالت ۾ اُتان جا ٽاڪرو ماڻهو مسافرن کان پئسا وٺي پالڪين ۾ يا ٽوڪرن ۾ وهاري مٿي پهچائيندا آهن]. مسافريءَ جي ڪن ڪن هنڌن تي هن پنهنجو بار آرام وٺڻ لاءِ هيٺ پئي لاٿو. پڇاڙيءَ جو پيرو هن ٽوڪرو اُتي لاٿو جتي رستي جي پير ۾ رامڪنڪر ۽ رامداس آرام ڪري رهيا هئا. دستور موجب هن ٽوڪرو هيٺ رکي ٻڍيءَ ماتا کي چيو ته ڪجهه وقت ٽوڪري کان ٻاهر اکري اچ، پر جواب نه ٻڌي ٽاڪرو ماڻهوءَ ٽوڪري ۾ ليئو پاتو ته هن کان عجب ۽ ڏک واري رڙ نڪري ويئي.

هن رڙ ڪندي چيو "غريب زال موڪلائي رهي آهي"

اڙي رام! سڀ ڪجهه تنهنجي اِڇا موجب ٿئي ٿو.

رامداس ۽ سندس سونهون رامڪنڪر پوءِ مٿي ۽ وڌيڪ مٿي چڙهيا ۽ آخر "ڪيدرناٿ" ۾ پهتا. اُهو هڪڙو عاليشان هنڌ هو. اُهو صاف ميدان وڏن اوچن برف سان ڇانيل جبلن جي وچ ۾ هو. هتي ٿڌ نهايت سخت هئي.

اڙي رام! تنهنجي مهرباني تنهنجي ٻانهي تي تمام گهڻي آهي جو تو هن کي ٿڌ سهڻ جي اهڙي شڪتي ڏني آهي.

مشڪل سان اچي وڃڻ جو هڪڙو مثال هتي ذڪر ڪجي ٿو.

رامداس ڇاڙهيءَ جي وچ ۾ هڪڙي هنڌ ٻڪري ٿي رامڪڪر واسطي ترسيو بيٺو هو. اهو هنڌ هڪڙي اوچيءَ ٽڪريءَ جو ڪنڊ هو جنهن جي هيٺان هڪڙي ندي پئي وهي. ٻڪرو تمام سوڙهو هو. هڪ سوڙهن ورهين جي سندر ڇوڪري ٿوڙا ئيءَ سان مسافريءَ تان موٽندي هيمت لهندي ڏسڻ ۾ آئي. آها لاهي بلڪل اونهي هئي ۽ ڇوڪريءَ جي اهڙي جي رفتار بلڪل تيز هئي. سندس گهڻيءَ ڪوشش هوندي به هوءَ وس کان ٻاهر ڇوه مان پئي هيٺ لٿي. ڇوڪري هيٺ، گهڻو هيٺ آئي. هنجي ڇهري ۾ جوش وڃان رت آيل هو. ڪنهن طرح پٺتي پئي نه ڪيٽن ٻهوس ٿي هيٺ گهاچندي بيٺي وڃان ته سندس طاقت کان ٻاهر هو جو پاڻ کي وس ڪري. ٽڪريءَ جي ڪني ڏانهن دوڙڻ بدران هوءَ ٻڪري جي ڪني تان ٿا ٻڙجندي هيٺ پئي لٿي.

رامداس اهو لطارو ڏسان ساه واري حيان ڏاڍيءَ حمتا سان پي حاجيو ۽ سامهون رام کي سڏيندو رهيو ته اچي هٿڪي ڇپاءِ. رام ٿي انهن ڪري سگهيو ٿي ٻيو ڪو ته نه. ڇوڪري هاٿي ڪٽي ٿي آئي. هن گهڻيءَ طاقت ۽ آدم سان پاڻ کي وس ۾ آندو. هنجي ڪاپي ٻيو جو ڪجهه حصو ڪني کان ٻاهر هو.

اڙي رام! ڪهڙي نه خوفناڪ حالت هئي اُن وقت! رام تنهنجي ٿالي جي حڻ حڻ هئي.

رامداس نهاري ٿو ۽ ڏسي ٿو ته ڇوڪري "رام رام" اچاري رڙيون ٿي ڪري. اڙي! اچي، اچي!! رام هٿڪي ڇپايو. هوءَ اُتي ڪڙي ٿي، مٿس ۾ نه ترسي ۽ اڳتي هيٺ ٻڌ نيڪي. ٿي ڏٺي ڇوڪري! ڪهڙو نه ڀهڙو عجب ۾ وجهندڙ منظر آهي!

اُنهن جي حياتيءَ جي رهڻ جو نمونو هن سڌريل زماني جي نقصانڪار اثر کان آزاد آهي تنهنڪري هنن جون حياتيون ساديون، ٻولر ۽ ايمانداريءَ سان ڀرپور آهن.

مسافريءَ جي ٻين ٻين منزلن تي، ٽڪرين مٿان يا غارن ۾ سادو تپ ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اُنهن جي سنگت ڳولهڻ ۽ ڪجهه وقت اُتي رهڻ سان وڏي نعمت آهي. سادوءَ جو سنگ من جي واسطي گهڻو ضروري. اشنان آهي. جيڪو ٻولر وايو چڪر جو ڀيٽجي ڏيان ڌاتاران ڀيٽجي چوڌاري خلقي تو سا اُها ندي آهي جنهن ۾ من اشنان ڪري تو ۽ خراب خيال ۽ اثر بلڪل ڪڍي ڇڏي ٿو. اُنهن ٻولر ٽڪرين تي نارد ۽ اَگستيه منيءَ جهڙن مشهور سنتن جا آشرم آهن. اُتي هڪڙو هنڌ آهي جنهن کي "پانڊو ڪيش" ڪري سڏيندا آهن جتي چون ٿا ته "پانڊو" ڪجهه وقت "ڪيلاس" جي مسافريءَ تي ويندي ترسيا هئا. اُتي هڪڙو مندر آهي جنهن ۾ ڪي جهوليون لکيتون ٽامي جي پليٽن تي اُڪريل آهن.

رامداس ۽ رامڪڪر اُنهن جبلن تي ٻاهرين جڳهن جا پيڇي سا هئي "ترجيگا راڻا". اُنهيءَ هنڌ جي چاڙهي اوکي ۽ اُتي هئي ۽ مٿي ميدان هو، جنهن جي چوڌاري برف سان ڇانيل ٽڪريون هيون. ان ڪري اُتي ٿڌ تمام گهڻي هئي. ٻيرت واسي اُتي هڪ ڏينهن رهيا.

اُن کانپوءِ هو ٻئي جڻا ڌورو پنڌ هيٺ لهي ٽڪرين جي قطار تي چڙهيا. اُتي پيچرو تمام سوڙهو، ڪِرڻ ۽ ڪنڊن وارو ۽ خوفناڪ هو. ڪمزور ۽ پگل ٽٽل پليون هيون جتان ڪين لنگهڻو پيو. اُنهن ڪانسواءِ برف سان ڇانيل وڏن پٿرن تان به ڪين جهاڳڻو پيو. اُنهيءَ پيچري جي جوکائتيءَ حالت هئڻ سبب چون ٿا ته هر سال ڪيترا ئي تراسي اُنهن ٽڪرين تان ترڪي هيٺ نديءَ جي وردار وهڪ ۾ گهاڙجي سوين فوت هيٺ وڃي پون ٿا. ٻــر

سگهيو. پر رامداس پنهنجو ڏٺي نه هو، رام تي سندس ڏٺي هو. هڪڙي هنڌ هوُ ٻئي هڪٻئي کان وڇڙي ويا جهڪري ٻهڳي کي ڳڻتي ٿي، پر تڏهن هونديب رام هن کي هڪڙي آستان جنهن کي "ردربرياگ" ڪوٺين ٿا اچي ملايو.

هزارها تيرٿ واسي هرسال هن هنڌ (مارچ کان جون تائين) برابر هڪئون ناهي ٽڪرين تي پٺي چڙهيا ۽ لٿا. سيئي تيرٿواسي، سادو ۽ ٻيا جن کي رامداس رستي ۾ ڪڏهن هن تي مهربان هئا. ٻمٻئي جيڙي اٺاه شهر ۾ ڪن شاهوڪار واپارين کي ٻيٽ هن واسطي ڏاڍي اون هئي. چاڪاڻ ته رام مهربان آهي ته سڀ مهربان آهن ۽ رام تي سڀني ۾ آهي.

جبلن تي ناڪرو قومون رهن ٿيون جي سهڻي شڪل وارين ۽ چڱيون مضبوط آهن. اهي جو باني مال ۽ ٻوڪ تي گذران ڪن ٿيون. سياري هن جي پوشاڪ ۽ رهڻي ڪهڻي بلڪل سادي آهي. هن جو پهراڻ پر گهڻو ٿيڻو آهي. هنن جي زبان تي هروقت "رام، رام" آهي. ڪيترن هين انهن سان ڳالهيون ڪيون ته هو معروري ۽ ڪي ڇهاڪ سان جوندا ته اهس رشي، جي هن ٽڪرين تي رهندا هئا تن جو اولاد آهيون. هنن جا سورا ڪپڙا پشم جا ٺهيل آهن. مرد پشمي ڪوٽ، پشمي ڪپا ۽ ڪارين ٽوپيون پهرن ۽ زالون ساڙهين بدران ڪپڙا ٻلڪسڪست ٻڌڪن. اهي ٻلڪسڪست، هو جيڪي رڍون اڪي پالين ٿا تنهي پشم مان اُڻي تيار ڪن ٿا. ڪاڏي جو سامان ۽ ڪپڙا ٺاهڻ جون ٻه ضرورتون، سي سندن پورهئي جي پيدائش آهن. هو هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ وقت، سڀڪو مرد جاهي زال ڪجهه پشم ۽ ڪاٺ سان ڪتيندا آهن جا رستي تي هلندي پيا اُڻندا. هنن کي سادا آڏاڻا ڪڏن وارا ٽ آهن جنهن تي هو اُن جي ڌاڳن مان ڪپڙو اُڻن ٿا.

اڙي رام! هن پاڻيءَ ۾ سچ پچ تنهنجي اعتبار مهرباني آهي.

رامڪنڪر ۽ رامداس روز بروز پنهنجي هلڻ جي رفتار تيز ڪندا ويا. رامداس کي ڪنهن به قسم جو ٿڪ يا سور يا بي آرامي ڪانه ٿي. هو هميشه جيان تازو توانو هو. اها سڀ رام جي مهر هئي، جنهن جو ناو هر دم سندس زبان تي هو.

هو ٻئي جهڙا جبل ٻيان جبل لنگهندا ۽ جيئن هو مٿي چڙهندا ويا تيئن وڌيڪ اعليٰ ۽ نوان نظارا هنن کي عجب ۽ وڇڙ نظرن جي اڳيان آيا. اهو سڀ هڪڙو جادو مثل سپنو هو جو رام جي پورن مهما ۽ وڏائيءَ سان ڀرپور هو.

اُلي رام پنهنجي حيرت ۽ وڇڙ ليلان ڏيکاري رهيو آهي. هو طاقت وارو وڏو جادوگر آهي. نظاري پٺيان نظارو تنهنجي اکين اڳيان ڦري ٿو ۽ سمجهه ڪانه سواءِ تون هن وڏي جادوگر جي سڄي طلسم ۽ جادوءَ جي اثر هيٺ اچين ٿو. تون وساري ڇڏين ٿو ته تون ڪير آهين ۽ ڪٿي آهين؟ صرف اهڙي وانءُ چڪر ۾ هڻو ۽ گم ٿيو وڃين ٿو جهڙيءَ طرح دونهين جو ذرو هوا ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

رامداس ڏاڍو ٿڪڙو پيدل پي ڪيو. هو سچ پچ اڌاٽو پي ۽ تمام ڏکيون چاڙهيون به هڪدم چڙهي ٿي ويو. هنکي پنهنجي سرير جي به سمجهه ڪانه ٿي پيئي. هن جو من بلڪل رام ۾ بدل هو جو ٿي فقط هنکي هن جادوءَ وارن نظارن ۾ ئي نظر آيو.

مٿي ۽ وڌيڪ مٿي اُهي اُٺتڪ ياتري چڙهندا پي ويا. رامڪنڪر جنهن کي گهڻي ٿڪڙي ڪٽڻي پيئي، تنهن رامداس جي لکيءَ ڊوڙ جي دانهن پي ڪئي جو هو ساٿس پچي نٿي

هماليه جي مسافري (هلندڙ)

جو نين ڏينهن هو مٿي ٽڪرن تي پهچي مسافريءَ لاءِ نڪتا. جنهن هو مٿي مٿي جبل تي چڙهندا ٿي ويا تنهن تنهن نماءُ ۽ نظارا نهايت دلڪش ڏٺا.

ساڄي پاسي پوتر گنگا پهڙي گهٽي زور ۽ شڪتيءَ سان ٽڪرين تان هيٺ پئي لٿي، ۽ کابي پاسي اوچيون جابلو ٽڪرون جي پورن سبزيءَ ۽ ننڍين ننڍين وڻن سان پرپل ڏيکاءُ سان هڪدم دل ۾ لهرون اُٿاري پاڻ ۾ محو ڪندڙ هيون. اُتي جي هوا ۽ رام جي حاضريءَ سان پرپل هئي. ڏوراهيون ٽڪريون ۽ ماٿريون، ڪئين رنگ ڪيندڙ آسمان، جنهن ۾ اچي ٻهڙ هوڙا ڪڪر عجيب شڪلين ڌاري بيٺيون هيون. برف جا ٽوپ پاتل جبل، سوين ميل پري مٿي سج جي ڪرڻن ۾ پئي چهلڪا ڏنا ته هن کي روپيون چادرون وڇايل آهن. اهي سڀ تحقيق من کي موهيندڙ نظارا هئا.

اڙي! واه جو اُنهن نظارن جو جادو! اڙي! مسڪين رامداس کي پورا لفظ ئي نٿا ملن جن سان هو اُنهيءَ جلوي، سونهن ۽ عجب ۾ وجهندڙ اُنهن نظارن جي مهما بيان ڪري، جي هو واٽهڙو ڪندڙ نظرن سان ڏسي رهيو هو.

جڏهن هو هلندا پئي تنهن مهل رام جي آڳار سونهن جون [illegible] ۽ وڏيڪ اداهون سرڪيون لي ليٽيون ۽ واو تي [illegible] وڏيڪ مٿو نيندو. ڪان حر هو اُنهن جي لٽي ۾ گم [illegible] هو.

ڪندو هو. هنکي عجيب خوشي ٻاندرن سان ٻارن وانگر ڪ
نچڻ ۾ ايندي هئي ۽ هنن پنيان ڊوڙڻ ۽ خوشيءَ ۽ راند وچان
عجيب آواز ڪڍندو هو. هنجو ڇهرو چمڪندڙ هو ۽ هنجون سايون
اکيون پيار جي پاڻيءَ سان ڀي ڀڪيون. سا ڳئي وڻ هيٺ
هڪڙو انڌو ساڌو هو جنهنجو آواز سٺو هو جو هن رام جي
مهما ڳائڻ جي سندر ڪم ۾ پي لڳايو.

هتي تي ڏينهن شانتي ۽ خوشيءَ ۾ گذريا. رامڪنڪر
رامداس جي ڪاڏي تي نظرداري ڪرڻ ۾ گهڻو مهربان هو.
رشيڪيش ۾ ٻه وڏا ان کيتر آهن جي روز سنياسين واسطي
ڪاڏو ميسر رکندا آهن. اُنهن مان هڪڙو هڪ وڏي مها تما
جنهنجو نالو "ڪالي ڪملي والا" هو تنهن کوليو هو ۽ اُهو
مها تما هاڻي مها سماڌيءَ ۾ آهي. اُنهن ٽڪرن تي ۽ سيني
ساڌن جي زبان تي هن جو برڪت وجهندڙ نالو آهي. پنهنجي
پرياڻ سان هن بمبئي ۽ ٻين وڏن شهرن جي شاهوڪار واپارين
تي زور رکيو ته هو ٽڪرن جي ڏهن يا پندرهن ميلن جي مفاصلي
تي هڪڙي ڌرمشالا کولين جتي سداورت يا ڪاڏي جون شيون
سواءِ قيمت جي سيني ساڌن کي ڏجن جن کي رشيڪيش کان
چٽڪيون مليون هجن. رامڪنڪر پڻ اُهي چٽڪيون رامداس
واسطي رشيڪيش مان هٿ ڪيون هيون.

رامداس جي خوشيءَ واري مرڪ سان مرحبا ڪئي ۽ اهي مهاتما جي چرڻن ۾ ڊنڊوت ڪري ٽڪي ويٺا. هن مهمانن کي ڪي ڦوٽا آڇيا ۽ سادي ٻاراڻي گفتگو گنگا جي ٻي پر وارن سنتن نسبت ڪئي جي اُتي جي گهاٽن ٻيلن ۾ جتي رواجي ماڻهو وڃي نه سگهي اتي ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ جتي ڪن سالن کان تپسيا ڪري رهيا هئا.

رامداس کي هن سهڻي صلاح ڏني ته جيترو ٿي سگهيئي اوترو وقت ايڪانت ۾ وڃي ساڌن ڪر. انهيءَ کان وڌيڪ سٺو رستو پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ جو ٻيو ڪوبه نه آهي. هو مهربان، دوستانو، موهيندڙ ۽ سٺو هو.

اڄ رام! تون ئي پاڻ سڀ ۾ هئين ۽ پنهنجي مها رامداس هن ساديءَ جمع هيئان محصوص ڪئي.

اي باقي هڪڙي ڳالهه اها آهي ته سنت کي پکين لاءِ ڏاڍو پيار هو. هو روز پنهنجو کاڌو هنن سان ونڊي کائڻ لاءِ ڪين ڪا ٿيندو هو. اهي پنهنجي حصي واسطي جهوپڙيءَ جي ٻاهر وڻن تي ترسي ويهندا هئا. اُنهن نسبت هن ڏاڍي پريم مان ٻي ڳالهه ڪئي. ٻاهر نڪري اهي ٽئي گنگا ماتا جي ڪناري تي بي ڦريا، جتي هنن ڪي سنياسي گڏ و رلن ڪبڙن ۾ ڊ ڪهل ڏٺا. هنن جا چهرا خوشيءَ جي روشنيءَ سان پئي چمڪيا. هو سڀ صبح جي ٻولر پاڻيءَ ۾ اشنان ڪرڻ واسطي ٻاهر آيا هئا. رامداس رشيڪيش ۾ رهڻ جو وقت هڪڙي اهڙي وڻ هيٺ نديءَ جي ڪناري تي هڪڙي مهاتما جي جهوپڙيءَ واجهو مٽيءَ جو ٺلهو جو وڻ جي چوڌاري هو اهو وڃي والاريو. هي سنت به هن تي ڏاڍو مهربان هو. هن کي ڳاين ۽ ٻاندرن کي کارائڻ جو خيمه هو جي سڌس جهوپڙيءَ جي چوڌاري اچي ڪٺا ٿيندا هئا. اُنهنکي کارائڻ لاءِ هو بازار ۾ پنڻ ويندو هو ۽ کاڌي جو سامان ۽ گاهه هٿ

ڌنڌ سان ڍڪيل آهن سي ٻريان جهڪيءَ طرح ظاهر آهن.
جڻ ته اهي ڪڪرن جي اُٿل وارين لهرين کي جي سندن مٿان
آهن چمي رهيون آهن. ويجهو نظر ڪرڻ سان اوچا ۽ پاري
ٽڪر ۽ گهاٽا ٻيلا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جن ۾ ساوا، پيلا ۽ ڳاڙها گڏيل
رنگ پنن، ٽارين ۽ گلن جا آهن. اڃا به ويجهو نظر ڦيرائڻ
سان پوتر گنگا نديءَ جو هلوري پاڻي جو سانت ۽ سهاني
نموني وهي ٿو ۽ پنهنجي چاليءَ لاءِ پاري ٽڪرن جا ٽڪر جي
هن جي زوردار پاڻيءَ اڳيان ڪان ڇڏا آهن ۽ هن کي گول ۽
لسو ڪيو آهي سي ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

اڙي رام! تون اعليٰ آهين.

هن وڏي نديءَ جي هڪڙي پاسي تي ڪي ننڍيون
ڪکايون جهوپڙيون ناهوڪيون ۽ صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿيون
جي سنياسين جا آشرم آهن.

رامڪنڪر رامداس کي اُنهن جهوپڙين مان هڪڙيءَ
۾ وٺي ويو. جهوپڙيءَ جو اندريون پاسو بلڪل سادي
سامان سان ٺهيل هو. اندر هڪڙي بانس جي کٽ جنهن جا ٻه
پاوا خود جهوپڙيءَ جا ٿنڀا هئا ۽ اُن تي هڪڙي هرڻ جي
کل وڇايل هئي ۽ هڪڙو ڪمبل ۽ بلنڪيٽ ته ڪيل پيرن
کان رکيل هو. هڪڙو پوڙهو يوگي، پڻ سنياسي هرڻ جي
کل تي پلٿي ماري ويٺو هو. هڪڙي ڪلهي تي سندس ڪاري
سنهري وارو ڪرمنڊل ٽنگيل هو. هنکي ٻيا ڪي به ڪپڙا نه
هئا سواءِ هڪڙي ٽڪر ڪپڙي جي ۽ هڪ لنگوٽ جي، جي
اُس ۾ ٻاهر پئي سڪا. جهوپڙيءَ جي واريءَ واري پٽ تي
هڪڙو بانس مان جڙيل تڏو هو ۽ ڪنڊ ۾ ٻه ڪارا پٿر هڪڙو
وڏو ۽ ٻيو ننڍو جنهن تي بادامون ۽ ٻيون اهڙيون ڪاٺي جون
سخت کل واريون شيون ڀڃڻ واسطي رکيل هيون. سنت جي
چهري مان سانت ۽ آنند بکي رهيو هو. هن رامڪنڪر ۽

هماليه جبل جي مسافري

هماليه جبل جي مسافريءَ لاءِ رامداس واسطي جهانسيءَ وارن دوستن سمورو گهربل سامان ميسر ڪري ڏنو ۽ انگريزن جو ڏينهن ٻن آيو. ڪيترا ماڻهو ريلوي اسٽيشن تي لماڻي رامداس ۽ رامڪشن کان موڪلائڻ واسطي آيل هئا. ٻئي ڏينهن هڪ ٻئي واسطي شڀ اڇائون ڏيکاري جدا ٿيون.

گاڏي هلي، تان جو هي اچي ”هردوار“ پهتا. هردوار جنهن سنڌس نالي مان ظاهر آهي، هماليه پهاڙ جي مندرن جو دروازو آهي. پاڻي ٻن ڏينهن هتي ترسيا. هتي ”گنگا“ جي ڪناري تي وڃي ڏاڍو آنند پراپت ڪيو. جتي روزانو ڪيترا سنياسي، سنياسڻيون، ساڌو، ڀڳت، برهمڻ ۽ ٻيا ماڻهو ڪٺا ٿين ٿا ۽ اهي سڀ اشنان پوڄا اشناني، سنڌيا، پرارٿنا ۽ پوڄا پاٺ ۾ مشغول رهن ٿا.

اڙي رام! ٿون هن سنڌ ۽ ٻئي آستان تي پورو پورو ظاهر آهن.

هاڻي هتان کان هماليه جي مسافري شروع ٿي.

رامداس ۽ رامڪشن متي تي چڙهيا ۽ اچي اُتي پهتا جنهنکي ”رشيڪيش“ سڏجي ٿو. رشيڪيش ڏاڍو سندر آستان آهي. پر گنگا نديءَ جي ڪناري جا نظارا نهايت موهيندڙ آهن. هتي جبل جون اوچيون چوٽيون جي اچي

مهاديو پرساد وٽ رهيل هو، نـــ هوءُ سيٺ کي دان ۽ نماڻائيءَ جي مورتي سمجهندو هو. مهاديو ڪنهن به ٻئي کي پنهنجي درتان سواءِ ڪا رائي جي نه ڇڏيندو هو ۽ پاڻ به ڪائي ٻه هن کي ڪا رانيندو هو. هنجي دل اهڙي نرم ۽ پيار واري هئي. مهاديو جي نماڻائي هڪ مثال هئي.

رام، رامداس کي هن دوست جي سنگ ۾ ڇڏيو لـــ جئين هن کي خبر پوي ته سچي دان ۽ نماڻائيءَ کي برابر آزمائش ۾ آڻڻ جو مطلب ڇا آهي؟

رامڪرن، جو رامداس سان گڏ هماليه جبل جي مسافريءَ لاءِ سنگتي ٿيو هو سو پنهنجي ڳڀار جي ڏهين پتي دان ڪڍيندو هو. اهو هن جو اصل لاءِ نيم هو. اهو هڪڙو سندر اشارو سپ واسطي آهي.

دان نسبت ذڪر ڪندي چئجي ته اتر هندستان جي گرهستين جو آدرش تمام اتم ۽ اوچو آهي.

جهوني زماني وارن ماڻهن جو آدرش هو ته ڪنهن به گرهستيءَ کي گرهست ۾ رهڻ جو ڪو حق ڪونهي جيڪڏهين هوءُ پنهنجو ڪاڏو ڪنهن ٻئي انسان، جنهن وٽ ڪو به پيسو نـــ آهي (ساڌو يـــا فقير) ســـان روزانو ونڊي نٿو کـــائي. سچ پچ اهو ظاهر ٿيل آهي ته منش گرهست آشرم ۾ خاص انهيءَ مقصد سان گهڙي ٿو ته جئين هيءُ اتم آدرش پالي. ڪي گرهستي آهن جي اهڙي مهمان واسطي رسي ڪونه وهندا پر هنجي ڳوٺ لاءِ گهٽين، مندرن يا ڌرمشالائن و لنداقرندا. گرهستيءَ جي اها هڪ پاڪيزگي آهي. امداس کي ڏکڻ هندستان جي به اهڙن قصن جو پورو آزمودو هئي، جتي پڻ دان کي اوچ آستان مليل آهي.

سچ پچ سارو هندستان دان جي وڏي پوڄي آهي.

ڀڳوان تنھنجي ڀلائي ڪئي ڪا اھا توسان سخت لفظ ڪڍڻ جي سبب سزا ڏني آھي. ڏس! ڪيئن نه منھنجو ڪاڻ گھٽجي ويو آھي ۽ مان ٻرابر ڳالھائي نٿو سگھان."

رامداس مٺي نوع ۾ چيو "اڙي دوست! مونکي اھو ٻڌي سچ پچ ڏاڍو افسوس ٿو ٿئي. اھا ڳالھ ڪري جاڻ ته ڀڳوان ڪڏھين به سزا نٿو ڏئي. ڀڳوان ته ڏيارو آھي ۽ ھميشه مھربان آھي. ٻھرحال شڪ شڪ ئي اسان جا دشمن آھن، جي تمام گھڻي خرابي پيدا ڪن ٿا. جنھنڪري اسان خرابي ٿا چئون سو ٻھرجو ئي ڪيو آھي."

ھن دوست ھڪدم رامداس جو ساجو ھٿ پڪڙي ٻھرحال ڳلي لي ڪيا ۽ ته ھنجو ڳلو صاف ٿي ويو. عجب جي حد ئي نه رھي جو ٿورن منٽن ۾ ھو چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ بلڪل صاف اڳي جيان ڳالھائڻ لڳو.

ھن خوشيءَ وچان چيو "ڏس مھراج! اوھان ڪھڙو نه طاقت وارو آھيو."

رامداس جواب ڏنو "پيارا دوست! تون ڀل ٿو ڪرين. رامداس رام جو غريب ٻانھو آھي ۽ ڪا به طاقت پاڻ سان نٿو رکي. توکي صرف تنھنجي سچي نيت ئي چڱو آھي، نه ڪنھن ٻئي."

ان واقعي ڪانپوءِ ھن دوست جي رامداس سان گھڻي دل لڳي ۽ مٿس ڏاڍو مھربان ٿيو.

اڙي رام! تنھن جا رستا ڪھڙا نه عجب ۽ وڻندڙ آھن جو رامداس ڪنھن ڪنھن مھل بلڪل واڳوڙو ٿي ٿو وڃي.

رامداس شھر ۾ ڪن ٻه دوستن سان گڏ رھندو ھو، سي گھڻو ڪري سڀ داني سپاءِ جا ھئا ۽ خاص ڪري ھو ساڌن سان مھربانيءَ ۽ مھمان نوازيءَ جو ورتاءُ ڪندا ھئا. جڏھن رامداس

ڪرڻ ۾ وڏي اَنڪ وجهي ٿو ۽ هن ڪان چوائي ٿو ته "ڀڳوان مان آهيان."

اُن دوست ڪجهه وقت وڌيڪ بحث ڪرڻ چاهيو پر وري هن ڳالهه کي ٽاري ڇڏيائين.

رامداس ڪي ڏينهن ايڪانت واري هنڌ رهڻ ٿي پسند ڪيو. هن جي خواهش موجب سندس دوست هن کي شهر کان ميل کن پري هڪڙي باغ ۾ وٺي ويا، جتي هڪڙو ننڍڙو مٺ ٺهيل هو. هو ڪجهه ڏينهن اُتي رهيو. سندس دوست هر روز سانجهيءَ جو هن سان گڏجڻ ايندا هئا.

اُتي وري رامداس سان هڪڙو اسڪول ماستر بحث ڪرڻ واسطي آيو. هو آريه سماجي خيالن جو هو ۽ وڏي سنت سوامي ديانند سرسوتيءَ جو شش هو. هيءُ دوست گفتگو ڪندي ڏاڍو گرم ۽ وهلور ٿي ويو. ڳالهه شڌيءَ جي پرچار بابت هئي، جو پرچار سوامي شرڌانند جو اُستاپن ٿيل هو. رامداس اهڙي پرچار جي بلڪل برخلاف هو. جيئن ته هو سچ پچ ڪنهن جي به ڌرمي عقيدن ۾ ويڇو وجهڻ ڪوشش جي برخلاف هو. سڀ ڌرم ساڳئي مقصد تي پهچائين ٿا، اهو ئي تمام سنڌر ۽ سچو متو آهي. بحث جي پڇاڙيءَ ۾ اُهو ماستر شانائتي ڳالهائڻ جي حد به ٽپي ويو. تنهن هوندي به رامداس رام جي مهر سان بلڪل ٺنڊو ۽ ساوڌان رهيو. جدا ٿيڻ وقت هن دوست کي خاطري ڏنائين ته رام توکي گهڻو پيار ڪري، جيتوڻيڪ تو ڪيترا اعتراض جوڳا لفظ ڪتب آندا آهن.

ٻئي ڏينهن وري هي دوست ساڳئي وقت تڪڙو آيو پر ڳالهائي نه ٿي سگهيو، فقط چپ چوري ٿي سگهيو. هن جو دلو بلڪل گهٽيل هو ۽ هن جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي هئي.

رامداس جي پيرن تي ڪري هن پڪاريو "اڙي مهراج!

ڌرمي ڳالهه لئي بحث ڪرڻ آيو.

هن جو پهريون سوال هو: "تون ڪير آهين؟"

رامداس جو جواب بلڪل سادو هو "مان رامداس آهيان."

دوست چيو "تون اهو ڪوڙ ٿو چوين. تون خود "رام" آهين. جڏهن تون چوين ٿو ته مان رامداس آهيان، تڏهن توکي ڪير نٿي چوي ته تون ڇا ٿو چوين. ڀڳوان هرهنڌ آهي ۽ سرووياپڪ آهي. هو تو ۾ آهي، سو تون اهو آهين، اها ڳالهه يڪدم قبول ڪر."

رامداس جواب ڏنو "پيارا دوست! ڀڳوان برابر هرهنڌ ۽ سرووياپڪ آهي. پر ساڳئي وقت اهو به ظاهر ڪرڻ گهرجي ته ڀڳوان هڪ آهي. ساڳيو ڀڳوان جڏهن تو ۾، مون ۾ ۽ هرهنڌ آهي ته مان نماڻائيءَ سان پڇان ٿو ته تون ڪنهن کان اهو سوال پڇين؟"

ڪجهه وقت ويچار ڪري دوست لاچار ٿيو ۽ چوڻ لڳو "ڇڏيو پلا! مون اهو سوال پاڻ کان پڇيو."

هن دوست اهو جواب پنهنجي پوئين چوڻ کي وزن ڏيڻ واسطي ڏنو، ڇا ڪاڻ ته جيڪڏهن هو چوندو ته مون اهو سوال رامداس کان پڇيو ته بحث ڪندڙ صفا پنهنجي دوئي "تون ۽ مان" جي ظاهر ڪندو.

رامداس جواب ڏنو "سچي ڳالهه هيءَ آهي ته رام ڳالهائي نٿو. پر جڏهن هو ڳالهائي ٿو ته اهو "رام" نه آهي. ڳالهائڻ ۾ هميشه دوئي اچي ٿي. هڪڙو ڳالهائيندڙ ۽ ٻيو جنهن سان ڳالهائجي. جنهن ته رام هڪڙو آهي تنهن هن کي ورهائي نٿو سگهجي. اهو انسان جو صرف اگيان ئي آهي جو آپي جي وس ٿي، ڀڳوان جي ٻين ايڪن مخصوص

پنڊاجيءَ جو اهو ڊپ ڏيڻ، رامداس واسطي گهڻي پيار جي نشاني هو. هنکي نند ڪرڻ واسطي زور لڳائيندو هو ۽ لنگري مانيءَ کاڌي کانپوءِ هو مندر کولڻ ڇڏيندو هو جيستائين ڪ رامداس نند ڪري. اڙي رام! تون ڪهڙو نه مهربان آهين!

هڪڙي ڏينهن منجهند جو گهمڻ وقت رامداس کي اڃ لڳي. هن ڏٺو ته ڪي مائون رستي تي هڪ کوهه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. هو وڌي انهن مائن وٽ آيو ۽ پنهنجي اڃ لاهڻ لاءِ هن عرض ڪيو ته مونکي ڪجهه پاڻي ڏيو. جواب ۾ هڪڙيءَ مائي جنهن کان هن پاڻي گهريو، تنهن هيئن چيو:-

”مهراج! مان مسلمان ذات جي آهيان ۽ تون هندو سادو تي ڪري منهنجي هٿان جو پاڻي قبول ڪرين، سو واجب نه آهي.“

هن مشڪي جواب ڏنو ”اڙي مائي! رامداس کي ذات پات جي ڪنهن جي خبر ڪا نه آهي. هو تو ۾ به اها سيتا جي ماتا ”سيتا“ ڏسي ٿو ۽ سڀني زالن کي ائين سمجهي ٿو. تنهنڪري پنهنجي پٽ کي پاڻي پيئارڻ کان نه هٻڪ.“

مائي کي هن عجب جهڙي جواب وائڙو ڪيو. هن پاڻيءَ جو برتڻ خوب ڌوئي صفا ڪري، تازو پاڻي ڪڍي هنکي پڪ تي پيئاريو جو هن گهرج آهر پيتو. تنهن کانپوءِ هو گهمڻ لاءِ روانو ٿيو.

رام مندر ۾ هو اٽڪل ڏهه ڏينهن رهيو پيو هو. شام جي وقت ڪي دوست شهر مان هن وٽ ايندا هئا ۽ رام بابت هن کان ڪئين سوال پڇندا هئا. رام هنکان جئين چوائيندو هو تئين هو ڪوشش ڪري هنکي جواب ڏيئي راضي ڪندو هو. هڪڙي موقعي تي هڪڙو دوست خاص ڪري هن سان

رامداس چيو ”رام پنهنجو حڪم ڪيو آهي ۽ رامداس رام پر پورو نشچو رکي اهو حڪم مڃي ٿو. اهو ڏسڻ جو بار رام تي آهي نه هنجي سنڀال لئي ئي پا نه. جيڪڏهين مونکي جو سڄو رام جي اِيا موجب ٿاڙو ليٽو هجي نه مان ڪرڪندس ڪيئي بوءِ نه سڄو رام جو ليندس، مونکي ضرور وڃڻ گهرجي.“

اِهو ٻڌي سندس جوان دوست رامڪنڪر هڪدم ڪپڙا لٽا ۽ بدريناٿ جي مسافريءَ لئي ساڻس گڏ تيار ٿيو. دوست جي چوڻ تي رامداس ڪجهه ڏينهن جهالسيءَ ۾ ٽڪيو پيو جنهن ڪري رامڪنڪر کي هن مسافريءَ جي تياري ۽ ڪافي وقت مليو.

هن ترسڻ نسبت ڪي ٻيا واقعا ٿيا جنهن بيان هماله جبل جي تيرٿ جي ذڪر ڪرڻ کان اڳي ڪرڻو آهي.

مسافريءَ جو پڪو ارادو ڪرڻ کانپوءِ رامڪنڪر رامداس کي ٽڪڻ ساڻ وٺي ويو ۽ هڪڙو مندر جو سندس گهر جي ڀرسان هو اتي اچي رهايو. پاڻ هنجي گهرڻ جي خبرداريءَ ساڻ سنڀال ڪئي. انهيءَ مندر ۾ هڪڙو پوڙهو هو جو بنگاليءَ جي ٽالي ساڻ سڏبو هو.

انهيءَ بنگاليءَ کي ٻه ڪپڙو نه مورتي هئين. مڃهند جو رامداس روز ٽڪيٽ اس ۾ ٻاهر پيو رهندو هو ۽ جهالسيءَ جي [illegible] ڪانگ گهمندو هو. مڃهند جي وقت هن [illegible] جي [illegible] ذاتي شخص هئي ۽ پر هن انهيءَ جي پرواهه ڪانه ڪئي. اِهو ڏسي ٻڍا جي جو هنڌي تار وانگر [illegible] رامداس کي هڪ ڏينهن چيائين ڪيو:

”[illegible] روز مڃهند جي وقت ٻاهر نڪرڻ [illegible] تنهنجو مٿو صفا ڪوڙيل آهي [illegible] جيڪڏهن تون ٽس ليندين نه ٻاهر [illegible] مندر ۾ ٽالي جي اندر رکندس.“

پنڊاڄيءَ جو اهو نڀ ڏيڻ، رامداس واسطي گهڻي پيار جي نشاني هو. هنکي ننڊ ڪرڻ واسطي زور لڳائيندو هو ۽ انڪري مانيءَ کاڌي کانپوءِ هو مندر کولڻ ڇڏيندو هو جيستائين ڪ رامداس ننڊ ڪري. اڙي رام! تون ڪهڙو نه مهربان آهين!

هڪڙي ڏينهن منجهند جو گهمڻ وقت رامداس کي اچي اُڃ لڳي. هن ڏٺو ته ڪي ماتائون رستي تي هڪ کوهه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. هو وڃي اُنهن ماتائن وٽ آيو ۽ پنهنجي اُڃ لاهڻ لاءِ هن عرض ڪيو ته مونکي ڪجهه پاڻي ڏيو. جواب ۾ هڪڙيءَ ماتا جنهن کان هن پاڻي گهريو، تنهن هيئن چيو:-

”مهراج! مان مسلمان ذات جي آهيان ۽ تون هندو ساڌو ٿي ڪري منهنجي هٿن جو پاڻي قبول ڪرين، سو واجب نه آهي.“

هن مشڪي جواب ڏنو ”اڙي ماتا! رامداس کي ذات پات جي ڀيد جي خبر ڪانه آهي. هو تو ۾ به اها سڀني جي ماتا ”سيتا“ ڏسي ٿو ۽ سڀني زالن کي ائين سمجهي ٿو. تنهنڪري پنهنجي پٽ کي پاڻي پيارڻ کان نه هٻڪ.“

ماتا کي هن عجب جهڙي جواب وائڙو ڪيو. هن پاڻيءَ جو برتڻ خوب ڌوئي صفا ڪري، تازو پاڻي ڪڍي هنکي ٻڪ تي پيئاريو جو هن گهرج آهر پيتو. تنهن کانپوءِ هو گهمڻ لاءِ روانو ٿيو.

رام مندر ۾ هو اٽڪل ڏهه ڏينهن رهيو پيو هو. شام جي وقت ڪي دوست شهر مان هن وٽ ايندا هئا ۽ رام بابت هن کان ڪئين سوال پڇندا هئا. رام هنکان جئين چوائيندو هو تئين هو ڪوشش ڪري هنکي جواب ڏيئي راضي ڪندو هو. هڪڙي موقعي تي هڪڙو دوست خاص ڪري هن سان

ڀڳوان ڪڏهين به سزا نٿو ڏئي

رام جي حڪم تي رامداس جهانسيءَ پوري آيو جت[ي] مهاديو پرساد هنجي آجيان وڏيءَ دل سان ڪئي ۽ هن تي زور لڳايائين ته هو ٿورا ڏينهن وٽس رهي. هن دفعي رام هر[...] ڪي ٻزن کان مٿي لاڳاپيدار دوست ڏنا جي سڀئي مهمان نوا[ز] ۽ هنتي ڏاڍا مهربان هئا. انهن مان هڪڙو جوان دوست جنهنجو نالو "رام ڪنڪر" هو سو مٿس تمام گهڻو مهربان هو.

هڪڙي ڏينهن ڳالهين ڪندي هن ٻڌو ته هماليه جبل[...] تي هڪڙا ٻه مشهور مندر آهن، "ڪيدار نات ۽ بدري نات" پر اوڏانهن وڃڻ وارو پيچرو ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ اتي ٿڌ به تمام گهڻي آهي.

اڙي رام! اهو تنهنجو ئي اشارو هو. هن جي واسطي رامداس کي خوفناڪ مسافرين ڪرڻ ۽ جوکي وارين جاين لاءِ تمام گهڻو موه هو.

ڪيدار نات بابت هن سوامي رام تيرٿ، جو وڏو مهاتما آهي تنهنجون لکيتون پڙهيون هيون. هن يڪدم پڪو ارادو ڪيو. رام هن کي هرڪايو ۽ هو انهيءَ اراديءَ تي مضبوط رهيو ته انهن مندرن ڏانهن ضرور هلبو چاهي اوڏانهن ويندڙ پيچرا ڪهڙا به ڏکيا ڇو نه هجن. هن رام جي مرضي مهاديو ۽ ٻين دوستن، جنکي هنجي نازڪ بدن جو گهڻو قدر هو تن کي ٻڌائي. انهن سڀني کي ڀاريائين ته اهو خيال نه وٺيو ڇو ته اها مسافري بلڪل خوفناڪ هئي ۽ خاص ڪري رامداس واسطي جنهنجو بدن ڏاڍو ضعيف ۽ ڪمزور هو.

۽ سچيءَ دل سان هيءُ نام اُچاري ٿو يا ڌيان ڪري ٿو
ته اُهي ڏک يا ڳڻتي لٿي وڃي. ڪال به نٿو اچي سگهي."

اُن کان پوءِ رامداس وڃڻ لاءِ اُٿيو ته ڏٺائين ماتا کيس
عرض ڪيو ته ورتي اچي ڏٺائين منهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچجو.
ماتا جي مرضيءَ موجب هُو ورتي اچي ڏٺائين اڪيلي ساڳئي
وقت ۾ هن وٽ سندس جهوپڙيءَ ۾ ويو.

"ڀلا امان! ٻار ڪٿي آهن؟" رامداس پهريون سوال
ڪيس پڇيو.

ماتا جي چهري تي خوشيءَ جي مرڪ هئي. هن چيو ته
مان توهان جي صلاح تي هلي ۽ هلندي رهندي آهيان. هينئر ٻئي
۽ ڳڻتين کان گهڻو آزاد آهيان. ٻنهي ڪانوڙن کي لڏون
ٺهڪي آڇيا ۽ چيو ته مون حلوائيءَ جي دوڪان تان ورتا آهن.

هن چيو "ماتا! هي اُهي لڏون ته آهن جي رامداس
کي گهرجن. ٺهڪي ٻنهي ڏٺي هن جي ٻار ڪيل ڪڇ شيءِ گهرجي."

اُنهيءَ جوڙ تي هوءَ اندران ٻنهي همت جي تاڪيد
روئي ڪٿي آئي ها رامداس وٽ خوشيءَ وچان ڪاڏي.

اُن کان پوءِ هو ورتي هڪ ٻيو ورتي آيو. جڏهن هوءَ
"رام رام" اُچارڻ ۾ مشغول هئي.

رامداس کي ذرو به عجب نه لڳو ۽ چوڻ لڳو ”سو ڇا؟
تون تڏهين به رامداس جي ماءُ آهين. مهرباني ڪري ٻنهن
جي پٽ کي پاڻي پيئاري سندس اُڃ لاهه.“

اِنهيءَ جواب تي ٻڍي ماتا ڏاڍو خوش ٿي ۽ اندر
وڃي رامداس جي ويهڻ لاءِ هڪ ٻوٽيءَ جو ٽڪر ۽ پاڻيءَ
جو ٻرتڻ کڻي آئي، جنهن مان ڪجهه پاڻي سندس اوتي ۾
وڌائين. رامداس اُن آچول جڳهه تي ويهي پاڻي پي پنهنجي
اُڃ لاٿي.

هاڻي ٻڍيءَ ماتا چيو ته ”مان هن دنيا ۾ اڪيلي ۽
بلڪل پريشان آهيان. پنهنجا سڀ ڏينهن ۽ راتيون ڏک،
ڏپ ۽ گهٽتين ۾ گهاريان ٿي.“

رامداس دلداري ڏيندي چيو ”اڙي ماتا! ڏپ ۽
گهٽتي ڪرڻ جو ڪو به ضرور ڪونهي. اڪيلائيءَ ۾ هميشه
رام کي ياد ڪر، جو اسان سڀني جي رکيا ڪري ٿو. رام
هردم اسان جي ويجهو آهي.“

ٻڍيءَ جواب ڏنو ”پر مون جهڙي غريب ۽ ضعيف دماغ
واري زال رام ۾ نشچو نٿي رکي سگهي ڇاڪاڻ ته آءٌ
وڏي پاپڻ آهيان.“ هوءَ ائين چئي اچي روئڻ ۾ ڇڙڪي.

رامداس چيو ”اڙي مهربان ماتا! توکي رام جي مهر
سان ضرور نشچو ٿيندو. نااميد نه ٿيءُ. رام غريبن ۽ نماڻن
جو هميشه ساٿي آهي.“

ٻڍيءَ ماتا نمرتا سان چيو ته ”جيڪڏهين ائين آهي ته
مونکي رستو ڏيکار.“

رامداس چيو ”هر وقت ڏينهن جو ۽ رات جو جڏهين
به جاڳين، تڏهين هڪڙو ئي نالو ”رام“ جو گهڙيءَ
گهڙيءَ اُچار. جيستائين ڪ اهو پرتاپ وارو نام پيئي اُچاريندينءَ
تيستائين پڪ ڄاڻ ته ڪڏهين به اُپاڌڪائي ڪا نه ٿيندءِ. جتي

رام غريبن جي رکيا ڪندڙ

رامداس جڏهن ڳوٺ ۾ ايندو هو تڏهن ڳوٺاڻا هميشه گهڻو سمجهائيندا ۽ چتائيندا هئا ته جيڪا جڳهه واڙي هئا نين سا چڱي. چاڪاڻ ته اُهو اُڪر هڪڙي گهاٽي ۽ اُٿاهه ٻيلي جو پاڳو هو جنهنڪري اُتي چيتا ۽ ٻيا جهنگلي جانور گهڻا رهندا هئا. پر جڏهن سرو شڪتيوان رام پاڻ اُتي هن جي رکيا ڪندڙ هو ته پوءِ هنکي ڊپ ڪٿي ۽ ڪهڙيکان هو؟ هر هنڌ رام پيو وسي. سڀني شين، هستين ۽ سڀني جيون ۾. اُتي هو اُن ڏينهن تائين رهيو، جيسين هنکي رام جو حڪم مليو ته هتان اُٿ.

هڪڙو ننڍڙو واقعو جو اُتي ٿيو هو تنهن جو بعد ۾ هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

هڪڙي ڏينهن جڏهن رامداس اُن ڳوٺ جي ننڍيءَ بازار مان ٿي لنگهيو تڏهن هن اُڃ محسوس ڪئي. رستي جي هڪ پاسي ڪجهه ننڍڙيون ۽ ڇوڪول جهوپڙيون اُڀيل هيون. هو ٻه ڪندو اُنهن جهوپڙين جي ويجهو آيو ۽ هڪڙيءَ جهوپڙيءَ جي اڳيان ۾ هڪ ٻڍيءَ مائي کي ويٺل ڏٺو، جنهنکي هن ٻيهڪي لوٽي ۾ پاڻي ملڻ لاءِ عرض ڪيو. ٻڍيءَ مائي هنکي ڏوٺي چيو:

”مهراج! توهان مينهن هٿان جو پاڻي پي نه سگهندا.“

رامداس پڇيو ”ڇونڪي ڪهن اعتراض جو سبب ٻڌائيندا؟“

”ها“ چيو ”اعتراض جو ٿوري ۾ سبب هي آهي ته مان جي حساب آيا هان.“

هو ڏاڍيان دل ڇڪيندڙ منتر اُچاريندو هو- ”اوم سري رام، جئه رام، جئه جئه رام“. اُن وقت هوا ۾ اُڏامندڙ ننڍا وڏا پکي ۽ نوريئڙا کنهڙي لي اچي ويهندا هئا ۽ ڏاڍي چاه ۽ اُتي ڏيان سان اهو ”اوم“ جـو شبد ٻڌندا هئا. سڀڪجها وقت اِهو سا ڳيو ”اوم“ جو آواز جادوءَ جهڙو اثر پکرين ۽ ٻڳن، جي سمادي جي وڄهو چرڻ ايندڙ هيون اُن تي به ٿيندو هو. اُهي ڪنڌ مٿي ڪري ۽ ڪن سرلا ڪري ساڳيءَ حالت ۾ ٻهي مڌر آلاپ جو رس پيئنديون هيون.

اڙي رام! اِهو پڪ سان ثابت ٿيو ته تون سڀني جيون جي دلين ۾ رهين ٿو. نه ته ۾ ستل هوا جا اُڏامندڙ پکي ۽ ڌرتيءَ لي رهندڙ پسون به رام جي مهما ڳائڻ واري آواز جي سڏ تي جاڳي اُٿن ٿا.

ڏيڍ لاءِ سمت وڃڻ وٽي هڪدم هنن کڏ هڪڙي ”اورڇا“
نالي ڳوٺ ڏانهن سوڙهن تي هليو. اهو هنڌ شري رامچندر
جي مندر ڪري مشهور آهي. اتي اچي سندس کاڌي جو
بندوبست مندر جي ويجهو رهندڙ هڪڙيءَ ماتا سان ڪري
مهاديو پرساد رامداس کي اتي ڇڏي پاڻ شهر ڏانهن موٽيو.
هنن کان موڪلائڻ وقت سندس هيٺيان لفظ هئا:-

”توهانکي هتي جيترو وقت وڻي اوترو وقت رهجو يا
جيسين رام جي مرضي هجي تيسين رهجو پر جڏهن اهي
هنڌ ڇڏيو تڏهن مهرباني ڪري جهانسيءَ ضرور موٽجو.“

رامداس اڪيلائپ ۾ اتيءَ ايشوري سوڀين، سنڀاليندڙ
۽ ماتا رام جو ڌيان ڪندو هو. هو اڪثر اتي جي مندر نديءَ
جي ڪناري تي گهمندو هو. گهمندي گهمندي اڪثر ۾ ميل
بند ڪري هو ڪن سماڌين يا (Tombs) وٽ اچي پهتو. اهي
تمام جهونيون ۽ پڪيون هيون، جن جي مٿان گول چوٽي وارا
گنبد لڳل هئا جي گهڻو مٿي هئا جي هوا سان لڳي پيا لهيون
ڪيائون. ڳوٺ مان پڇا ڪرڻ تي کيس خبر پئي ته اهي
ستين جون سماڌيون آهن. ستيءَ جي رسم جهوني زماني ۾
چالو هئي. هميشه اهو هنڌ سناٽو ڪري ڪم ۾ آڻيندا
آهن. اتي جي سندر وڻڪار سان ڀرپور هئي ۽ اُن هنڌ
پوري شانتي راڄ ڪري رهي هئي. جنهن رام جي اچا هئي،
انهين هنڌ ايڪانت واسطي هڪڙي سماڌ وڃي
والاري. هو هتي آسڻ ڏيئي رهيو. فقط ڪلاڪ ڪن منجهند
جو هو مندر ۾ ويندو هو ۽ پيءَ ماتا جو تيار ٿيل کاڌو کائيندو
هو. اهو کاڌو هو ٻه اوڻ جي لوڙيون روٽيون ۽ اوٻاريل پتا.

هو سڄي رات سماڌ ۾ ويهي ”رام ڌن“ ڪندو هو.
واتيون آلي آنند ۾ گذاريندو هو. هوا جهڙن سان ساهه ڪڍندو
سفيد ۾ رام کي هردم حاضر ڏسندو هو. صبح جو جڏهن

ڌيان ئي فقط رستو آهي

ايهو سنت جنهنجو نالو "پيرجي" هو سو ٻهرائين سنت. "مرزان جي" جي پيٽ ۾ گهٽ هو. هنکان جيڪي سوال پڇيا هوا تنهجو هو جواب ڏيندو هو.

مهاديو پيرجيءَ کان پڇيو ته "آنند، جو سنسارڪ حياتي ۾ آهي سو هتي لهي سگهجي ٿو؟"

اِنهيءَ سوال پڇڻ تي پيرجي ڪجهه اُتيل ڏسڻ ۾ آيو. هن جو آواز پڪو ۽ فيصلي وارو هو.

"چڱو يا ٿُو! مون توکي ڪيترا دفعا چيو آهي ته اِن جو علاج فقط هڪڙوئي آهي يعني "ترڪ ڪرڻ." هن دنيا جي دکي حياتيءَ کي ترڪ ڪري، ڪنهن ايڪانت واري هنڌ ويهي ڀڳوان جي ڌيان ۾ رهڻ سان ئي توکي آنند ملي سگهي ٿو. جنهن آنند جي تون ڳولها ۾ آهين، ان لاءِ اِهو ئي فقط رستو آهي- نه ڪو ٻيو."

اڙي رام! اِنهيءَ واسطي تو پنهنجي ٻانهي کي هنن ساڌن سان گڏايو آهي ته جيئن هنجو نسچو تو ۾ پڪو ٿئي. ٻهريون سنت اُها حالت ڏيکاري ٿو جي توکي پائين ٿا؛ ٻيو سنت سيکاري ٿو ته ڪهڙيءَ طرح توکي پائجي.

مهربان مهاديو ڪيترا ڏينهن رات جو رامداس کي ڀڄن منڊلين ۾ وٺي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهين رامداس هنکي چيو ته رام جي اِها مرضي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته هاڻي هنان روانو ٿيڻ گهرجي، تڏهين مهاديو هنکان جدا ٿيڻ ۾ ڏاڍو مايوس ٿيڻ لڳو. اُن رواني ٿيڻ جي موقعي کي منهن

معصوم ۽ آزاد. مهاديو پرساد ٻاڻ سان ڪچھ ڪاڏي جون
شيون ڪٽي آيو هو جي هن ڏوڏرو ڪري سمنڊ جي واٽ
۾ ٻي وڌيون. سمنڊ ڪي واٽ ۾ هڪڙو ٻه ڏاڍ ڪرڻ هو.
ڪاڏي جون شيون لوڙ مٺايون هيون. سمنڊ چڱڪي ڏيندو
بيمرواهيءَ سان سڀ ڙڙڪا نيندو ويو. هڪي ڪنهن جي ٻه
سمڪ ڪار هئي. حيتوڻڪ هنجي اک جي نظر خالي
هئي بسر لهڻ هرندي به خدائي جهاڪ واري هئي.
هن سمنڊ سان ٻه دفعا ملاقات ڪئي ويئي. ٻئي دفع هو ٻڌهن
هي ڪتيا هي ٻاهران ٻت لي وٺل ڏلو ويو ۽ ماڻه ميسڪ ۾
هڪي ٻڪار ڪاغذ جا اکرا اکر ڪري ٻڌهجي
۾ ڏاوي بي بڪيڙ يا ٿين.

اٿي. مهاديو هن لاءِ نهايت خواهان ٿيو. جڏهين ملڻ تي ٻه ڏهه رات جو رامداس جي پير ۾ ويهي سندس چرن دٻائيندو هو. اڙي رام! تون ٿي آهين جو هيءَ سڀ هن دوست دواران پيو ڪرين. اڙي رام! تون ڪهڙو نه چڱو ۽ ڪهڙو نه پريمي آهين!

روءِ. رامداس روءِ. ماڻ ميت ۾ پيو روءِ. ڏک کان نه پر خوشيءَ کان روءِ، ڇاڪاڻ ته رام جي اولي مهر آهي.

مهينو کن هتي سيٺ مهاديو پرساد پاڻ وٽ ترسايو. سڄو ڏينهن ۽ رات هن رامداس جي سنگت نه ڇڏي. هن جي عرض ڪرڻ تي رامداس هتي، جيڪا ٿوري سمجهه بخشي هئي تنهن جي مدد سان "ڀڳوت گيتا" جي ڪن سلوڪن جو ارٿ پيو سمجهائيندو هو. ۽ موٽ ۾ وري مهاديو هن کي مشهور ڪتاب سنت تلسيداس جو هنديءَ ۾ "راماڻ" پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ مطلب پڻ سمجهائيندو هو. گهر جا سڀ ڀاتي رامداس لي ڏاڍا مهمان نواز ۽ مهربان هئا.

رامداس جي ضعيف سرير واري دل جي ڀلاءَ واسطي مهاديو هڪڙو پختو پشمي جاڪيٽ ٺهرايو.

اڙي رام! ڪيتري نه تنهنجي مهرباني آهي. جڏهين ته تون پنهنجي حب ۽ پيار پنهنجي ٻانهي کي ڏيکارين ٿو تڏهين ته جنهن ماءُ رامداس جي سرير کي جهڙو انهيءَ کي ٻه لڳائين ٿو. اهڙو ته تنهنجو آلي پيار آهي.

سيٺ مهاديو پرساد جهانسيءَ ۾ رهڻ واري عرصي ۾ رامداس کي ٻن مسلمان سنتن جي ملاقات لي وٺي ويو. پهريون هڪڙو هندو سنت هو جنهنجو نالو "مرزان جي" هو. عمر ۾ شايد سٺ ورهيه کان وڌيڪ هو. تمام ضعيف ۽ ڪبو هو. هن کي ٻه نيٺي ڳالهايو پر هنجي اک ۾ خوشيءَ جي جهلڪ هئي. تري ۾ ڪٺي ڇنجي ته سنت فقط هڪ ٻار جي مثل هو ۽

واپاري هو. هن رامداس کي وڻندي ڪئي ته ٺاهي ڳالهي لي وٺي جنهن لي ٺول وهاٽا ٻني لڳائڻ واسطي وڪيل هئا. پر رامداس ته رام جو نمائو پالهو هو تنهنڪري پٽ لي ورهڻ وڌيڪ پسند آيو. هنکي آلي هڪڙي ڳوڻ آهي ونئي جنهنڌي هؤ ونئو. پوءِ ڪرڻ ڪانپوءِ آهو مهربان واپاري هنجي ٻ ۾ ونئو ۽ پڙهڻجي رهڻيءَ وغيره جي ٻاري ۾ هن ڪان ڪي سوال پڇيا رامداس سڀني جو جواب رام جي اچا آزماڻ پر پريل لفظن ۾ ڏنو، جا ٽي اچا هنجو سونهون هئي. هن وڌيڪ سيٺ سان رام جي پگهن لي ڏيا ڪرڻ ۽ پرپاڻ سان هلڻ جو ذڪر ڪيو. ۽ ڪيس پڌايو ته ڪيئن نه جيڪو رام ۾ سچو انسچو ڌاري ٿو سو ڪو به دک نٿو پسي ۽ سڀي حالتن ۾ خوش گذاري ٿو.

"رام جو ناءُ حجڻ آهي خوشي، پورڻ آنند ۽ سواءِ آنند جي سو ڪجهه به نه."

اهي پرامرال وچن ٻڌڻ سان واپاريءَ تي گهڻو اثر ڏسڻ ۾ آيو جا ڪاڻ ته هؤ پاڻ به جڳو رام جو ڀڳت هو. "سيتا رام سيتا رام" هميشه سندس زبان تي هوندو هو.

ٿوري وقت جي گفتگوءَ کانپوءِ واپاريءَ رامداس کي عرض ڪيو ته ڪجهه ڏينهن وٽس رهي. هنجو خيال هو ته رامداس جو سرير جو اُن وقت نهايت نبل حالت ۾ هو تنهن جي پرورش ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. انهيءَ مراد سان ته رام هنکي واپاريءَ وٽ موڪليو هو.

هتي اسانکي بيان ڪرڻ گهرجي ته رامداس کي جيڪي ڪپڙا پيل هئا سي بلڪل ٽڪڙن ٿي ويا هئا.

رام جنهنجي سنڀال هيٺ هنکي رکيو هو، تنهن جو ناءُ "سيٺ مهاديو پرساد" هو. اُن هنکي نوان گيڙوءَ رنگا ڪپڙا پهرڻ ڏنا ۽ هن مهربان مهمان نواز هنجي هر قسم جي سنڀال

اھو ورڻي ۽ رام جو پرياڻ ھو. ھن جا رستا پرکڻ کان
ٻاھر آھن. ھن تي سمورو مدار رکڻ جو مطلب آھي، نڪي
ڳڻتي، اکو ٻپ، نکو نک کرڻ ۽ پورن وشواس ۾ رھڻ.
اُن ڪلاڪ کان پوءِ رامداس کي رام جي سنگ ۾ اڪيلو
ڇڏيو ويو. ھن سمورو وقت رام جو نالو پئي اُچاريو. نوان
ساڌو ۽ ساڌورام جو ڪ ھيترو وقت ھنجو سونھون ھو ۽ جنڪ
ڌرم جي ماڻ ھئي، سي سڀ ڌرمشالا مان روانا ٿي ويا. ھيئنر
ته ھو رام سان اڪيلو ھو، ھن رام جو ڌيان ڌاپيئي آنند
۾ پئي ڪيو ۽ ساڌورام جي سنگت نئي وڇڻ جو ھنکي ذرو
به خيال نه ٿيو. رام ھنکي پنھنجي ڪرپا سان آئينده جي
ڳڻتين ڳارن کان ڇڏايو ھو. اھڙيءَ طرح ھن رام جي ياڃن ۾
پي وقت ڪاٽيو. ھڪڙا ٻه دوست ھن وٽ اچي ٻه آنا ھنجي
ھٿ ۾ ڏيئي اشارو ڪيائون ته بازار مان ڪجھه کاڌي لاءِ
وٺي اچي ليرن ڪري. ھن ھڪدم پنھنجا قدم بازار ڏانھن
وڌايا. اُتي ھن جئين کاڌي لاءِ ڪجھه خريد پئي ڪيو تئين
ھن پنھنجي ٿونڊ کي ڪنھن ماڻھوءَ کان ڇڪيندو محسوس
ڪيو. ھيءَ جڏھين کاڌو خريد ڪري ڦريو تڏھين ھن اُنھيءَ
دوست جو ھيئيون گفتو ٻڌو:

"مھاراج! ھڪڙي سيٺ جي مرضي آھي ته، توھان
وٽس ھلين."

رامداس اھو ٻڌي ھن دوست جي پٺيان ھلڻ لڳو.
اُھو دوست ھنکي ھڪڙي دوڪان تي وٺي آيو جتي ڪيٽڪ
جون ڳوٺيون رکيل ھيون. جئين ھو اُتي پھتو تئين ٻيو ھڪڙو
دوست دوڪان اندران نڪتو ۽ رامداس فقير جي چرڻن ۾
ڏنڊوت ڪئي.

اُن دوست ھٿ ٻڌي عرض ڪيو ته اُنھيءَ ڏينھن لاءِ
پوڄن ڪرڻ سندس گھر ۾ قبول ڪري. اُھو دوست وڏو

جهانسي

پڇا ڪري هُو سڌو هڪڙي ڌرمشالا ۾ ويا. اُتي ٿورو آرام ڪري سادوءَ جي چوڻ تي بازار ڏانهن ويا. اُتان هڪڙي ڌرمالما واپاريءَ وٽان ڪڇ، اٽو وغيره همت ڪري موٽي اچي سادورام لوڙهون روٽيون ۽ دال جي ڪڙهي ٺاهي. مانيءَ کائڻ کانپوءِ هُو شام تائين ڌرمشالا ۾ رهيا. لنهن کانپوءِ سادورام اسٽيشن تي هلڻ لاءِ رٿ ڏني. ٻئي جڻا سمجها ٽيڻ کان اڳي اُتي اچي پهتا.

اُهو ساڳيو ٽڪيٽ ڪلارڪ، جنهن سان رام اڳيءَ رات همدجي واقفيت ڪرائي هئي سو دروٽ بيٺو هو. رامداس وڏي همت ويو ۽ ممبئيءَ ڏانهن وڃڻ جي موڪل گهرائين. جيتوڻيڪ هن پهريائين هٻڪندي وڃڻ لاءِ قبول ڪيو پر جڏهين رات جو ٻي اٺين مهل گاڏي اسٽيشن تي پهتي تڏهين هن هڪڪي الدر پليٽفارم تي گوڙڻ کان منع ڪئي. اِها سڀ رام جي اڇا هئي. ان ڪري هن کي ٻي رات به اسٽيشن تي ڪاٽڻي پئي. جنهنجو مطلب هو ته ٻه پورو سندن عضوا ٺڏ ۾ سڪي وڃڻ ۽ سڄڻ.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هُو وري موٽي شهر ۾ آيا. اُن وقت سادورام جي من جي حالت ڏاڍي مايوس ٿي ڏسڻ ۾ آئي. ساڳيءَ ڌرمشالا ۾ اچي اُهي هڪڙن ٻن ٽيليگو سادن سان گڏيا. سادورام هنن سان ٿوري گفتگو ڪري ٻنهي من ۾ پڪو ارادو ڪيو ته رامداس جي سنگت ڇڏي هنن سادن سان شامل ٿيان.

پيٽي ۾ ڏٺائين ته ٻار عجيب حالت ۾ هو. ٽنگون تڏ ۾ اهڙيون
نه سگهي ويٺو هيس جو گوڏن جي هڏن ۾ ڳنڍ وٽ لڳي
پيئون هيون. هن انهن تي وڌيڪ نظر ڪري محسوس ڪيو
ته گوڏن کان هيٺ پيرن تائين ٻئي ٽنگون اهڙو ته سڪي پيئون
هيون جو ڄڻ ته کيس سوڄ جو مرض لڳل آهي. تنهن هوندي
به هو ٻنهي هٿن سان گوڏن کي ٻڌي مدت کان مهٽي سنڌل ڳنڍيون
سڌيون ڪيون. هو آهستي آئي هلڻ لڳا. ڪجهه مفاصلو
مٿن ڪا ٽيڏو هليو. جڏهن هو پنڌ ڪندو ٿي ويو تڏهين سندس
سنڌل حالت ڪجهه ٽيڪ ٿيندي ويئي. هو صبوح جو اٽڪل اٺين بجي
”جهانسي“ شهر ۾ پهتا جو اسٽيشن کان اٽڪل چئن ميلن جي
مفاصلي تي هو.

ته ڇنهيءَ طرح ثابت ٿي ٿئي ۽ اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اُن دشمن جي خراب ارادن جو هٿيار ڪسڻ ٿو، ۽ جڏهن هُو جو شيلي سڀاءَ ساڻ پڻ اچي ٿو ان ڏهن ٿون پنهنجي منيءَ مرڪ ساڻ، سواءِ ڪنهن به ڊپ ۽ ڏڪار جي هنجي ساموون ٿين ٿو. پڪ آهي ته ”پريم ڏڪار کي جيتي ٿو.“ پريم سڀني دنيا جي خرابين لاءِ بادشاهي دوا آهي. اهو سچو واقعو رام پنهنجي ساٿين جي اڳيان لوچ ۽ ڏسڻ واسطي رچيو ته هُو چڙ ڏيارڻ لئي پاڻ ٿي طاقتور ڪن ٿا يا نه. جيڪي ڪجهه رام ڪري ٿو سو سڀ ڀلي واسطي ٿي آهي.

هاڻي اڌ رات گذري. اڪيلي ئي اچي جي مهل هئي. رات تها يمي اولڻا هئي. ساڻن رات جو آرام ڪرڻ واسطي اسٽيشن لي ڪنهن جڳهه جي ڳولها ڪئي پر ڪنهن لاءِ حالتون سٺيون ڪونه هيون. اسٽيشن مسافرن سان جڳ لسـ سمدس ماپ کان وڌيڪ ڀريل هئي. اسٽيشن جو اُهو ٽڪر جو مسافرن واسطي هو ٿيهڙون سڀ ڪنهون پاسا والاريل هئا ۽ مسافر تڙي پکڙي عجيب امولي ۾ ساري جڳهه ڀري پيا هئا. اُن هوندي به رامداس ۽ سمدس سونهون ساڌو رام سرڪي هڪڙي ٽمي جي ويجهو ويا ۽ ٿي جتا ٻلٿي ماري ويهي رهيا. ٿڌ هتي ۽ ڏاڍي سخت هئي. ساڌو هڪ اهڙي جي ويجهو ايتري قدر ڇهي ويٺا هئا جو هڪڙي ئي ڪي قالب جو ٽڪر ئي ڏسڻ ۾ آيا. اُن وقت رام جو پڇڻ ٻي هلبو. رامداس آنند ۾ اچي سرت ٿي ويو ۽ هنجي ارخود اڪـ لڳي ويئي. هنڪي لبستا ٿين جاڳ ڪانه ٿي جيستا ٿين ڪ هڪڙو لڙ ۽ مطوط آواز هنجي ڪنن تي پيو. جنهن آواز سڀني مسافرن کي حڪم ڏنو ته هتان اُٿي اسٽيشن کان ٻاهر نڪري وڃو. اهو حڪم رياوي پوليس جو هو.

— رامداس جي اک کلي ۽ ڪنس پنهنجي سرا جي سـ ڌ

پريم ڏڪار کي جيتي ٿو

ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته ساڌوءَ کي اهڙي حالت پئي وڻي. هو بلڪل خاموش هو ۽ راضي هو. رامداس جي مرضي ٿي ته اهو مزو مان چکان سو ساڌوءَ کي عرض ڪيائين ته ساڻس جڳهه مٽائي ۽ کيس به اهڙو لاثاني وجهه ڏي ته ٽڪيٽ ڪليڪٽر جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي. پر هن ساڌوءَ کي جو ڏاڍو مزو پئي آيو سو هن اها جڳهه ڪانه ڇڏي. ٽڪيٽ ڪليڪٽر گهڙيءَ اها ساڳي حالت هن راهپي واري ساڌوءَ سان پئي هليو. اها ڪار اٽڪل اڌ ڪلاڪ هلي. ٽڪيٽن ڪٺين ڪرڻ جو ڪم نيٺ پورو ٿيو. هيڊ ڪلارڪ بلڪل واندو ٿيو ۽ هو ساڌن ڏانهن وريو. هن جي مراد هئي ته پين ساڌن تي به اهڙيءَ سختيءَ جو هٿ هلايان. هو پين ساڌن جي ويجهو آيو جن مان رامداس ٻيو نمبر هو. اهو ڏسي رامداس کي گهڻي خوشي ٿي ته نيٺ سندس به وارو آيو آهي. ڪلارڪ وٽس اچي هن جي هٿ کي سوگهو جهليو ۽ سندس منهن ۾ نهاريو جنهن ۾ هن جي مٺيا جي مرڪ ڏٺي جا ٻهڪندڙ ۽ جهلڪ سان هئي. هن يڪدم پنهنجو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ ڪي قدم پٺتي هٽي ڪجهه خيال ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. اهو رام ئي هو جنهن پئي ڪم ڪيو. انهيءَ وقت ڪلارڪ ساڌن کي اسٽيشن کان ٻاهر وڃڻ واسطي چيو. هڪدم سيئي ساڌو هڪ هڪ ٿي اسٽيشن ڇڏي ٻاهر هليا ويا.

اڙي رام! جڏهين تنهنجي اجيت ٻانهن تنهنجي ٻانهي جو بچاءُ ڪري ٿي ته پوءِ هن واسطي ڀؤ ڪٿي؟ هڪڙي ڳالهه

لي ٻڌي، هتي ٽڪيٽ جي تمام سخت چڪاس ٿئي ٿي تنهڪري
هڪڙي ٽڪيٽ ڪلارڪ هن ساڌن کي گاڏي مان هيٺ
لاٿو. هن ڪانسواءِ ٻين ڪيترن ساڌن کي بہ گاڏن کان ٻاهر
ڪڍيو ۽ اسٽيشن کان ٻاهر وڃڻ واري دروازي ڏانهن وٺي
هليو. اٽڪل ڪل ڏهہ ساڌو هئا. ٽڪيٽ ڪلارڪ هنن سڀني
کي لنگهہ واري دروازي وٽ هڪڙي پاسي قطار ڪري
بيهاريو. ٻاقي ٻيا مسافر اسٽيشن کان ٻاهر وڃڻ لڳا ۽ ڪلارڪ
دروازي تي ٽڪيٽون ڪٺيون ڪرڻ لڳو. هنجي پٺي ساڌن
ڏانهن هئي. هن فقط پنهنجي پاڻ جيتري ڏيکو، واري هنڌ
تي ساڌن کي بيهاريو هو. انهيءَ قطار ۾ پنجون نمبر هڪڙو
جوان ساڌو ڇٽيل وارن ۽ ڇتائن سان بيٺو هو. جڏهين ٽ
ٽڪيٽ ڪلارڪ کي ٽڪيٽون ڪٺيون ڪرڻ کان ٿورو وقت ٻي
مليو تڏهين هُو قري انهيءَ جوان ساڌوءَ، جو سڀ کان سندس
ويجهو بيٺو هو، تنهنجون ڇتائون پڪڙي سندس متو تمام زور
سان ٿي لوڏيو. ساڳئي وقت وري هن ٽڪيٽن ڪٺي ڪرڻ
تي ٻي ڌيان ڏنو. ڪجهہ وقت کانپوءِ جڏهين مسافرن جي
ڀيڙ ٿوري ٿي تڏهين وري هن ساڌوءَ کي متي کان جهلي
ڏونڌاڙيو ٿي ۽ پنهنجي مڪن سان هن کي ماريو ٿي.

هنن هيءُ نمونو ٻي ٽمو لڌمين رامداس جو هن کانپوءِ
بيٺو هو، هن جوان ساڌوءَ ڏانهن نظر ڪري ڏٺو تہ سندس
ڇهري تي خوشيءَ جي مرڪ هئي.

ڪئي وئي ته جيئن هر ڪو پنهنجي بدن جي گرماش پئي ساڻ
مٿا ٿي جهڙ ۾ انهي کي ڦاٽندو ٿئي. اِهو حقيقي وچار هو.
اُئين ڪندي رات گذري.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سوير ٻئي ڄڻا شهر ڏانهن ويا.
اُتان ٿي هو "سرجو" نديءَ تي آيا جتي پنهنجا هٿ ۽ پير
ڌوتائون. ساڌورام چيو ته اِشنان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي
جو ٿڌ تمام گهڻي آهي. اهڙيءَ طرح اُن پوتر نديءَ تان موٽي
هو شري رامچند ۽ هنومان جي ڪيترن مندرن ۾ ويا ۽ هڪڙي
لنگر ۾ کاڌو کاڌائون. اُنهيءَ ئي رات جو هڪڙي گاڏي پڪڙي
جا بمبئيءَ ڏانهن ٿي ويئي.

هاڻي ساڌورام اِهو پڪو فيصلو ڪيو ته اُتر هندستان
جي تيرٿن جي مسافري بند ڪجي سو اِنهيءَ ڪري بمبئيءَ
ڏانهن مسافري ڪيائون.

اڙي رام! تنهنجي اِڇا پرم پورن آهي. جيتوڻيڪ
رامداس کي اِڇا اُتر هندستان جا گهڻا ئي مندر گهمڻا هوا.
تنهنجي نماڻي ٻالڪ کي اِها ڪل ڪانه ٿي پوي ته تون هنکي
بمبئيءَ ۾ ڇو ٿو وٺي وڃين. پنهنجي داس جي سڀ حالت ۾
جا مت ست آڻين ٿو سا هو سمجهي ٿو ته سڀ منهنجي ئي ڀلي
واسطي آهي.

گاڏي ساڌن کي ڏکڻ طرف کڻي پئي ويئي. هڪڙي
پٺيان ٻي اسٽيشن پار ڪندا پئي ويا. نيٺ هڪڙي ننڍيءَ
اسٽيشن تي جئين ساڌورام اچا پڪيون پئي کاڌيون تئين
هڪڙي مسافر اهڙ وقت سندس پوٽلي اوتو کڻي ويو. جڏهين
گاڏي اسٽيشن تان ڇٽي اُڌهين هيءُ جاڳيو ۽ ڏٺائين ته اوتو
گم آهي. اِنهيءَ نقصان تي هو ڏاڍو خفي ٿيو ۽ سچ پچ ٻارن
وانگر زار زار روئڻ لڳو.
ايندڙ اسٽيشن "جهانسي" هئي. گاڏي اچي اسٽيشن

ڪاشي

ڪاشيءَ جو شهر سندر مندرن جو شهر آهي. جنهن جا گنبذ ۽ منارا جڏهين ڪنهن مٿاهينءَ تان ڏسجن ته ڪهڙو نه جادوءَ جهڙو نظارو پيو لڳي گنگا نديءَ جي ڪنارن تي آهن ٿا. ساري هندستان جو خيال آهي ته هندستان جا سڀ کان مشهور مندر ڪاشيءَ ۾ آهن. هر روز هزارين تيرٿواسي هندستان جي سڀني ڀاڱن مان مجبوس اوڏهن پيا. جنهن رام رامداس کي ساري جي مدد ۾ هن تيرٿن جي مسافريءَ لئي ولي ويو ته اُتي ٿڌ ۾ ڏاڍي گهٽي هئي. هن ۽ ساڌورام کي پورا ڪپڙا نه هئا ۽ جتين ته هو نديءَ جي ڪناري تي کليل هنڌ سمهيل هئا لڪن اُنهن ڏاڍي ٿڌ محسوس ڪئي، خاص ڪري ساڌورام. ساڌورام هر روز بي صبر ٿيندو ويو. هنجو اُتر پاسي مسافري ڪرڻ جو وڏو مقصد هو سو ڪاشيءَ ۾ اچڻ سان ڏاڍو مجبول ڏسڻ ۾ آيو. هاڻي هن جي خواهش ٿي ته ڏکڻ هندستان ۾ موٽان جيڪا رام جي اڇا. هن دنيا ۾ ڪجهه به نٿو ٿئي جو ايشوري اڇا کي مدار نٿو رکي. رام جا رستا پروڙي نه سگهجن.

ٻئي ڏينهن رامداس ۽ ساڌورام کي گاڏي آيوڌيا نطي وئي. اُنهيءَ هنڌ جتي شري رامچند جو جنم ٿيو هو ۽ جتي هن راڄ ٿي ڪيو. رات جو وڏڙو هو جڏهين هو اُتي پهتا. رات هنن اسٽيشن جي ٻاهران کليل ميدان ۾ ڪاٽي. جتي به ٿڌ تمام گهٽي هئي. ساڌورام اشارو ڏنو ته ٻنهي کي ٻي ٻنيءَ سان ملائي سمهڻ گهرجي. اها حرڪت اُنهيءَ واسطي

کاڌي کانپوءِ هن هڪڙي وڏي پيتلي اوٺي مان پاڻي پيتو جو سندس پاسي ۾ رکيل هو. جيڪي ساڌو اُتي هئا تن مان گهڻن نه ڇهن پوڙين کان وڌيڪ نه کاڌو پر ڪي ته ڇهن پوڙين کان مٿي کونه ويا. باقي هن واٽڙي کنڊ صورت واري ساڌوءَ کي ڪل چوٽيهه پوڙيون مليون هيون.

هن کي ڪجهه ياڇي، ڪڙهيءَ منائيون به ڏنيون ويئون هيون جي هن سڀ کاڌيون ۽ رونگ ۾ هڪڙو داو پاڻيءَ جو پڻ پيتو.

هيءُ قصو هتي ٻڌايو ويو آهي، نه ساڌوءَ جي اي اد بي ڪرڻ لاءِ پر پڙهندڙن کي اُنهيءَ ماڻهوءَ جي خبر ڏيڻ لاءِ جنهن کي چيتي بکه لڳي هئي جا عجيب "مايا" رام جي ڏيکاري ٿي. اُنهيءَ مندر ۾ به ڏيهن رهي، رامداس ۽ ساڌورام گيا ۾ آيا جتي هنن مندر جو درشن ڪري پوتر گنگا نديءَ ۾ اشنان ڪيو. اُتان هو ٻئي ڏيهن روانا ٿيا ۽ اُتر جي مشهور مندر تي وڃي پهتا جنهنجو نالو ڪاشي يا بنارس آهي.

ساھوڙن ھئي. مانيءَ لاءِ ڪجھہ ٻوڙيون جانده آسي پيل ڪٽڪ جي آني ھون چگيون ٿلهيون، حجھو انڪل سوڙھا ن انھن قطرو ۽ جي ريڙ وانگر مڙندڙ ھيون، لهھسان ڪُل ڪجھہ ٻاجي، ڪڙھي ۽ ملايون پڻ ھيون.

رامداس کي ڏند ڪين ھئا. ھنڪان ٻوڙيون اَڌ ٻڙن نہ ڪونہ ھليون. بلڪ جنکي پھنجو ٻورو حصو مليو ھو تن کي پڻ ڪاٺ پر ڏاڍي تڪليف ٿيتي جيستائين ڪ لٽڙي مان اندر لنگھائي سگھيون. انھيءَ ڪري رامداس جي حالت اَمت ھئي.

اھو ساڌو جو مانيءَ لاءِ سڀني کان ديرسان آيو ھو انھن پنھنجو حصو ٻن منٽن ۾ ختم ڪيو. ووي ھن کي چار ٻوڙيون ٻيون ڏنيون ويون سي بہ ھڪ ڪن ۾ ڪاھي ويون. لهھڪائوءَ ووي ھنکي ٻيون مليون پر اُنھن سان بہ ساڳي ڪار ٿي. ساڌوءَ اڃا نہ وڌيڪ ڪاڌي ملڻ لاءِ خواھش ڏيکاري! اُنھيءَ مھل ٻڌي دوست ٻروچيءَ کي حڪم ڏنو تہ وندڻي ۾ جيڪي نہ ٻوڙيون آھن سي سڀ ڪٽي اچ. انھن ڪانپوءِ ھڙ ساڌوءَ وٽ آيو ۽ چيائين:-

”مھراج! جيڪي بہ ٻوڙيون لون ڪاني سگھون سي پلي بھشتي مرضيءَ موجب کاءُ.“ ھڪ، ٻہ، ٽي، چار ۽ اھڙيءَ طرح سات ھنکي وٺيہ ٻوڙيون ٻيون بہ مليون.

اڃ ۽ ساڌوءَ بس نہ ڪئي. چار ٻوڙيون سون ڏيئي سيٺ دوست وڌيڪ ڏيڻ بند ڪيو پر ساڌوءَ کي ڀڪ ڏنائين [illegible] سڀني ڪانيدڙن جي ٻورائي ڪري ااڻي ٻيل وڌيڪ موتي [illegible]. [illegible] حالت لي سڀني ھوڏيان ھن ٻيٽوڙي ساڌوءَ ڏاھن ڇڪ. سڀني ھنجي ڪاٺ ھو ٻدلگ جاچڻ لڳا. ٻر ساڌوءَ [illegible] ڪر [illegible] ساج [illegible] ۾ ھو. ٻوڙيون ھڪ [illegible] چيائين [illegible]. ساڌوءَ جي چڙداري جيڪي نہ [illegible] ڪرنہ ھو. چئن ڏھن ٻوڙين

ڏارڪناٿ مندر

بنگالي سادو اهو نظارو ڏسي اصل وائڙو ٿي ويو. نيٺ ٻاڻ سنياليءَ هن اشارو ڪيو ته هينئر ڪوٺيءَ کان ٻاهر اکرڻ گهرجي جو هن جڳهين لي ٻه هاڻو آهي. سڀ کان وڏيڪ رامداس ائي دليو تي آئيو ۽ هن سرڳ جهڙي هند کان ٻاهر آيو. تنهن ڪانپوءِ سادوءَ رامداس کي (جو ٻورن سپنهي جي حالت ۾ هو) هن ڪوٺيءَ جي پٺيان هڪڙي باغ ۾ وٺي ويو ۽ هڪڙو ٻنهن وڻن جو جهڳٽو جنهنجي چوڌاري هڪ پٿرن ۽ مٽيءَ سان جڙيل ٿلهو هو سو ڏيکاريو.

سادو سمجهائڻ لڳو ”هن ٿلهي تي پرمهنس گهڻو ڪري ويهندو هو ۽ پنهنجي شش کي اپديش ڏيندو هو.“ تنهنڪانپوءِ هو هنکي هڪڙي نديءَ جهڙو ٻڙيءَ ۾ وٺي هليو ۽ چيو ته سنت هتي پنهنجي آدرشي ڪالي ماتا جي سماڌي لڳائيندو ۽ ڌيان ۾ ويهندو هو.

اڙي رام! اهي نظارا تحقيق اکين لي برڪت وجهندڙ آهن. اڙي ڳوڙها! انهيءَ پورن خوشيءَ جي گرم جهلڪ وچان وهي هلو!

هاڻي بنگالي سادو هن کي رت ڏيئي هڪڙي جوان سنياسيءَ جي ملاقات لاءِ وٺي هليو جو سري رامڪرشن جو شش هو. رامداس اها رت قبول ڪئي ۽ هو هنکي هڪ ميل پري هڪڙي ننڍڙي مندر ۾ وٺي ويو جنهن ۾ پرمهنس ۽ ڪاليءَ جون مورتون رکيل هيون. اُتي هڪڙا ٻـ

نٿي سکھجي.

اڙي رام! ھن ٻٽ لي ھن ٻھتل شخص جي ٻڌڻ چرڻ جي برڪت ٻيل آھي.

انڪل روح آڌ ڪلاڪ گذري ويو. ھوا جا ٻي ليٽڙ ٻو ۽ ھن جو چھرو ھڪڙي عجيب آبار خوشي مان ٻي چمڪيو.

ڏ ڪشناور بابت نہ پڌو آهي جو ڪي سال تيا هتي رهندو هو."

رامداس جواب ڏنو "ها ئو دوست! رام هن داس کي ساڳئي نسبي سبب ڪري هتي آندو آهي." جو هو اُن رام جي بابت وڌيڪ ۾ هو تہ ڪهڙا ڪم رام جا آهن جن جي پروڙ پنجي نٿي سگهي.

ساڌو جو بنگالي هو تنهن چيو "تون مونسان گڏ هل. آءُ سڀ هند جي سنت جي حياتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ آهن سي ڏيکاريندس."

رامداس دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو "اڙي رام! هي تنهنجو غريب ناچيز بانهو ڪهڙن لفظن ۾ تو ها اچي پريم جي اونهي سمندر جي موجا ڳائي سگهي تو؟ اچا هوُ ڪا ب اچا ظاهر ڪري تو تہ اها پوري ٿئي ٿي."

بنگالي ساڌو نماڻي رامداس کي (ساڌو رام هن سان گڏ نہ هليو) جيڪي جايون مندر جي چوڌرس اڱڻ جي چوڌاري هيون اُنهن مان هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي هليو. ڪوٺيءَ کي ڪلف لڳل هو. مهربان ساڌوءَ ڪنجي گهرائي دروازو کولي رامداس کي اندر وٺي ويو. واه! ڪهڙو نہ اُتان جو آنند هوا! اندر هڪڙي کٽ هڪڙو هنڌ ۽ نرم گاديلا جي سري رامڪرشن ڪم ۾ آڻيندو هو سي هنجي يادگيري قائم رکڻ لاءِ سنڀالي رکيا ويا هوا.

رامداس پرڻام ڪري هن جي ويجهو ويو ۽ پنهنجو سر اُنهن مٿان ڌريو. هن خود اُنو قت ڪوٺيءَ جي آنند جو پاڻ تي بجليءَ جهڙو اُثر محسوس ڪيو. خوشيءَ جي لهر پٺيان لهر هن جي اندر مان اُٿي. تنهن ڪا [illegible] هوُ سدو [illegible]
چوڌاري ليٽڙيون پائڻ لـ [illegible]
جي جوش واري خوشي [illegible]

وچڻ ۽ گوڙ جي جسدن اوهان مڇهندر جي ماني ۽ کاڌي آهي
حا کالي مالا حو برساد آهي. مڇهندي پرارتنا آهي ۽ مندر
ڏانهن موٽي هلو.

اِها نيند پڄهي کي قبول ڪري بيٺي ۽ پڻي جتا مندر
ڏانهن واپس موٽيا. رام جا رستا نهايت ئي ڳجها آهن.

پوجاريءَ همن کي چيو ته گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪريو ۽
پنهنجا ڪپڙا صاف ڪريو. ڪاڏي جي وقت اوهانکي سڏ ڪبو.

پوجاريءَ جي چوڻ موجب پنهي سادو پوڙنر نديءَ جا
ٿورا ڏاڪا لهي هيٺ ويا جتي ڪپڙا ڌوتا ئون ۽ اِشنان
ڪيائون. ڪهن کان پوءِ مندر جي اَڱڻ ۾ اُچي اُنهن پنهنجا
آلا ڪپڙا سڪڻ لاءِ وڌا ۽ اُپتي اُس ۾ ويهي پاڻ کي گرم
ڪيائون. اُنوقت هيٺيان خيال رامداس جي من ۾ اُڀريا:-

اڙي رام! تو پنهنجي نالائق ٻانهي کي هن مندر ۾ آندو
آهي جاڪاڻ ته سنت سري ڪرشن پرمهنس ڪنهن وقت هتي
رهي واس ڪيو هو ۽ سنداس سڪنا سچيءَ دنيا ۾ پکڙجي ويئي
هئي. ڪهڙيءَ طرح ته او صورج جو هن ٻانهي کي هن هنڌ
ڇڏڻ کان روڪ ڪئي آهي. مڇهندر جي مانيءَ کائڻ کان پوءِ
ضرور هتان موڪلائي ڪرڻي پوندي. اڙي رام! پرانين
ڪرڻ کان اڳي، اِهن چڱو ڪين ٿيندو ته تون پنهنجي ٻانهي
کي هتي هڪ وڏو سنت رهندو هو ۽ پنهنجو روزانو لب ۽ ڌيان
ڪندو هو اُنهيءَ هنڌ جي واقفيت ڪرائين؟

اچا پنج منٽ ئي ڪين گذريا هئا، رامداس اچا اِنهن
خيالن ۾ محو هو ته هڪڙو ڏڪهو جوان سنياسي پيرن تائين
پهوڻل ڪوٽ سان ۽ پيشاني چندن جي تلڪ سان چمڪندڙ، اچي
اُتي، جتي رامداس وينو هو اُنهن جي پاسي ۾ ويٺو. هڪٻئي
جي مرحبا ڪرڻ کان پوءِ هن ٻڌايو:

... ان وڏي سنت سري رامڪرشن پرمهنس

ٿڌ ڏاڍي سخت هئي ۽ مڇرن جي هڪڙي وڏي لشڪر پيا نڪ روپ ۾ هنن تي حملو ڪرڻ شروع ڪيو.

ساڌورام رڙ ڪري چيو ”هي ڳالهيون خوفناڪ حالت واريون آهن. ڌوٻيءَ ۾ فقط ٿڌ هئي ۽ پيٽ ۾ سهڻ جوڳي هئي ۽ هتي اُها مڇرن جي تکن ڏنگن سان گڏيل آهي.“

رامداس جواب ڏنو ”دوست! اِهو سڀ درست آهي. پر رام جي مهربانيءَ جي پوريءَ طرح ساراه نٿي ڪري سگهجي. هن هڪڙو سبب اِڪان ڌارڳو رستو رامداس کي جاڳائڻ جو لڌو آهي ته جڏهن ننڊ هن تي ذرو به غالب اسـ بوي، اِهيءَ واسطي ته هو رام جو پڇڻ ڪري سگهي.“

ساڌوءَ جو هڪڙو ڪپڙو جنهن سان هو پنهنجو بدن ڍڪي رهيو هو سو اُنهن ڪيين وارن مهمانن کي ٽڙي ڪيڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن لوڏڻ لڳو ۽ فقط هيئن چيو ”چڱو، چڱو.“ ساڌوءَ رات ننڊ قتل ڪاٽي ۽ خفي تي دانهن ڪرڻ ۽ ڪر ڪر ڪرڻ لڳو.

رامداس پنهنجي من جو ڌيان رام ۾ لڳائي اُنهيءَ حالت کي منهن ڏنو. رام هنجي سرڀ جي سمڪ ڪيڏي ٿوري وقت لاءِ بيهوش ڪيو. رات جو سڄو وقت هو اُن حالت ۾ رهيو.

اجا پرهه ڦٽي ته ساڌورام اُٿيو ۽ رامداس کي چيائين ته سنڌس پنيان اچي. هنکي خبر نه هئي ته ڪيڏانهن هلي پر هنجي مرضي هئي ته هتان وڃي وڃي ٿي ٽرت اُتان نڪران. اِٿي ساڌو اجا ممدر ڪان اَڌ مرلانگ مس اُڳتي وڌيا ته کين ساڳيو پوجاري سامهون گڏيو جنهن پوجاريءَ اُڳئين رات هنجي مهمان نوازي ڪئي هئي.

اُنهيءَ مهربان دوست هنکي خوشيءَ سان ڪيڪاري چيو ”توهين ايترو سوير ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ توهان کي ڪيئن

تا پر رات ٽڪاڻي پر رهڻ واسطي اصل ڪو به خيال نٿا ڪري سگهو، جيئن ته انهن ڪرڻ نيم جي خلاف آهي.

رامداس جواب ڏنو ته ”اهو ڪم ڪاليءَ جو آهي. هموقت اسان کي اُنهيءَ بابت ڪجهه به نه ڪرڻو آهي.“

تڏهن ڪانپوءِ ٻئي سادو اُنهيءَ پاسي هلڻ لڳا جتان روشني پئي آئي، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پالڪي ڪاليءَ جي بت اڳيان پهتا ڏٺائون. ڪاليءَ جي صورت ڏسي هڪڙي آئي خوشيءَ جي لهر هنن جي بدن اندر گهڙي. ڪالي سري رام ڪرشن پرمهنس جو پوڄا لوڪ سندر آدرش هو. هو مشهور سنت دکشنيشور جو هو. جيئن هو هت پنهنجي ٻچڙي جي سامهون پيدا هوا تيئن مندر مان هڪڙو دوست نڪتو ۽ سادو ڏسي هنن کي ڪجهه ڪاليءَ جو پرساد کائڻ واسطي ڏنائين. تڏهن ڪانپوءِ رامداس هنڪان پڇيو ته اها ڪالي ماتا جي اڳيان آهي ڇا ته اسين رات جي وڳڙي ۾ مندر اندر اچون نه ولون؟ اهو مهربان دوست پوڄاري هو جو هن کي چيائين:

”مندر جي نيم موجب ڪنهن به ٻاهرئين ماڻهوءَ کي مندر جي حاطي اندر رات سمهڻ جي موڪل ڏني نٿي سگهجي. تڏهن هوندي به جيئن ته هيٺ آڏي رات ٿي آهي تنهنڪري توهانکي ٻاهر اولهه ۾ اتي پر ڪاٺ نها ٻيد ڏکيو ٿيندو.“

اڙي رام! نڪي قاعدا نڪي قانون تنهنجي ڀڳتن کي ٻڌي سگهن ٿا. تنهنجي مهما پرابل ٿالي جڳ جو مطلب آهي، هڪدم سڀئي بندش، سڀئي لڳ لاڳاپا، سڀئي قانون ۽ ڪڙيون ڪانچ جو ٽڪرو پائڻ. تڏهن ڪانپوءِ پوڄاري دوست سادن کي گنگا جي ڪناري تي هڪڙيءَ ڪلبل ڌرمسالا ۾ نيو. هن ورق ڪجهه ڪاڌو هنن کي ميسر ڪري ڏنو ۽ کائڻ لاءِ زور رکيو. رام جي مهربانيءَ کي ڪا به حد ڪانهي. جڏهن هند سادو هيٺا اُلي ننڊ نه ٿا شدلي هئي، ته فقط اُنديءَ هوا جي لڳڻ ڪري

لئي ويٺا. جنهن رات هن جي دل ۾ وڌو، رامداس دکشيشور
ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي ۽ هڪڙي جهاز ۾ چڙهيا.
هڪڙي مهربان دوست هنکي اڪيٽون ڪجهي ڏنيون. جهاز
هنکي گنگا جي سيدي ٿان ڪلڪتہ کان گهڻو دور ڪٺي ويو.
ٿڌهين رات جا ڏه ٻجہ لڳا هوا. رات اماڙ اونداهي هئي.
هن واٽ لئي ڪن دوستن کان دکشيشور جو رستو پڇيو.
جڏهن هنکي گهٽيءَ گهٽيءَ مان ڏس پي مليو تئين هوُ پيو ڦريا،
۽ ڪڏهين ڪڏهين ٻهن ٻه جڻي هنکي ڪوہ سونهون نہ پي
مليو لڏهين رستو ڀاڃي ٿي ويسا. اهو سمورو رات جو ڪم
هو جڏهن ٻيهڻ ڀڳتن جي آزمائش ٿي ورلي. تنهن هوندي
ٻہ هن جي مهرسان ساڌو نيٺ آڌيءَ رات جو اُنهيءَ مشهور
مندر جي در وٽ آچي پهتا. اُنهن مندر جو سامهون وڏو ۽
ڳرو دروازو بند ٿيل ڏٺو ۽ اهو دڙڪا ڪٽڪا يائون. در کليو ۽
هڪڙي آدميءَ جوش واري آواز ۾ هُن کان پڇيو:

"توهين ڪير آهيو؟"

رامداس جواب ڏنو "ٻہ رولو ساڌو ڪاليءَ جي درشن
واسطي آيا آهن."

"اهو سڀ درست آهي پر هيئر اندر لنگها اچي سگهو
توهين سوير صبوح جو اچجو."

ائين چئي اهو دوست ساڌن جي منهن تي دروازو بند
ڪري ٿي هو پر هوُ ٻئي هڪجي چڙهن ڪانئيندي به ماٺ ڪري اندر
گهڙي ويا ۽ پوءِ هنکي خبر پيئي تہ اهو آدمي رات جو
پهريدار هو. ٻئي ساڌو مندر جي وڏي چونڪ ۾ لنگهي ويا
۽ پڪو ارادو ڪيائون تہ جيستائين هنکي ڪاليءَ جو درشن
نہ مليو آهي تيستائين هوُ پنهنجي نہ موٽندا.

مهربان پهريدار جو پهريائين چيو تيو هو سو نرم ٿي ويو
۽ پائين کي چيائين تہ توهين ڪاليءَ جو درشن ڪري سگهو

ڪلڪتي ۾ دکشنيشور

ٻئي ساڌو گاڏيءَ مان لهي اونده ۾ هلندا هلندا ۽ نديءَ جي ڪناري تي اچي هڪ وڏي پل لتاڙي پار پيا. انڌ ڏاڍي گهٽي هئي. ٻئي پاسي ٻچي، وري گنگا نديءَ جي وهڪرو اڳيان هڪ آيا جتي مندر جي هڪ ٻاگي ۾ ارهٽ ٻالرن کي ٻوڙي نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ کان پوءِ پوڄا ڪرائيندا آهن. اُتي ساڌن کي هڪڙو ننڍو ملبو جنهن ۾ هنن رات جو آرام ڪيو. ٻئي ڏينهن سوير صبح جو هڪ مٿي چڙهي ڪلڪتي طرف وڌيا. ڪاليءَ جي مندر جي پوڄا ڪري اُهي ڪاليگهاٽ ڏانهن رخ رکيو جو اُن هنڌ کان سٺ ميل پري هو. پند ڪندي اُهي ڪاليگهاٽ اچي پهتا ۽ سڌو نڪاٽلي ۾ ويا ۽ وڏي ڪاري پٿر جي ڪاليءَ جي بت اڳيان وڃي بيٺا. هڪڙي وڏي ۽ ڪاڙهي زبان ڪاليءَ جي واڪري منهن مان پئي نڪتي.

رامداس پرارٿنا ڪئي ”اي ساري سرشٽيءَ جي ماتا! مهنجي ضعيف ۽ لاچار بالڪ تي ڪرپا وجهه. سدائين مهنجو ٻالڪو سڀني استرين کي ماتا سمان ڏسي ۽ ڪين ايشوري روپ جو عبوضي سمجهي.“ هتي رامداس کي جوڻ کان ٻاهر خوشي معلوم ٿي ۽ ڀڳوان تي پورڻ مدار رکڻ جو خيال اُڀريو. گهڻي خوشيءَ کري هنجي اکين مان ڳوڙها زار زار وهڻ لڳا. اها سڀ ماتا جي مهر هئي. اُن هنڌ ڌرمسالا ۾ ساڌو ٻه ڏينهن ترسيا.

هاڻي قدم هٽائي پنهنجي ڪلڪتي ۾ وري گنگا جي ڪناري

ڪرسيون آڻي هنن کي ويهاريو. پٽل جو اونو ساڌورام کي واپس ڏاو ويو جنهن تي هنجي ڇاري ٻر رنگ ۽ روشني وري آيو. اڙي ڪرائيسٽ! توکي ساراهڻ گهرجي. انگلو انڊين دوست هنن تي ڏاڍو مهربان ٿيو ۽ هنکي چانه وغيره آڻي جي سڀ رامداس مهرباني جئي نا ڪار ڪئي.

”هي ڏٺي! هي ڏس، هڪ ٻي گاڏي انڪل اڌ ڪلاڪ اندر ايندي. اُن جي ٻهچڻ تي مان توهانکي فرحت سان اُهڻ ۾ ويهاريندس ۽ تهنڪا پوءِ توهين هترا ڏانهن آڳتي وڃي سگهو ٿا. اوهانجو هيءُ اوکر توهان اسان جيڪا هلت هليو آهي، تهن واسطي افسوس ٿو ظاهر ڪري ۽ معافيءَ لاءِ ملت ٿو ڪري..“

اڙي رام! اڙي ڪرائيسٽ!! توکي پنهنجي نماڻي داس کي جاچڻ واسطي هڪ عجيب رستو آهي. اڙي رام! تنهنجو پتو نٿو پوي پر تون خود مهربان ۽ پرير روپ آهين. اي رام! جيڪو اوتي مدار ٿو رکي تنهنجو تون پورن مددگار آهين. اهو سڀ آهي جنهنجي جاڻ پوي ٿي ۽ اهو بس آهي. تنهنجا رستا سمجهڻ اُصل ناشدلي آهي پر تنهنجن نماڻن ٻچڻ واسطي اهو ضروري نه آهي. تنهنجي اَڪيچار پرير جي اُس ماڻڻ سو خود سڀ کان وڏو آنند آهي. پار ماڻ جو پرير چاهي ٿو جنهن ملڻ سان هو راضي ٿئي ٿو. پوءِ اُنهيءَ کان وڌيڪ گهرڻ جي ڪٿي ضرورت آهي؟ وقت تي گاڏي آئي ۽ انجام موجب ڪرسٽان دوست اُنهن ساڌن واسطي هڪڙي فرحتي جڳهه گاڏيءَ ۾ هٿ ڪري هنکي آرام سان ويهاريو. گاڏي ڇٽي ۽ هترا اسٽيشن تي رات جو ڏهين بجي پهتي.

وري اُن دوست هنجي ڳوڙهي ٻانهن ڏانهن ڇڪي ڪري ۽ منجهس جيڪي هو سو جاچي، ڪجهه به ڪٽ جهڙي شيءِ نه ڏسي، هنکي وري موٽائي ڏني.

هاڻي هنجو ڌيان رامداس ڏانهن ويو ۽ هنکان پڇيائين "هنجو لوٽو وري ڇا آهي؟"

اهو وچن رامداس اڳئين پهرين لڌو ۽ ڪتاب جي ڳالهه ڪرستان دوست جي سامهون رکي جواب ڏنو "بابا! هي ٻئي شيون لهڻجون آهن. اهي ٻئي اصل لاءِ لون ڪٽ جا ڪاڻ نه رامداس ڪنهن به وقت انهيءَ جو مالڪ نه آهي. جيڪو به ڳوري اهي شيون اُنهيءَ جون آهن."

هن چيو "هيءَ لنڊڙي لوٽي نه ڪبي، پٽل جو لوٽو وڏو ڪارگر آهي. هاڻي هن ڳنڍڙيءَ ۾ لوڪي ڇا آهي؟"

ڳنڍڙي کولڻ وقت هنجي اکڙ ڳنڍڙيءَ مان هڪ ڪمسي ۾ ويڙهيل جهڙي شيءِ نيو ٽيسٽامينٽ لي نڪتي. جنهن لي سونن اکرن ۾ نيو ٽيسٽامينٽ نالو لکيل هو. هن اهو ڇڪي ٻاهر ڪڍي ڏٺو ۽ رامداس کان پڇيائين:

"هن ڪتاب سان لهڻجو ڪهڙو واسطو آهي؟"

رامداس جواب ڏنو "بابا! سڀ ڪجهه."

هن پڇيو "اوهان ڪرائسٽ ۾ اعتبار ڪريو ٿا؟"

رامداس چيو "جي ها. ڪرائسٽ ئي ڀڳوان جو قاصد آهي. هو ماڻهن جي ڇوٽڪاري لاءِ پيدا ٿيو هو."

اهو جواب هن دوست جي دل سان لڳو ۽ رامداس جي ويجهو اچي هن چيو:

"هي ڏاڍي! مهرباني ڪري پهرين ٻانهون جي معاف ڪجو، جنهن لوهالڪي نه سڃاڻڻ ڪري مون ٽوهان کي ساري تڪليف ڏني آهي."

اهين چئي هو اسٽيشن اندر هن جي وليءَ ويو ۽ ٻيـ

خيال تي هت هت پئي ويا. ڀر جڏهين هؤ انگلو انڊين جي ٻو ٽين ڏڪاربل جڳهہ لي وڃي ويٺا تڏهين ساڌورام ڪر ڪري رامداس کي چيو:-

”سوامي! هيءَ ماڻهو اسان سان هيءَ عجيب هلت هلي رهيو آهي. سندس ارادو فقط اسانکي چيڙائڻ جو تو ڏسڻ ۾ اچي.“

رامداس جواب ڏنو ”يا ٺوُ! ائين نہ آهي. تون هن مهربان دوست جي مهرباني جا پهت پل تو ڪرين. جڏهين تہ اسانکي گاڏيءَ ۾ ويٺي گهڻو وقت گذريو آهي جنهنجو نتيجو اهو ٿيو آهي جو اسانجون ٽنگون تڪجي پيئون آهن. اهو تڪ لاهڻ واسطي ۽ رت جي ڊوڙي تکي ڪرڻ لاءِ اهو مهربان دوست هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي ٿو ۽ اسانکي اُٿاري ويهاري ٿو. سڀ ڀلي واسطي ئي آهي. اسانکي رام جي ڀلائيءَ ۾ ڀرڀر جي سار اہ ڪرڻ گهرجي.“

اهو جواب ساڌورام کي نہ آئڙيو، جنهن چيو ”تنهنجي اها ڏاهپ مون غريب ساڌوءَ واسطي پوريءَ طرح سمجهڻ بلڪل مشڪل آهي.“

اُنهيءَ گفتگوءَ وقت مهربان ڪرستان گم هو. تنهن ڪانپوءِ هڪڙو وڏيڪري منهن وارو لالٽين ڪڻي مو ٽيو ۽ سڌو ساڌن جي سامهون جهلي ڀريائين هن جي منهن لي هڪ اهڙي پنيان روشني وڌي. تنهن ڪانپوءِ هن مٿان ۽ چوڌاري ڦيرايو. روشنيءَ دوارن هن ساڌورام جي ڳوٿري ۽ هڪ پتل جو لوٽو ۽ رامداس جي ڪتابن جي ننڍڙي ڳوٿري ۽ اڻليو ميمر جي لوٽي ڏٺي.

”هاٿي هيءَ آءٌ ڪڍندس“ ائين چئي هن ساڌورام وارو پتل جو لوٽو کنيو ۽ پنهنجي ڀرڀر رکيائين. ائين ڪرڻ کري وچارو ساڌورام بلڪل ساٿو ٿي ويو.

ڪرائيسٽ ڀڳوان جو هڪڙو قاصد

گاڏي ٻن ساڌن کي کڻي اُتر ڏانهن هلندي رهي جيستائين هوءَ "گرانٽ هنڙا" اسٽيشن جي اوريءَ پر پهتي. اهو ريلوي ڪمپنيءَ جو قاعدو آهي ته سڀني مسافرن جون ٽڪيٽون هن اسٽيشن تي ڪٺيون ڪجن. هڪڙو اينگلو انڊين دوست جو ٽڪيٽ ڪليڪٽر هو، سو گاڏيءَ ۾ گهڙيو ۽ هن ساڌن کان سندن ٽڪيٽون گهريون. ساڌن کي قبول ڪرڻو پيو ته ڪن کي به ٽڪيٽون ڪونه آهن. جنهن تي هن سخت ٽڪيٽ ڪليڪٽر ساڌن کي چيو ته هڪدم لهي وڃو. جيئن ته ٻنان ٽڪيٽ جي گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ قاعدي جي برخلاف آهي. ٻنهي ساڌن اهو حڪم هڪدم مڃيو. اها سڀ رات جي ڳالهه هئي. انڌاري رات جا اَٺ لڳا هئا. اسٽيشن اونڌاهي هئي. ساڌن کي گاڏيءَ هلڻ تائين دروازي وٽ بيهاريو ويو هو. وري جڏهن ٽڪيٽ ڪليڪٽر دوست جو ڌيان ڏانهن ڇڪيو لڌائين، اُلٽي آجي هن کي حڪم ڪيائين ته واپس رهو. ساڌو هڪدم ويهي رهيا.

"نه، ائين نه." وري ڪرستان دوست رڙ ڪري چيو جو ڇرچائي تي ڏسڻ ۾ آيو. ٻنهي جي ساڄي پاسي اشارو ڪري چيائين "هيڪڙا اُٿو ۽ اچي هن پاسي ويهو."

ساڌن کي حيثين حڪم مليو هن ليئن ڪيو ۽ جڏهن ٽڪيٽ جڳهه ڏانهن اشارو ڪيل هو سا وڃي والاري. وري ٽيون ڀيرو هن دوست ونان حڪم ڏنو ته اها جڳهه ڇڏي ڏيو. اڳ جو ته هن ڪڏهن هڪدم مڃيو. ٻئي ساڌو پاڻ ۾ هتم

لائو هو سو کولي هڻن کي وري چڙهڻ لاءِ عرض ڪياءِ. اُنهن جي پنيان هلي ائين ڪيو. هو گاڏيءَ ۾ ساڍن سان ڪجهه وقت وينو.

”مان توهانکي ايشور جي ڳولها ۾ مجهائي نٿو سگهان. مان چاهيان ٿو ته شل ڏٺي سوڀ ڏيو.“ اِهي لفظ چئي هو گاڏيءَ مان لهي هليو ويو ۽ گاڏي اَڳتي هلندي هلي. ”اڙي رام! لڪهجي لالي جي وڏائي سدائين قائم هجي!“

ڪري رهيا آهيو."

"ڀڳوان جي ڪرپا" اهو هنجو سليس جواب هو.

انسپيڪٽر انهيءَ تي، ٿورو زور ڏئي چيو "جيڪڏهن ڀڳوان هر هنڌ آهي، تہ هن توهانکي هنجي ڳولها لاءِ ٻاهر ڪهڙو تہ مزو ملي؟ جڏهن هو توهانجي چوڌاري موجب هتان توهين رولا ڪيا آهيو اُلي تہ آهي."

رامداس جواب ڏنو "بابا! اهو سچ آهي تہ ڀڳوان سڀ هنڌ آهي پر هن جي مرضي آهي تہ اسين اهو سڀئي هنڌ وڃي ثابت ڪريون ۽ هنجي هستي هر هنڌ محسوس ڪريون."

انسپيڪٽر اُٺي چيو "چڱو بابا، جيڪڏهن جتي وڃون ٿو تتي ڏسون ٿو، تون هتي هن هنڌ جتي ويٺو آهين ضرور ڏسندو هوندين؟"

رامداس جواب ڏنو "بيشڪ بابا! جتي اسين ويٺا آهيون هو هن سائيءَ جڳهہ تي موجود آهي."

انسپيڪٽر پڇيو "تون مونکي ٻڌائي سگهندين تہ هو هن وقت ڪٿي آهي؟"

رامداس گهٽي چاهہ مان زور سان چيو "ڏس! هو هتي منهنجي سامهون ويٺو آهي."

انسپيڪٽر رڙ ڪري اُتاولائيءَ سان پڇيو "ڪٿي آهي! ڪٿي آهي؟"

رامداس خود مرڪي انسپيڪٽر جي ويڪريءَ ڇاتيءَ ڪي نبڙي اشارو ڪيو "هتي، هتي. تنهنجي دکهي صورت جا منهنجي اکين اڳيان بيٺي آهي بعدل ٿيو پر. رامداس هر هنڌ حاضر ڀڳوان کي چٽيءَ ڏسي ٿو."

ڪجهہ وقت انسپيڪٽر مجهول ڏسڻ ۾ آيو. پوءِ هو اچي ...يءَ ڪل ۾ چنڪيو. اهو ڳاڏو جنهن مان هن ساڌن کي

ڀڳوان هر هنڌ آهي

ساڳئي ڏينهن شام جو ساڌورام ۽ رامداس کي ريلوي اسٽيشن ڏانهن وٺي هليو، جتي هڪڙيءَ گاڏيءَ کي ڀيڙي هئي "ڪالا هستيءَ" ڏانهن مسافري ڪئي. اُتي هڪڙو ڏينهن ترسي هو ڪلڪتي روانا ٿيا. منجهند جو وقت هو، ساڌورام ۽ رامداس گاڏيءَ ۾ هئا. هڪڙو ڪرستان ٽڪيٽ انسپيڪٽر جهڙي ڪي يورپين وانگر ڪپڙا پهريل هوا سو هڪڙي ننڍڙيءَ اسٽيشن تي گاڏي ۾ گهڙيو ۽ ساڌن وٽ اچي ٽڪيٽن جي پڇا ڪئي.

رامداس انگريزيءَ ۾ چيو "بابا! ساڌو ٽڪيٽ نه وٺندا آهن. ڇاڪاڻ ته نه انهن کي پيسا آهن ۽ نه ڪجهه پيسا رکڻ جي پرواه اٿن."

ٽڪيٽ انسپيڪٽر جواب ڏنو "توهان انگريزي ڳالهائي سگهو ٿا. جيئن ته توهان پڙهيل آهيو تنهن توهان ٽڪيٽ کانسواءِ مسافري نٿا ڪري سگهو. مان ٻنهي جي لهڻ جو حڪم ڪريان ٿو."

ساڌورام ۽ رامداس، انسپيڪٽر جي حڪم تي هڪدم لهي پيا. رامداس سونهن کي خاطري ڏني ته "اها سڀ رام جي اِڇا آهي."

هيٺر اهي جدا پليٽفارم تي هئا. اجا گاڏيءَ چرڻ ۾ ڪجهه وقت بيو هو. ٽڪيٽ انسپيڪٽر جي مرضي ٿي ته رامداس ۽ ساڌورام سان گاڏيءَ جي چرڻ تائين ڪجهه گفتگو ڪريان.

انسپيڪٽر رامداس ڏانهن نهاري چيو "ڇو مون کي ٻڌائيندا تہ توهين ڪهڙي مطلب سان هن طرح مسافري

ڏٺو هو. پرهلاد اڃا هن کي هٿ کان جهليو بيٺو هو ته رامداس بيهوش ٿيو مورتيءَ جي چرڻن ۾ ڪريو پيو.

اُن ڪانپوءِ پرهلاد هنکي مندر جو چڪر ڏياريو. اڙي رام! هيءَ خصيص بند ڪوٺڙن لشڪن ۾ لڪندڙي مون ناهيءَ جو اُتيارو ڪري سگهي ٿو. سڀ لڪندڙي موجا آهي. چڪر ڏيندي سڄو وقت هو ڪڙيءَ عجيب خوشيءَ جي لهر ۾ ٻڏو هو. هن جي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها پئي ڳڙيا. ڪوڙي نه جهڙي ڪان ٻاهر خوشي! حيرت خوشيءَ جو ڏڪڙو پل ۽ دنيا جي سڀني خوشين کان گهٽ آهي. ٿورن منٽن ڪانپوءِ هو ۽ سونهري پرهلاد ٻاهر ساڳيءَ جڳهه تي آيا جتان هن کي ڪميو ڏنائين. اتي ڪجهه پرساد (رڌل چانور) هٿ ڪري پرهلاد رامداس جي وات ۾ وڌو.

پرهلاد چيو "تاڪي مشهور ڪم ختم ٿيو" ۽ هنکي ڇڏي مندر ڏانهن تي موٽيو ته رامداس کي اندر مان سوال پڇڻ جي ڳهر ٿي ۽ هن چيو:

"اڙي ڀاءُ! ڪيئن ڪڙي رولو ساڌوءَ تي اٿڙو مون ٻان تنهن جو هنکي مندر جو درشن ڪرائڻ ولي هليئن."

پرهلاد جواب ڏنو "جڳنات تي فقط لهڻي سوال جو جواب ڏيئي سگهي ٿو. اڃا ٿوري ڏينهن ته مونکي ازخود خواهش ٿي ته توکي اندر وٺي وڃي جڳنات جو درشن ڪرايان. آءُ خود سمجهي نٿو سگهان ته مون ڇو ائين ڪيو. هيءَ سڀ ڀڳوان تي ڪرايو آهي."

پڪ آهي ته ائين رام جي ٿي ڪيو هو.

جڳن ناٿ

گاڏي هلندي هلي. هڪڙي رات ڌرمشالا جي ورانڊي ۾ ڪاٽي وئي. هتي ٻه ڏاڍي ٿڌ هئي. ٻئي ڏينهن صبوح جو شهر کان ٻاهر هڪڙي وڏي ٽلاؤ تي ويا ۽ اشنان پاڻي ڪري مشهور جڳناٿ جي مندر طرف پنڌ پيا جنهنجو سندر اُچو ۽ اوچو منارو جو ڄڻ آسمان سان ٿي لڳو، اُنهيءَ پُور شهر جي ڪنهن به هنڌان ڏسڻ ۾ پئي آيو. هاڻي سادورام ۽ رامداس مندر جي وڏي دروازي ٽائين آيا. پر اندر ڪيئن گهڙن؟ ياترين جي ڀيڙ، مندر جو دروازو اصل روڪي ڇڏيو هو. ڌڪا پئون ٿو ٿنيون، ڌڪ ۽ لتون هڻڻ هن جانفشاني انسان جي گوڙ جون هيون. هڙهڙي حالت ڏسي رامداس هٿ ٻڌي پرنام ڪري هيئن چيو:-

اڙي رام! ڪيئن تنهنجو غريب ٻانهون هڙهڙي ماڻهن جي ڀيڙ مان لنگهي درشن پائي سگهندو؟ جو ضعيف ۽ آزات فقير آهي تنهن واسطي ڪو به رستو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

اڃا هن اهي لفظ چئي مس پورا ڪيا ته اُنوقت دروازي جي لنگهه واري گوڙ مان هڪڙو ڌڪو ۾ هنڻ نڪري هنجي ويجهو اچي هڪي هٿ کان وٺي پنهنجي سڄي طاقت لڳائي دروازي ڏانهن نيو. هن گوڙ جي ڀيڙ مان رستو ڪري واڙي رامداس کي ڀاڳسان گڏ لنگهايو. اهو سڀ ڄڻ سپنو پئي ڏسڻ ۾ آيو. رامداس کي اُنوقت سرير جي ڪائي سمڪ ڪانه هئي ۽ هُو سرڦ شڪتيوان رام جي ايشوري وصل ۾ مڳن هُو ٿي ويو. پوءِ مندر اندر هُو جڳناٿ جي وڏيءَ مورتيءَ اڳيان

ـخدمت روڪ کي مدون ڏئي ڀيڻيءَ نوڪري جهڙي ۽ رهڻي
الهن ڪري ٿو. اڙي رام! هاڻي ته اڻهيءَ ۽ ڪوشڪ ڪرڻي
ته اون ساوي سوشتيءَ جي دل قبول ڪم ڪرانس ٿو ، اُهن
کي ڀيڻيءَ اڇا آندوسار هلائس ٿو اڙي رام! اون ڀيڻين
پڳتن جو سچو اربعي آهين. ڀيڻيءَ ٻانهوي ڪان اَهي لٽائي نڌا
لين هن سان ڀيڻيءَ مهما ۽ اپار ظاهر ڪري. اڙي اُوڙتا!
وهي هلو. اهوائي وستو آهي جو رامداس ڀيڻيءَ دل جي
روس ظاهر ڪري ٿو.

هن تدي ۾ مضبوط آواز سان چيو ”ياءُ! هدن تي ڪ
نظر ڪر ته هن قسم جي حالت ۾ پنهنجي ويڪ جي حڪم
ڪو به وت ڀڪ اختياريءَ وارو ڪولهي. جي حڪم برابر خ
خدا جا دل ۾ اُتاريل سمجهيا آهن.“

ٽڪيٽ ڪلارڪ تاڪيد ڪيو ”اِن تنهنجي ڪم لاءِ اس
مٿين آفيسرن کي آگاه ڪندا سون ۽ توکي اُنهيءَ جو جوا
ڏيڻو پوندو.“

پوليس واري جواب ڏنو ”بيشڪ دوست، جي تنهنجي
رپورٽ ڪرڻ سان نتيجو اهو ٿيو ته آءٌ نوڪريءَ کان موقوف
ٿي ويندس، ته تنهنجي پرواه ڪاهي. آءٌ سڀني نتيجن واسطي
تيار آهيان. پر تون يا ڪو به ٻيو هن پرتويءَ تي هدن ساڌن کي
هن گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي.“

پوليس واري جي هن روش تي ڪلارڪ نهايت منجهي
پيو ۽ اسٽيشن ماسٽر ڏانهن ٻي نظر ڪيائين، گاڏيءَ چڙڻ جو
وقت پورو ٿيو هو. اسٽيشن ماسٽر گاڏيءَ کي نڪرڻ جو سگنل
ڏيڻ ۾ مشغول هو. سيٽ لڳي ۽ گاڏي ڇُوڇُو ڪري هلڻ
لڳي. ڪلارڪ تمام لاچار ٿي اُن گاڏي ڏانهن جتي ساڌو
ويٺا هئا گهُوري ڪري نهارڻ لڳو. اڙي رام! تنهنجو غريب
ٻالهون هن واقعي کي ڇا سمجهي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته جڏهين
تنهنجا سرُو شڪتيوان هٿ ڪم پيا ڪن تڏهين ڪو به اُنهنکي
روڪي نٿو سگهي. اڙي هن ساري سرشٽيءَ جا مهربان ۽
پريم روپ رکيا ڪندڙ! تنهنجو هڪ پيرو هٿ لاڻڻ هڪ پل ۾
سڄي سرشٽيءَ جي روش ڦيرائي سگهي ٿو. اُهو سا ڳيو پوليس
وارو جنهنکي ريلوي پليٽفارم تي بيهاريو ويو آهي ته ڪمپنيءَ
جا قاعدا پڙهڻ کان مسافرن کي روڪي سو ڇا ٿي ٻجهي اهڙا
سڀ قاعدا پڇي ٿو ۽ ٻن ساڌن کي جنکي ٽڪيٽون ڪونهن،
اِنهيءَ ڇاڻ هوندي به گاڏيءَ ۾ ويهاري ٿو ۽ تنهن ڪانسواءِ

ڪليڪٽر ٻنا ھنا اُتي پوليس واري وٽ ھِن ساڌن جو ڪيس اُنھن اڳيان رکي ڇڏيو تہ:-

”ھِن ساڌن کي گاڏيءَ ۾ چڙھڻ جي موڪل ڏيڻ گھرجي. ھُو انھيءَ جا لائق آھن. ھِن مان ٽڪيٽن لاءِ پيسا ڪٺا ڪيا آھن، انھيءَ رکي سگھجي ٿو. ماڻھو پيسا ھوڙن ساڌن جي ڪوچ نہ آھي جنھن ديوي ماڻھن جي آھي.“

اُنھن لفظن ريلوي آفيسرن تي ڪو بہ اثر نہ ڪيو؛ اُنھن ھيٺ پورو جواب ڏنو:-

”ٽڪيٽ ڪانسواءِ ڪنھن بہ گاڏيءَ ۾ چڙھڻ جي موڪل ڏيڻ قاعدي جي برخلاف آھي. تنھنڪري ھِن واسطي تنھن جي حڪم ملائڻ اچائي آھي. تنھن ڪانسواءِ اِھا ڳالھہ لوڪان وسري ٿي وڃي تہ پوليس وارو جو ريلوي ڪمپنيءَ ۾ ملازم آھي اُن لاءِ اِھو ڇوڙڻ اِھا اُصول جي برخلاف آھي.“

انھيءَ جواب پوليس واري کي تمام گھڻي چڙ ڏياري. ھن اِھو پڪو ارادو ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري ھِن ساڌن کي گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ جي موڪل ڏيڻ کورجي.

ھينئر گاڏيءَ ھلڻ جو وقت اچي ٿيو. مھربان پوليس وارو ڏاڍو بي آرام ھو. ھمون اکيون ٻرڻ لڳيون ۽ ھڪڙي جھڙي بہ بي پرواھيءَ جي جھلڪ اُٿي. ھُو ٽڪڙو ھڪڙي گاڏيءَ ڏانھن ڪوڙيو ۽ گاڏي جو دروازو کوليو ھِن ساڌن کي اشارو [illegible] تہ اندر گھڙو. ھِن اُنھن کيو جنھن ھمکي ڇڏيو ويو. اِھو [illegible] بہ تنھن. پر اِھو ڪم پريان ٽڪيٽ ڪليڪٽر ڏسي [illegible] دوڙي آيو.

[illegible] ساڌن کي گاڏيءَ ۾ گھڙڻ [illegible] حوش مان پڇيو. پوليس وارو جو [illegible] گاڏي جي بند دروازي اڳيان پھچي [illegible]

هڪڙو مهربان پوليس وارو

ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري رام، جو سيٺ جو پيارو پٽ آهي، جنهن ڏٺو تہ ساڌو ري ٻہ ڄڻ آهن لنهن هڪڙي ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي هرڪايو ۽ هينئڪي چوي تہ هڪڙي اسٽيشن جا "نيز وادا" ۽ "جڳن ناٿ" وڃڻ آهي اتي لهڻ. رامداس کي انهيءَ اسٽيشن جو نالو ياد نہ آهي. اسٽيشن کان ٻاهر اڪري هڪ شهر ڏي وڌيا ۽ ڪجهہ ڪاڌو ڪائي ٻاڻ کي تازو توانو ڪيائون ۽ شام جو ساڳيءَ اسٽيشن تي پوئين رات اٿي ڪاٽيائون. ٻئي ڏينهن ساڳئي وقت اُنهن کي گاڏيءَ کي رستو هو جنهن وقت اُنهن کي اُڃين ڏينهن لاٿو ويو هو. ڪيئن برابر ڪجهہ تڪليف سهڻي پيئي جا صرف ٻاهران ٻي ڏسڻ ۾ آئي ڇو تہ رام جا رستا ڳجها آهن. ٽڪيٽ ڪليڪٽر ۽ اسٽيشن ماسٽر ٻئي ٻڪراءَ تيا تہ انهن ساڌن کي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ نہ ڏجي. گاڏيءَ اچڻ تي جڏهين ساڌو گاڏيءَ ۾ تي گهڙيا تہ تڏهين ٻنهي آفيسرن پنهنجو فرض سمجهي اُنهن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو، جيتوڻيڪ ساڌو رام ڪيترو عرض ڪيو. پليٽفارم تي جيڪي مسافر هئا سي سڀ گاڏيءَ ۾ چڙهيا. فقط ٻہ ساڌو ۽ ريلوي آفيسر اسٽيشن تي هئا. ٽڪيٽ ڪليڪٽر ۽ اسٽيشن ماسٽر ساڌن تي ڪڙي نظر رکي تہ متان هو ڪسڪي گاڏيءَ ۾ نہ چڙهن. اڙي رام! ڪهڙو نہ عجب ۾ وجهندڙ آهين. گاڏيءَ چڙهڻ ۾ باقي ٿورو وقت هو جو هڪڙو ريلوي پوليس وارو ساڌن وٽ آيو ۽ چيائين تہ گاڏيءَ ۾ چڙهو. ٻہ ساڌو رام هن کي چيو تہ ٽڪيٽ ڪليڪٽر وڃڻ نہ ڏيندو. جتي اسٽيشن ماسٽر ۽ ٽڪيٽ

شڪل ۾ ٻڌايو ۽ سانجهي وقت بدن کي ڍڪڻ لاءِ سنهڙي ڪپڙي سان ڍڪيو جو ٿي فقط ونس هو.

هنڪي سڄي بدن ڍڪڻ واسطي اهو ڪپڙو نهايت ننڍو هو جيتوڻيڪ هن ٻيهجي اهڙي حالت هئي جو ٻهڙندا گوڏا ڪرونڊڙا ڪري اهڙو ڇڪيا جو سندس نڪ کي ٿي لڳا.

سادورام وري چيو "ننڊ ڪرڻ نا ممڪن آهي".

ويچارو غريب دوست. رام فقط هڪجي پلي لاءِ ٿي سخت آزمائش ولي وٺيو هو. رات گذري ويئي. صبوح جو سوير جڏهين ڏينهن ڦٽو ٿي لڏهيو تڏهن ڏڪندڙ سادوءَ رڪ ڏني ته هيٺئين ٽڪريءَ کان هوا لوهي. پر رامداس اشارو ڪيو ته باقي اڃا ٿي ميل اڳتي هلي سگهجي ته اوهيءَ آبشار وٽ هلي پهچو جنهنکي "پاپسيني" ڪوٺين ٿا.

عام طرح اهو لکيو آهي ته جو ڪو ماڻهو هن آبشار ۾ اشنان ڪري تو تنهنجا سڀ گناهه ڌوپي وڃن ٿا. اهوءَ ڪري اهو نالو پيو اٿس.

سادورام قبول ڪيو ۽ ٻئي هلا اڳتي وڌيا ۽ اچي انهيءَ ٻاٽيءَ ۾ اشنان ڪيائون جو زور سان ٽڪر تان هيٺ ٿي لٿو. جڏهين ته ڪاٺي ڏينهن جي ڪوٺي روشنائي هئي ليڪن هنڪي ٽڪريءَ مٿي چوٽي تمام چٽيءَ طرح پي ڏسڻ ۾ آئي. سندر نظارا ۽ ماٺرين جنجو اکين درشن ڪيو سي موهت ڪندڙ هيون اشنان پورو ڪري سادورام ٽڪڙو ٽڪريءَ تان لٿو ۽ پٺيان رامداس لٿو. سانجهين کان اڳي هو هيٺ شهر ۾ پهتا. سانجهي ڏينهن شام جو هو هڪڙيءَ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيا جا اتر طرف وڃي هئي.

اُنهيءَ مندر جي آڳنڌ ۾ باهه پي ٻري جنهنجي چوڌاري ڪي
ماڻهو ويٺا هئا. ڏڪندڙ سادو ڪڙا اُتي ويا ۽ اُنهن دوستن
جي وچ ۾ وڃي ويهي رهيا ۽ پنهنجا هٿ ۽ پير ڪوسا ڪيائون
رام سڀني تي مهربان هو. ٿوري وقت کانپوءِ مندر جي دربان
سڀ جيڪي باهه تي ويٺا هئا تن کي حڪم ڪيو ته اِهو هنڌ
خالي ڪري وڃو. ڇو جو اُهو وقت مندر جي دروازن بند
ڪرڻ جو هو. تنهنڪري سڀني کي بيحد ناراض ٿي باهه جي
پر چڏڻي پيئي. سادورام دربان کي عرض ڪيو ته اسان ٻن
ڄڻن کي مندر جي اندر رات ڪاٽڻ جي موڪل ڏي، جو عرض
قبول نه پيو. اِها سڀ اِڇا رام جي هئي. مندر کان ٻاهر اکرڻ
هئا زوردار ۽ نهايت ٿڌي هوا کي منهن ڏيڻ، جا تڪرن تي
پي لڳي. اُنوقت اولداهي هئي ۽ هنڪي رات جي آرام
واسطي ڪا جاءِ ڳولهڻي هئي. اُتي هڪ ڌرمسالا هئي جنهن
جڳهه جا تڪرا سڀ ڪليل هئا. تنهن هوندي به سادو هڪڙي
اکر ۾ لنگهي ويا ۽ وڃي نهي نڪي ويٺا. سادورام ٿڌ جي
ڪري ڪر ڪرڻ لڳو ۽ چيا نين ته:-

”سوامي! اڄ رات لنگهائي جو وڃا ر ڪرڻ ناشدلي آهي.
ٿڌ اسانکي ذرو به جهونڪو ڪرڻ نه ڏيندي“.

رامداس جواب ڏنو ته ”پاڻ ڏايو سٺو. سمورو وقت
رام جي پيرن ۾ لڳائي سگهجي ٿو. جو پيرن آهي اُلهيءَ سرڏ
شڪتيوان ۽ سرڏ ٻرپر روپ هستيءَ جو.“

سادوءَ چيو ”اِهو توهان واسطي صحيح آهي پر منهنجو
اِهو خيال آهي تــه ڏينهن ڦتندي ئي اسانکي هتان نڪري
هلڻ گهرجي. هتي هن حالت ۾ هڪڙي رات به ڪاٽڻ تيندو
پاڻ کي بند مثل سڃا اُٿو“.

رامداس جو رام جي ڌيان ۾ ردل[1] هو تنهنڪان ڪو به
جواب نه ملڻ تي سادورام ليٽي پيو ۽ پاڻ کي مروني 8 جي

ٽروپٽي

بياس جو جٽن اچي جبل ٽان لهي رامداس سڌو سٽيشن تي ويو ۽ اُتي هڪڙي ٽرين ڏسي جو پليٽفارم تي سواءِ ڪنهن روڪ جي آيو ۽ گاڏيءَ ۾ گهڙيو. ٿورن منٽن کان پوءِ گاڏي هلي. گاڏي ڪهڙي ڪيڏانهن ٿي هلي ويئي؟ اها خبر ليکڪ سان هن جو ڪو واسطو نه هو. رام ڪڏهين به پُل نٿو ڪري. هن ۾ پورن وشواس آهي. پورن سلامتي ۽ سڀ کان سٺي سونهپ آهي. گاڏي ڪٿهڙي جنڪشن تي بيٺي. هتي رام هڪڙي هڪڙي ٻئي ساڌورام سان واقفيت ڪرائي جو هن جو سولهون ٿيو. هن ڪيس ٽروپٽي وڃي وڃڻ جو انجام ڪيو جنڏانهن گاڏي هلي رهي هئي. اڙي رام! تنهنجي شڪتي اڪٿيق هردم پنهنجيءَ طرح تنهن ڪم ڪري. ٽنهن ساڌورام ۽ هن ٻنهي گڏجي مسافري ڪئي ۽ برابر وقت تي ٻئي ٽروپٽي لٿا. ڪجهه ڪاڏو جو مهربان ساڌورام نا هو هو، سو ڪاٽي پاٽڪي تازو توانو ڪري ٽروپٽي ٽڪريءَ طرف پنهنجا قدم کنيا ٿون. هن ٽڪريءَ جي پٿر واريءَ ڏاڪڻ تي چڙهڻ شروع ڪيو. اُها اُچا مٿي، مٿي مٿي ٽبج واري جبل تي پي چڙهي. گهڻت ۾ گهڻت سو ڏاڪا چڙهي ساڌو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي انڪل اٺين بجي شام جو پهتا. تنهن کان پوءِ هڪڪي ڏري ڀت تي، مبل سڌي رستي ٽان هلندو پيو. چاندوڪي رات هئي ام گهٽي ٿڌ هئي. جيئونڌڪ ساڃهي وقت رام جي ام گهٽي هئي.

اُتي کان ٿورو اڳي هڪ ننڍو بالاجي مندر ۾ پهتا.

گھاري. مھربان ساڌو رام ھڪي روز مٿي ٽڪريءَ تي آيا
شھر ۾ جتي ھُو بکشا وٺڻ لاءِ ايندو ھو، بيو ڳڌبو ھــو. آخر
اھو ڏينھن ۾ آيو جڏھين ھڪي رام جو حڪم مليو تہ اِھا
جڳھہ ڇڏ. ڪيڏاھن؟ سا خبر رام کي.

اُجهل ڇڪ جا هن اُنهيءَ دوست واسطي مخصوص ڪئي سو اُنهيءَ واسطي ته جيئن رام جي جهلڪ مخهس ڏٺي. "اڙي راما! تون آيو آهين، تون آيو آهين". اِنهيءَ خيال ڪري سان رامداس هن ڏي ڊوڙيو. ڪڏهن ڪڏهين هو وڻن ۽ ٻوٽن کي جي غار جي ويجهو اُڀريل هئا، ڊوڙي وڃي اُنهن کي ڀاڪر پائيندو هو. رام سڀني پاسن کان پيو ٽهڪي ڇڪيندو هو. اڙي راما! واه ٿڌڙي جوري ۽ ٻرابري ڇڪ. اڙي راما! تون ٻرابر آهين، روشني ۽ آنند آهين. اِنهيءَ طرح هن غار ۾ پنهنجا ڏينهن گهاريا.

ڪاڏي واسطي صبح جو جبل تان لهي شهر ۾ ويندو هو، دور دور تان پئي آئي جي مهربان ماڻهن کان پنهنجي لنڊڙي اوني ۾ مٺ ڄانورن جي وٺندو هو. جڏهن اوتو اورو اَڌ کان مٿي ابر هوندو هو ته مونيءَ غار ۾ ايندو هو ۽ ڪجهه سڪل لڪڙيون ڪلبون ڪري ساڳئي اوني ۾ چانور رڌيندو هو. پاڻي ته ميسر هوس. هڪڙي لنڊي نندي، جنهن جو صاف ۽ شيشي جهڙو چلڪندڙ پاڻي هو سا غار جي ڀرسان وهون واريءَ ٺڪريءَ تان هيٺ پئي وهي. اُنهيءَ لنڊيءَ ۾ روز اشنان ڪرڻ سان هو نهايت تازو توانو ٿيندو هو. اُهي اوبارل چانور سواء لوڻ يا ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي هو ڪو الهڙ لاءِ کائيندو هو ۽ فقط ڏينهن ۾ هڪڙو ڀيرو کائيندو هو. اِنهيءَ سادي کاڌي ۾ هن سان ڀيرا ٽيهه لاءِ ڪي اونڙا غار ۾ اپدا هوا. وقتي ٻي ڊپالي سدس هئن مان ڪسي کا نندا هوا. اُنهن جي سنگت رامداس لاءِ ڏاڍي خوشيءَ جو باعث هئي. روز هو انهن کي ۽ ٽڪرن ۾ ٻيو ڦرندو هو.

ي ٻرواه ۽ بي خيال ٿيو رام جو! اُجها سڀ طرح اصل
ي ۽ آنند واري خيالي هئي جا هن جبل جي خلوت ۾

غفا

هاڻي رامداس رام جي چوٽيءَ تي ڪجهه وقت ايڪانت ۾ رهڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ ساڌو رام اڳيان اها اڇا رکي. ساڌو رام ته هر دم هن جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تيار هو. هو رامداس کي جبل تي وٺي ويو جو وڏي مندر پٺيان هو. مٿي اُتاهين تي چڙهي هن کي گهڻيئي غارون ڏيکاريون. اُنهن مان هڪ ننڍو غار هن رامداس لاءِ چونڊيو جو هن پڻي ڏينهن والاريو. اُهيءَ غار ۾ هن اٽڪل روءِ هڪ مهينو رام جي ڌيان ۾ لڳايو. اهو پهريون ڀيرو هو جو رام هن کي ايڪانت ۾ پنهنجي پچڻ لاءِ وٺي ويو هو. هيئر هن ڏاڍو آنند محسوس ڪيو ڇو ته هو آرام سان رام ۾ لين ٿي سگهيو ٿي. هو سچ پچ چوڻ کان ٻاهر آنند جي سمنڊ ۾ ٻڏي تڙڳيو. رام جو سچي آنند جو جهرڻو آهي تنهن ۾ من لڳائڻ سان ئي سچي خوشيءَ جو اُپاءُ ٿئي ٿو.

هڪڙي ڀيري ڏينهن جو جڏهين هو رام جي ڌيان ۾ محو هو تڏهين غار مان ٻاهر نڪتو ۽ ڏٺائين ته هڪڙو ماڻهو غار جي منهن کان ٿورو پري بيٺو آهي. بيهوشيءَ ۾ هو هنڌي ڏوڙيو ۽ پنهنجي زوردار پاڪر ۾ هن کي جهليو. رامداس جي اِن روش اُن پيغل دوست کي اصل ڏپچاري ڇڏيو جڏهن سمجهيو ته هڪڙو چريو اهڙي قسم جي حالت هلي رهيو آهي ۽ اُهيءَ ڪري ڏنو ته هو مونکي نقصان رسائيندو. اُئين سچ آهي ته هو چريو هو، پر اُهو رام لاءِ چريو هو، پر اها اڻ جوڪا ٿي چريائي هئي جا اُن ماڻهوءَ پوءِ محسوس ڪئي. اها

مھا رشي ھو. ھن جو آشرم ”لرووئملاڻي“ جبلن جي اري ۾ ھو. اھو ھڪاڻيں ٻڪ سان ٺھيل ھو. ٻئي ملاقي آشرم اندر گھڙيا ۽ مھمت کي گڏيا ۽ ھن جي ٻولر چرڻن ۾ ڏنڊوت ڪيائون. جنھي سمت رھبل ھو اُھا جاءِ سچ پچ، ڏاڍي برڪت واري ھئي. ھوُ جوان ھو ۽ شانت روپ ھو ۽ ھنجي وڏين اکين ۾ پريم جي ٻُولر لھار ھئي، جنھن مان جادوءَ ڀريل سانت ۽ آنند پئي نڪتو. اُھن گڏن واسطي ٿي ڪيترا ماڻھو ھن وٽ آيا ٿي. رامداس کي ھر ٻيئي ۽ سمت الڪرڙي جاڻي. لھون ڪري ھن عرض ڪيو ته:-

”مھاراج! ھتي تھھنجي اڳيان ھڪڙو لماڻو باٺو بيٺو آھي. ھن تي رحم ڪر. ھنجو فقط اھو عرض آھي ته ھن ۾ اون پنھنجي برڪت وجھ.“

مھا رشيءَ پنھنجون سندر اکيون رامداس ڏانھن ڪري ڪي ممت ڏيان سان ھنجي اکين ۾ نظر ڏري جنھن ته ھوُ رامداس لي اکين دتاران برڪت وجھي رھيو ھـو. پنھن جو ڪنھ انھن ڏوڻيا ٿئن جنھن جيا ٿين پئي ته مون برڪت وڌي آھي. رامداس جي دل ۾ جوش ڪان ٻاھر ھڪ آنند جي اٿڙائي. ھنجو سڄو بدن انھن ڏنڻ لڳو جنھن گل جو ٻن ٿڌيءَ ھوا ۾. اڙي رام! تھنجو ڪھڙو نه پريم آھي. ساڏورام ۽ رامداس مھاتما کان موڪلائي سرناڻي جي جاءِ تي موٽيا.

جو انسپيڪٽر ٿي خوب وسڪارو ڪيو. ڪيترو به رامداس همکي شانتي ڪرڻ لاءِ چيو پر هن جي زبان جي لڪي روش بند نه ٿي. همکي پڪ ڏنائين ته اِها رام جي اِڇا هُئي ۽ تنهنڪري ڪرڪڻ جو ڪو به سبب ڪونهي. پر هُو لڏهين به ناهي ناهي گاريون ڏيندو هليو. گارين ڏيڻ ۾ هُو پڪو هو. ميل کن مٿان ملي تائين ته ساڌورام جي ڪاوڙ ڪا نه لٿي. آهستي آهستي هن ماٺ ڪئي، شايد هن ونان گارين جا لفظ کپي ويا هئا يا خالي همت جي ڪري ائين ڪيائين؛ شايد ائين به هجي ته رام جي سچي حرفت هجي ته رامداس جي آزمائش لهان ته هُو سندس هلايل رالد ۾ شامل ٿئي ٿو يا نه! رام کي ئي فقط اِها خبر آهي ۽ هُوئي فيصلو ڪري سگهي ٿو.

پانڊيچري شهر کان اٽڪل چار ميل هلي ساڌورام رات جي آرام ڪرڻ واسطي هڪڙي دوڪان جو ورانڊو چوليو جو دوڪان بند هو. سوير صبوح جو هُو "ترويا ملير" جي مسافريءَ لاءِ روانا ٿيا جتي هُو ٻي ٻجي منجهند جو پهتا. هتي پهچي ساڌورام ڏاڍي پريم سان هنجي اهڙي سڀال ڪئي جو جڻ هنجي سڳي ماءُ هئي. اِهو سڀ ڪم رام جو هو جنهن جا رستا برابر سان پيرايل ۽ ڳجها آهن. ٻئي ڏينهن گاڏي ساڌن کي "ترووناملائي" وٺي ويئي. اُتي ساڌورام پنهنجي هڪڙي واقفڪار سوناري جي گهر رامداس کي وٺي ويو. سونارو ڀڳت هو. هن ٻنهي ساڌن تي زور رکيو ته سندس مهمان ٿين. ساڌن قبول ڪيو. ڪجهه ڏينهن رامداس هن دوست جي گهر ۾ بند ڪيل ورانڊو پنهنجي ڌيان ۽ آرام واسطي والاريو. روز صبح ۽ سانجهيءَ جو هُو ساڌورام سان گڏجي مهاديو جي وڏي مندر ۾ ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن مهربان ساڌورام اُتي جي هڪڙي مشهور مهت جي درشن واسطي وٺي ويو. جنهن جو نالو "راما"

ھٿاڻ واسطي وٺي ٿو ھلي. رامداس ڇيو تہ پوليس جي سپاھيءَ سان ھلجي ۽ آئينده رام جي ھٿن ۾ چڙھجي. انڪل اڌ ميل پنڌ ڪرڻ کانپوءِ پوليس اسٽيشن تي پھتا ۽ پھچڻ سان مڙني ھڪڙو ڏٺو وچينءَ عمر وارو ماڻھو ڏاڍو جھڙو جو ڇھرو شوخ ھو ۽ مڇون ڇڳيون مروڙيل ھئس. ھن ڪجھ شوخيءَ سان ڇيو پر ھوءَ سمجھي نہ سگھيا ڇاڪاڻ تہ ھن ضرور فرينچ ٻوليءَ ۾ چيا ھوندا. رامداس انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو پر انھيءَ ماڻھوءَ جو پوليس انسپيڪٽر ٿي ڏٺو تنھن موٽ ۾ گھوُر ڪري نھاريو ۽ ڏيکاريائين تہ جڻ ھن انھو ڳالھائڻ ڪونہ سمجھيو. تنھن کانپوءِ ھن ۽ ساڌو رام جي وچ ۾ ٽامل ٻوليءَ ۾ گفتگو ھلي. پوليس انسپيڪٽر جيڪي ڇيو تنھنجو انھو مطلب ٿي نڪتو تہ ساڌن کي فقط ٻن ڪلاڪن جي مھلت ڏنائين تہ ھوءَ شھر ڇڏي وڃن. تنھنجي ساڌو رام چيو تہ ويھہ ميل پڪساھيءَ پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، اڄڪلهه تہ ٿوا سڀن کي ڪجھ آرام کھرجي. ھن رات ڪاڻ واسطي شھر ۾ رھڻ ڏيڻ ڪيو ۽ اُنان سوڀل صبوح جو نڪري وڃڻ لاءِ ٻڌايو.

انھيءَ جواب تي انسپيڪٽر راضي نہ ٿيو ڪوڙ نيو ۽ ڏسڻ ۾ ائين آيو تہ ھڪي ٿوري چڙ لڳي آھي. ھن اڪڙو ڪجھ ڳالھايو ۽ سندس آکيون ٿي ابريائن ۽ سندس ھٿن شوخيءَ ۾ مڇون ٿي مروڙيائن.

آخر ٻن ڪلاڪن جو مدو گھٽائي ھڪ ڪلاڪ ڪيائين ۽ چيائين تہ جيڪڏھن ھڪ ڪلاڪ انھيءَ ڪمرجي پوري تہ ڪندا تہ ڪين انھيءَ ڪري سزا ڀوڳڻي پوندي. جيڪي ھندو چيائين تنھنکي ڪٿي ٿا ھي ڳالھين جو مصداق ٿي ڳالھائين. ساڌوءَ فقط ھيائي ٻڌائڻ لاءِ رامداس تي زور رکيو تہ اڪڙو ھيءَ شھر ڇڏيون. ويچارو غريب انسپيڪٽر جي لفظن تي ٻڌجي ويو ۽ چڙ نہ لڳس. پوليس ٿاڻي کان ٻہ چار پارڊ پري ھلي ڳالھين

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڇهين اُٿڻ کان اڳي ٻئي ڀائر ٻيهر پنڌ روانا ٿيا ۽ پانڊيچريءَ ڏانهن ويا. منجهند وقت اٽڪل ٢ ٻجي پانڊيچري شهر جي ٻاهرانءِ پسگردائيءَ ۾ پهتا. هتي جي اها خاصيت آهي ته شهر جي لنگهه وٽ ٻنهي پاسي هڪ ٻئي کان ٿورا وال پري تاڙيءَ جا دوڪان آهن. شهر ۾ گهڙي اُهن پڇا ڪئي، اُنهيءَ گهر يا آشرم جي جتي سنت اروندوگهوش رهندو هو. ڪجهه وقت رلندي هُنن کي هڪ دوست شاهي محلات جو دروازو ڏيکاريو جنهن جي اندر سادن کي ڇيو ويو ته سنت هت رهيو پيو آهي. اندر گهڙي رامداس ٻن جوان بنگالين کان (جي جاءِ جي لنگهه وٽ ٽهل ڪونين مان هڪڙيءَ ۾ رهندا هئا) پڇيو ته سنت سري اروندوگهوش جو درشن ڪري سگهجي ٿو؟

اُنهيءَ جي جواب ۾ اُنهن مان هڪڙي جواب ڏنو:

"سائين افسوس. جيئن ته سري اروندوگهوش حجري ۾ آهي سو جيڪو سال اچڻو آهي تنهن ۾ ڪنهن سان به ڪين ملاقات ڪندو".

رامداس تڏهين عرض ڪيو ته هڙي مها پرش جي فقط درشن ڪرڻ سان آءٌ راضي ٿيندس.

اهو به عرض قبول نه پئجي سگهيو. اها سڀ رام جي اڇا هئي. تنهنڪري هو ٻاهر آيو ۽ سڄي حالت سادو رام کي سمجهايائين جو ٻاهر ترسيو پيو هو. اُنهيءَ وقت هڪڙو پوليس جو سپاهي اُتي آيو جتي سادو بيٺا هئا. اُهن وٽ اچي اُنهيءَ حاضر ناضر سپاهيءَ چيو:

"توهانکي پوليس ٿاڻي تي ڪوٺ ٿي آهي. توهانکي منهنجي پٺيان هلڻو آهي".

اُنهيءَ تي سادو رام ڏاڍو ڊنو ۽ رامداس کي پاسيرو ڇڪي سس پس ۾ چيو ته شايد پوليس وارو اسانکي ڇڪيون

پانڊيچري ۽ تروونملائي

وقت سر ڪروپا ڀليس پهچي ويا ۽ ساڌورام رامداس کي پنهنجي جهوپڙي ماتت جي گهر وٺي ويو جتي ورانڊي ۾ هن رات ڪاٽي. ٻئي ڏينهن صبوح جو ساڌورام هنکي ٻه چار ڪپڙ ڏيکاريا ۽ وڃي ڀکيا وٺڻ لاءِ صلاح ڏني.

مهربان دل واري ساڌورام چيو "ڏس مهراج! پنهنجي ترپي ۽ ڪپڙ واسطي پئسا ڪٿان. رواجي ڪاڌو ته سولائيءَ سان ملي سگهي ٿو، پنهنجي ڪاڌي لاءِ پئسا ڪٿان؟". رامداس کي هڪڙيءَ گهٽيءَ ۾ وٺي ويو جن جي ٻنهي پاسي ڪپڙ ڳنڍل هٽا جي وڪڻڻ جا هٽا.

ساڌورام چيو "ڪور گهر ۾ وڃ، اهي شايد ڪجهه ڏيئي. مان پنهنجي واسطي ٻيءَ ڪنهن لي ڪوسندس".

رامداس جو پنهنجي سوامي جي حڪم موجب ٻي هلڻو پيو. انهن ڪيو جئين کيس ڏسيو ويو. اڪثر چوڻ گهرن مان ٻئي هٿ ٽامي ۽ ٻين سڪن سان ڀريا ۽ سڀ هن ساڌورام کي ڏنا، جنهن ڳڻي ڏٺو ته ڏهه آنا هئا.

ساڌورام ڪاوڙ ۾ چيو "پنهنجو رام سچ پچ ڏاڍو مهربان آهي. اهي پئسا ٻه ڏينهن هلندا".

ڏينهن جي عرصي ۾ پانڊيچريءَ جي ڳالهه نڪتي جا رام کي خبر پيئي ته فقط وسد ميل "ڪروپا ڀليس" کان پري هئي. هنجي من ۾ خواهش اڀري ته اتي وڃي سري اروبندو گهوش جو پيهگاڪي وڏو سنت آهي پنهنجو درشن ڪريان. ساڌورام سان اها خواهش ظاهر ڪيائين جو هڪدم ساٿس شامل ٿيو.

هتا ئين جو هنجو مطلب نه هو ته هنکي خبر پوي. اوچتو هنجي دل ۾ ڦيرو آيو ۽ ٻئي ڄڻا هنجي چرڻ تي ڪري پيا ۽ پنهنجن "ڪتن لفظن" واسطي، جن لفظن کي اُنهن اڻ سمجهو هو، معافي گهري. اُهيءَ کانپوءِ هُو ياڦيرل ۽ مهربان ٿيا. هُن پڇيو ته ڪجهه، اوهانکي ڪاڻ واسطي کپي؟ هنکي ڏاڍهين ياد گيري آئي ته هن سڄي ڏينهن ۾ ڪجهه به نه چکيو هو ۽ اها پنهنجي حالت هن صفا وساري ڇڏي هئي. ڏاڍهين هن ٻنهي دوستن کي چيو ته هُو فقط ميوي تي گذر ڪري رهيو هو ۽ خوشيءَ سان ڪجهه، اُنهنجو دان قبول ڪندو. اُنهن سو ٺهين ساڌو رام سان صلاح ڪري هن کي ڪجهه، پئسا رامداس جي ميوي خريد ڪرڻ لاءِ ڏنا. رام جي رستن جي جاڻ نٿي پوي. هُو پورن برهمي ۽ پورن دياوان آهي.

جٽي ٻٽي کي انگريزيءَ ۾ چيو (اُهي پاليون نه سمجهن سامهون
ويٺل سپاهي انگريزي ٻولي نه ڄاڻي):

اسان جي سامهون ويٺل سپاهيءَ کي چڱيءَ طرح جاچ ۽
مونکي اعتبار ڪر نه ٿيءَ اُهي سپاهين مان آهي جي ڀڪا
ننگ آهن. هي شخص فقط پنهنجي ڪڌران ڪرڻ لاءِ هيءُ لباس
ورلو آهي. هيءُ ڀڪو ننگ ۽ مسخرو آهي.

اِها راءِ ٻٽي جٽي کي ڏاڍي پسند پيئي. جنهنجي ٻڌ
غريب رامداس پاڻ اِها راءِ هئي. پر ڪجهه چيائون جو
حاضر ٿاڏيءَ جي ٽڪ ٽڪ ڪري پورو سمجهي نه سگهيو. اري
رام! توهن ڪيڏو نه مهربان آهين جو رامداس کي اُنهيءَ ٺڳ
آڏو انهي جتي هڻ پاڻي اڙڙيءَ طرح ٽيڪا ٻڌي. چڙ اچڻ
بدران هنجي ڪليو ڳالهائڻ ڪري هن لئي برڪت وجهڻ لاءِ
هن رام کان دعا پني. وڏيڪ رامداس اُنهن دوستن جي شڪر
گذاري ڪرڻ کان پاڻکي روڪي نه سگهيو ۽ هٿ ٻڌي پرنام
ڪري هيئن چيو:

اري مهربان دوستو! رامداس کي وڏي خوشيءَ سان
قبول ڪرڻو پوي ٿو ته جيڪا راءِ توهان هن بابت ظاهر ڪئي
تنهن سان پوري طرح شامل آهي. اهو برابر سچ آهي ته هو
ننگ آهي. هن سپاهيءَ جو لباس اُنهيءَ واسطي پهريو آهي
ته هن کي کڌر گذر واسطي اُنهيءَ دواران ملي. پر هڪڙي
ڳالهه جا توهين هن ۾ ڏسو ٿا سا اِها آهي ته هو رام واسطي
مست آهي ۽ هردم هو هنکي ياد ڪري ٿو ته هنکي صاف
ڪري فقط رام واسطي ئي جيئي ٿو. انهيڪا سواءِ هنجي لاڳاپي
راهه ۾ رام ڪيس ٻولڻ ڪرڻ واسطي هن آيرت لئي وڃي هلي ٿو.

هن گفتي دنهي دوستن کي عجب ۾ وڌو. نه اُنهن جي
عقل لئي ۽ اُنهيءَ خبر ٿي ته هيءُ رولو سپاهي انگريزي
سمجهي نه سگهيو ۽ هنکي هڏن ريمارڪ ڪيا سي سمجهيا

ٽروپا پليٻر جي مسافري

اسٽيشن کان ٿورو پنڌ پري هڪ وڻ هيٺ ڪي ڏيڳ
ٻڪرن جا ٻيا هئا. رامداس اُتي وڃي اُنهن مٿان چڙهي ويٺو
۽ رام جي ڌيان ۾ لڳي ويو. منجهند لڳهي ويئي هئي جڏهين
ٻي گاڏي اچي پهتي. رامداس اُتان اُٿي پليٽفارم تي ويو.
هنکي ڪنهن به هن وقت روڪ ڪا نه ڪئي جا ڪاڻ ته هن جي
مسافريءَ لاءِ هيءَ ٻي گاڏي صحيح هئي. اُتي هنکي هڪڙو
ساڌو گڏيو جو يڪدم هن واسطي ساٿي اٿيو. رام هنکي ٻهو
سولهون ڏٺو. ٻئي گاڏيءَ ۾ گهڙيا. تڏهين ساڌو رام کي ڏايو هن
جي سفيال لاءِ اونو ٿيو. پڇيائينس ته ڪيڏانهن هاڻ جي مرضي
اٿو. رامداس اُنهيءَ سوال تي منجهي پيو. سچ ته اهو ٿي هو
ته هنکي خبر نه هئي. جواب ڏنائين:

"رام کي خبر آهي ۽ جيئن ته رام توکي منهنجو سولهون
ڪري موڪليو آهي تنهن، توکي ٿي خبر هئڻ گهرجي تنهن، ڪٿي
وري هلجي".

ساڌو رام تڏهين چيو ته: "چڱو آءٌ توکي ٽروپا پليئر
ڏي وٺي ٿو هلان ۽ اُتان وري ٻروو املائي ۾".

رامداس جواب ڏنو "جيڪا تنهنجي مرضي. تون رام
آهين. رامداس تنهنجي پٺيان جتي تون ويندين اُتي هلندو".

هاڻي گاڏي ٻي هلي. رامداس جي سامهون واريءَ
جڳهه تي انگريزي ٻڍهيل ۽ نوجوان هندو ويٺا هئا. پنهي
ساڳئي ٿي وقت پنهنجي سامهون عجيب ۽ اڏول سنياسيءَ يعني
رامداس ڏانهن گهور ڪري نهاريو. انهين اُنهن مان هڪڙي

[illegible] . د اصل ثم [illegible] . [illegible] تا سواه [illegible] بالكي [illegible]
[illegible] [illegible] وارلي [illegible] [illegible] مداو وتو [illegible]
[illegible] [illegible] بل [illegible] بات [illegible] . استنتن [illegible]
[illegible] ذلو ل [illegible] نولن [illegible] آدي بو اڤا [illegible] ل [illegible]
[illegible] آلي آدي . [illegible] تي وجي . [illegible] دوواي
ذاتي ولدو . [illegible] ومرني [illegible] لي [illegible] [illegible]
[illegible] [illegible] [illegible] بجول لوكي [illegible] تا سواه الدو [illegible]
[illegible] . وارجي اڤا اڤا [illegible] . وارجي [illegible] ل [illegible]
[illegible] نولن [illegible] [illegible] . [illegible] اڤا تاذي آدي [illegible]
[illegible] [illegible] وامداس [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]
[illegible] لي [illegible] [illegible] .

وري دوست پڇيو ته مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته ڪهڙي قسم جو ڪاٺو اوهين ڪاٽيندا آهيو؟

رامداس چيو ته ”مهرباني. ٽريون“.

هڪدم دوست اُٿي گم ٿي ويو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ هو ڏزن ٽرين جو وٽي موٽيو ۽ رامداس جي اڳيان رکي ڪيس ڪاٽڻ واسطي زور ڪيائين. اري رام! منهنجا رستا حيرت ڀريا آهن. ڪاٺو ڪاٽي اُٿيو ته ٿميلان جنهنکي رام پنهنجي اماڻي داس جي گهر جن پوريون ڪرڻ لاءِ موڪليو هو تنهن وري رامداس کي چيو ته منهنجي پٺيان اچو. هن مندر جي لنگهه تي ٨ آنا ڏنا جا اندر گهڙڻ جي في ٻنهي واسطي هئي ۽ هن کي مندر ۾ اندر وٺي ويو. پوتر مورتين جو درشن ڪرائي هنکي اندر سڄو مندر ڏيکاريائين. هڪڙي خاص ڳالهه اها هئي ته: مندر جي ڇت سون پٽرن سان ڍڪيل هئي. رام جو هن کي سواءِ ڏنو هو سو مٿس ڏايو مهربان هو. اُنهيءَ رات مندر ۾ عاليشان ٽولي جي پوڄا هئي!! سرگس ٻه هو جنهن ۾ هزارين آدمي شامل ٿيا. جڏهن پوڄا سرانجام ٿي تڏهن آڌي رات ٻه گذري چڪي هئي. ٿميلان دوست هڪڙو هند رامداس جي رات ڪاٽڻ لاءِ هٿ ڪيو. اِتي رامداس کي ٻڌايائين ته مان هتي هڪڙي وڏي شهر مان تيرٿواسي ٿي فقط پوڄا ۽ سرگس ۾ شامل ٿيڻ واسطي آيو هوس ۽ منهنجي مرضي آهي ته سوير صبوح واريءَ گاڏيءَ ۾ موٽان ۽ مونکي هن ٿوري ئي وقت ۾ توهانجي سنگت مان گهڻي برڪت ملي آهي. رامداس جي دل چوڻ ڪان باهر پرجي آئي. رام جي مهربانيءَ جو بيان

چوڏهون باب

مهيني جو وچ جڏهن ڪڏي "چمن اوم" اسٽيشن تي
پهتي. اُتي لهي رامداس پلٽنان جو ڪان ٻاهر نڪتو. هاڻي
هيڪي ڪوه سونهون نه هو. رام هيڪي ٻار مثل اٿاو هو. هيءَ
من ۾ ڪا وٽ نڪو خيال ٻئي دم لاءِ هو؛ ٻر اوهو هميشه لاءِ
هڪڙو رام ني رام جي خيال ۾ لڳل هو. هن کي ابرتواسي
شهر ڏي هلڻ ڏنا ۽ سندن پٺ ورلي. مڏيان ڪال جو هؤ
چمن اوم جي مندر جي حد تي پهتو. هؤ سڏو مندر ڏي
وٽ ۽ و ابر اندر وڃي نه سگهيو چو جو چا ر آنا ڏنڻ کا سواءِ
ڪنهن کي ۾ اندر وڃڻ نه ٿي ڏنو وڃي، جا اندر گوڙ جي ٻي
هئي. هن وٽ نه پائي ۾ هئا هئي، ٻر اهيءَ جو ڏک نه ٿيس.
هؤ ڪڍي، وقت مندر جي حد ٻاهر هيڪي قتل ڪڍيون هون
آن ۾ ڊوڙو ۽ مندر جي ڪڍڻ تلاوڻ مان هڪڙي تلاءُ تي اشنان
ڪري هڪڙي وڏي پٿر تي اُس ۾ قتل ڪان جي ايڪانت واري
هند وڃي ويٺو. اُن مهل اُتي هڪ اڪيو هو. رامداس جو
"رام جپ" ۾ هؤ هو تهن پنهجي ننڍڙي ڪوٽڙي ڪتان
جي ڪولي "ٻاٻوس گيتا" ڪڍي پڙهڻ لڳو. اڃا ڇهه سلوڪ
مس پڙهيا ته هڪڙي مطوط تعبلين کي ٻاڻ ڏي ايندو
ڏٺو جو سندس ڀر ۾ اچي ويٺو.

هن چيو "مهراج! مونکي خبر ڏيو ته توهان اڄ
ڪٿي کا ڏٺو آهي؟"

رامداس چيو "— [illegible] رام مهر ڪري ٿو. اوا ڪراهي.
ڏڪاڻ جو خيال [illegible]. دوست تون يادگيري ڏيارين ٿو".

رامداس کي ڇهو ته راميشورم ۾ سو نهون تي هلڻ وارو فرض پورو ٿيو. مولڪي موڪل ملي ته آءٌ اوهالڪان جدا ٿي پنهنجي گرو آستان ”راجا مندر گدي“ ڏي هلان. سڀ وقت سادورام هنني ڏايو مهربان هو ۽ سيني مسافرن ۾ هر طرح هنجي ٻاڪل پيار ساڻ پي سنڀال ڪيا ٿين.

هڪڙيءَ جنڪشن اسٽيشن تي هن رامداس کي ڇڏيو.
ا ٿين ڪرڻ کان اڳي هن رامداس کي ٻڪ ڏني ته ٽرين هنکي
”ڇدم برم“ ۾ وني تي وڃي جو هڪڙو مشهور مندر آهي.

ٽڪرن جي وسعت، ڏورا ويا ۽ آئي پوري وقت تي پهتا. ”مينا ڪشيءَ“ جو مندر وڏي ۽ سندر عمارت آهي. جنهن ۾ سنگتراش پنهنجي سموري ڪاريگري ڏيکاري آهي. جنهن جي ڪد جهڙيون ڏولائتيون شڪليون پٿر جي ٺاهيون آهن، انهن تي اکيون جو ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته جڻڪ آهي انهن مان جسم کي جهلي لاءِ پاهر نڪتل آهن. پاري جي هيٺان جي آهي ۽ آهي ايامن لاءِ نپگس آهي جهلي سگهن ٿا. پوري ۾ چنجهي ته هن جو ڏيک سڀ کان سندر آهي.

آئي رامداس وري سوامي گوولنانند کي گڏيو جو رامسورم ۾ هن تي ڏاڍو مهربان هو. هن رامداس کي ان سنتن سان مندر جي لنگهه هي هڪڙي پاسي ويٺل ڏنو. ڪل ساڌو رام، رامداس جو سواگت سمجهيو هو ۽ رامداس هن جي پيرن کان پلٽي ماري ويو هو. تنهن ۾ ساڌو رام جون نگون رامداس جي سر کي ٿي لڳيون. هڪدم سوامي اُٿيءَ لي روندل ڪرڻ لڳو ۽ ساڌو رام کي ڇاڳاڻ لي هو ته رامداس سواميءَ کي چيو:-

”مهاراج! مهرباني ڪري ساڌوءَ کي نه اُٿاريو هو ٺهريءَ لئه م آهي.“

”سواميءَ ... ڪري هو. ڏس هو لوکي لتون پيو هڻي. ماڻ اهو ڏسي ... سگهان. اها حالت توهر شمن جي چوريءَ کان اهي ... آهي.“

رامداس ... ”سوامي جي! اها حالت ... هو رامداس ... هو رام آهي. سو ڪهڙو ... ڪو ...“

... چيو ته ... کي سمجهڻ واسطي مونکي ... هي تيمکي ... سو سمجهان. تنهن ڏينهن ... تان ... ڪرڻ کان آئي هن

مدورا

رامداس راميشورم ۾ ڏيهن رهيو. ساڌورام هار
جي رت ڏئي هڪ اسٽيشن تي وٺي وايو. اُنهيءَ ڳاڏيءَ
چڙهيا جا اڃا ٻري ڏکڻ ڏي هلي. اُهي هڪڙي هند پهتا ج
ڌنشڪوڏي ڪري سڏبي آهي. هتي رهڻ سان ساڌورام
اهو سولهون جهڪي رام مهرباني ڪري ميسر ڪري ڏا
هو سو سمنڊ جي طرف هلندو رهيو ۽ رامداس جو هميشه رام جي
ڌيان ۾ مشغول هو تنهن هنجي ٻئي ورتي. رامداس معلوم پئي
ڪيو ته مان سڀني ۾ هلي رهيو آهيان. رام ئي فقط هنجي ساري
ڪوجنا، سارو خيال ۽ سارو مقصد هو. ڳالهه ڪندا آهن تـ
"سيتو" يا پل جا سري رامچندر لنڪا جي دوري تي ٻڌي
هئي اُها فقط ٻه ميل اُتان سمنڊ جي ڪناري تي هئي. واريءَ
واري رستي جي اَڌ تي سنهي بوند ميهن جي شروع ٿي. تن
جي مدد هئي. اُڪڙا تورا هئا پر رام جي ديا ۽ مهر ڏاڍي
گهڻي هئي. اُنهيءَ واريءَ جي اصل سڌي ڏکڻ ۾ اُن اڪيل
نڪر تي ٻيهي اشنان ڪيو.

وري رامداس ۽ ساڌورام هڪڙي ننڍڙي ويجهي مندر
۾ ويا جتي هنن کي ان ساڌن جو درشن ٿيو جي اُتي هميشه لاءِ
رهندا هئا.

هاڻي ڌنشڪوڏيءَ ڏانهن موٽندي هو
هڪڙيءَ ڌرمشالا ۾ آيا جتي ساڌورام، رام ۽ پاڻ واسطي
ڪجهه کاڌو تيار ڪيو. هن وقت رامداس فقط ميوو ۽ سواءِ
مرچ ۽ لوڻ جي کاڌو کائيندو هو. هڪڙو ڏينهن هتي ترسي اُٿي

ڳووندآنند جن لي مهربان ٿيو.

سواميءَ چيو ته مان ٽهليءَ جي شري سڌرڏ سواميءَ جي مٺ جو آشيان ۽ رامداس کي نيهڊ ڏنا ٿين ته ٽهليءَ جي شڙواڙيءَ جي جلسي ۾ شامل ٿيءَ، جو جلد اُيٺو هو.

رامداس يڪدم اُتي ساڌورام کي چيو ته، رام جي مرضي آهي ته اسين هتي لهون. اسٽيشن تان پنڌ ڪري اچي شاهي رستي تي آيا. اُتي ساڌورام اسپيڪٽر جي اُنهيءَ حالت تي ڪرڪيو. جنهن تي رامداس چيو:-

"ڀائي! اسين سڀ وقت راميشورم ڏي ٽرين رستي مسافري اِتنا ڪري سگهون. تيرٿن تي پيران پنڌ وڃڻ گهرجي. پر ڪيئن به ڪري رام مهربان ٿي اسان لاءِ هيستائين ٽرين ۾ وٺي آيو آهي. اسان لاءِ راميشورم ۾ پهچڻ لاءِ فقط ڇهن ميلن جو ٿورو پنڌ ڪرڻو آهي. اِها رام جي اِڇا آهي ته اهو مفاصلو پنڌ ڪري هلون. ڀائي خوشي ڪر."

تدهن کانپوءِ ٻنهي هلڻ شروع ڪيو. جڏهين اُهي ٻه ميل ڪيا تڏهين رام هنومان هڪڙو حجام گڏايو. جنهنڪري رامداس منگلور مان روانو ٿيو تڏهان کان هن ڪا به حجامت نه ڪرائي هئي. تنهنڪري هن سنياسين واڱر پنهنجي ڏاڙهي، مڇون ۽ مٿو ڪوڙايو. جتي هو راميشورم کي ويجهو پهچندا ويا، ته اُهي آيا هڪڙي رستي جي پر ۾ تلاءَ تي جنهن کي "لڪشمڻ ڪنڊ" ڪري سڏيو آهي. اُنهيءَ تلاءَ تي سنان ڪري هو ٻين لڳين تلاوَن وٽان لنگهيا جن جا ٻيا ٻيا نالا هئا.

نيٺ رام پنهنجي قدمن جي مهڙ راميشورم جي مندرن ڏي ڪٿي. مندر ڀاري عمارت هو. حيران ڪندڙ آڱڻ، ورانڊا ۽ لنگهه، جي پوڄا جي هنڌ وٺي وڃن ٿا تن ۾ پاڻجي وڃي ٿو. جڏهين ساڌو سڀ کان پوتر آستان (ڏيوري) جي ويجهو آيا تڏهين دل کليل هو. راميشورم جي پوڄا شاندار ڪريا ڪرم سان هلي رهي هئي. اري رام! سڀ ڪيرتي تنهنجي آهي. اُنهيءَ وقت اُن پوتر هنڌ خوشيءَ واريون لهرون رامداس جي روح ۾ اُٿيون. هتي هُو ڪن مهاتمائن سان گڏيو جي اُتي تيرٿ ياترا ڪرڻ آيا هئا. اُنهن مان سوامي

راميشورم

سولهن کي هڪدم قبول ڪيو ويو. رامداس کي اُنهيءَ وقت اٽڪل ٩ روپيا هئا جي هن ساڌورام جي ڀلي ڪيا ۽ اُن ڪري پاڻکي آزاد سمجهيائين. پئسا ڪٺا آهي ڳڻتي ڪٺا، جڏهن آهي پئسا گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائين ٿا. ساڌورام کي پئسا ڏيڻ جو اشارو ڪيو ته روپيه آڻي پر مٿانئس سڀ اُنهن غريبن کي ڏيڻ جي مددن جي دروازن وٽ بيکيا پيئي رهيا آهن ۽ اها خواهش ساڌورام عمل ۾ آندي. هاڻي رامداس اڳي کان وڌيڪ پورلتا سان رام جي مدد لي ني ڀاڙيو. هو ڪپڙا ۽ ٿورا ڪتاب، اهي هئا دنيا ۾ هن جي سڄي ملڪيت. هو ساڌورام سان گڏ روانو ٿيو جيئن ڪي رام ونس سوالون ڪري موڪليو هو. هو هڪڙي ريلوي اسٽيشن لي ويو ۽ اُتي هڪڙيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهيو جا راميشورم لي ويئي. ٽڪيٽ نه ورتي ويئي. رام ني ٽڪيٽ ۽ سيڪٽير ڏنو.

جڏهن وقت رامداس ريل ۾ هو سو هن رام جي ڌيان ۾ لڳايو. گاڏي هلندي رهي تان جو اچي هڪڙيءَ اسٽيشن لي پهتي جا ٦ ميل راميشورم کان پري هئي. اُتي هڪڙو ٽڪيٽ ڪليڪٽر اُنهيءَ گاڏي ۾ آيو جتي رامداس ۽ سندس مهربان سونهون ويٺا هئا. ٻين مسافرن جون ٽڪيٽون ڏسڻ کانپوءِ هو ساڌن وٽ آيو ۽ رڙ ڪري چيائين ”ٽڪيٽس، ٽڪيٽس“ جواب ڏنائون ”اري ڀاءِ! ٽڪيٽون ڪونهن اسين ساڌو آهيون“.

”ٽڪيٽن کانسواءِ هن کان پري، مسافري نه ڪري سگهندا. پوندو“ انسپيڪٽر چيو.

ٻچڻ لڳو ته رامداس ڪوڙي پاسي وڃي ويٺو هو. اُنهيءَ سوال جو
جواب هو ته اصل ڏيئي نه سگهيو. رام ٿي ڏيئي سگهيو ٿي.
جواب نه ٻڌي ساڌوءَ رت ڪئي ته هو رامداس کي راميشورم
۾ وٺي ويندو جتي هو پاڻ ويٺو هو.

هي رام، تنهنجي ديا نهايت گهڻي آهي. پنهنجي محتاج
ٻالڪ جو سوال هون تنهن واسطي تو هڪڙو ساڌو موڪليو آهي.
چونه آءٌ هيڪي خود رام ٿي سمجهان ۽ نه ڪو ٻيو.

وقت ٻوقت رامداس ساڌن کي گڏيو. جي نه فقط هيڪي
ٻيرن کي وٺي ٻي ويا پرهن جي هرطرح سنڀال پي ڪيا ٿون.
اهي سڀ رام جي اِڇا موجب ”ساڌورام“ جي نالي سان
ڪوٺيا ويندا.

ٿيو. اهي جوان ساڌو جن ڀڳتيءَ اڳيان ڪِرڻ وڃايو هو ڏسي لڳا ته اهيءَ ئي فقط ٽي پئسا پيا هئا. سڀ دان اهيءَ ڏينهن واسطي ايترو مليو. نا اميديءَ جي ڇوڙي سان اهي چيو:-

صبح کان وٺي اسين ڀڳوان جي مهما ڳائي رهيا آهيون ۽ هن اسان کي فقط ايترو ڏنو آهي. هڪ به پيٽ ڀاءِ ڪو نه ٿئي. اڄ ڀڳوان اسان کي کاڌو ڪيئن ملندو؟ تنهنجو ته او صبح کان وٺي هيل تائين فقط ٽي پئسا لڌي چا؟

اهيءَ سوال جو جواب رامداس هڪدم ڏنو: ائين نه آهي. توهان تي ڀڳوان جو ملهه ڪٿي لڳو سگهجي. ڀڳوان هميشه مهربان ۽ پريم روپ آهي. هڪ هن ئي ٻاڙين تائين ڪي هو ڪڏهين به نه وساري. رام اڄ ڀڳتيءَ لاءِ ٻاهر دکيارن، توهان جي اڄ جي کاڌي واسطي پئسا ڏنا آهن.

ائين چئي هن ساڌن جي هٿن ۾ جيڪي پئسا هن وقت اهي وقت هئا سي (هڪڙو روپيو) ڏنا. غريب ساڌو عجب ۾ پئجي هن ڏي نهارڻ لڳا. اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون. اهي پڪار ڪري چوڻ لڳا:

اي ڏاتي تنهنجا عجب ۽ وجهندڙ رستا آهن. معافي بخش ڀڳتي نالائق ٻالڪن کي هن تو ۾ ۽ تنهنجي پريم ۾ شڪ آندو. آئينده واسطي اسان جي پرارٿنا قبول ڪر ته اسين توکي ڪڏهين به ڏوهه نه ڏيون ۽ تنهنجي ٿالي صدقي سڀ دک صبر سان سهون.

ساڌو تنهنجا اهو آلاپ ڪندا ويا. رامداس ڀڳتي اوتي ماڻ ... ٻاهون لڌيون. اهي ننڍڙا سڪا ڏسي رامداس جي دل خوشيءَ ۾ نچڻ لڳي. اها پورهيي ڪمائي هٿي سندس پکيا جي. اهي سڪن سان هن ننڍڙا ڪپڙا خريد ڪري ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ پوڄ ڪئي. اهيءَ وقت اهيءَ ساڳي لاڌن ۾ جيڪو به هو ويندو هو، هڪڙو اهو ساڌو سندس ساٿي پاسي هو ۽ مٿي جا ٿاٻل سندو هن جي ڪني پاسي هئا. هٿي اهو ساڌو هن وٽ اچي

پڇڻ لڳو ته رامداس ڪهڙي پاسي ويٺو هو. اُنهيءَ سوال جو
جواب هو نه اصل ڏيئي نه سگهيو. رام ٿي ڏيئي سگهيو ٿي.
جواب ۽ ٻڌي ساڌوءَ رت ڪئي ۽ هو رامداس کي راميشورم
پروني ويندو جتي هو پاڻ ويٺو هو.

هي رام، تنهنجي ديا نهايت گهڻي آهي. تنهنجي محتاج
ٻالڪ جو سوالهون تنهن واسطي تو هڪڙو ساڌو موڪليو آهي.
ڇوته آءٌ هينئر خود رام ٿي سمجهان ٿو ۽ ڪو ٻيو.

وقت بوقت رامداس ساڌن کي گڏيو. جي نه فقط هينئر
پير ٿن کي ولي ٻي ويا پر هن جي هر طرح سنڀال ٻي ڪيا ٿون.
اهي سڀ رام جي اڇا موجب "ساڌو رام" جي نالي سان
ڪوٺيا ويندا.

لڳو. اهي جوان ساڌو جن پنهنجي اکيان کپڙو وڃايو هو ڏسڻ لڳا، انهيءَ لاءِ فقط ٻي ڀڪشا پيا هئا. سڀ ڏانهن انهيءَ ڏيهن واسطي اتي ورتو ملهو. ته اميديءَ جي ڇهري سان انهن چيو:-

صبوح کان وٺي اسين ڀڳوان جي مهما ڳائي رهيا آهيون ۽ هن اسان لئي فقط اتي ورتو ڏنو آهي. ڪڪ پر پيٽ پاهه ٿو ٿئي. اري ڀڳوان اسان لئي کاڌو ڪيئن ملندو؟ تنهنجو نالو صبوح کان وٺي هيل تائين فقط ٿي ڀڪشا لهي ٿا؟

انهيءَ سوال جو جواب رامداس هڪدم ڏنو: انهن ته آهي. توهان لئي ڀڳوان جو ملهه ڪيتري اتو سگهجي. ڀڳوان هميشه مهربان ۽ پريم روپ آهي. جيڪي هن لئي پاڻ ٿا ان کي هو ڪڏهن به ڪو وساري. رام اڄ پنهنجي اما ٿي پا انهي دنارن، توهان لئي اڄ جي کاڌي واسطي ڀڪشا ڏنا آهن.

انهن چيئي هن ساڌن جي هٿن ۾ جيڪي ڀڪشا هن وٽ انهي وقت هئا سي (هڪڙو روپيو) ڏنا. غريب ساڌو عجب ۾ پئجي هن ڏي نهارڻ لڳا. اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي پيون. اهي پڪار ڪري چوڻ لڳا:

اي ڏٺي تنهنجا عجب ۾ وجهندڙ رستا آهن. معافي ڪش پنهنجي نالائقي جا لهن کي جن لو ۾ ۽ تنهنجي پريم ۾ شڪ آندو. آئيندہ واسطي اسانجي پرارٿنا قبول ڪر ته اسين توکي ڪڏهن به ڏوه نه ڏيون ۽ تنهنجي ناتي صدقي سڀ دک صبر سان سهون.

ساڌو تنهنجا اهوءَ آڏان هليا ويا. رامداس پنهنجي لونئي ماں ٿ پاٿون لڏيون. اهي لنڊڙا سڪا ڏسي رامداس جي دل خوشيءَ مرتا ڏيڻ لڳي. اها پهرين ڪمائي هئي سندس پکيا جي، انهن سکن سان هن ته لنڊڙا ڪهلا خريد ڪري ڏاڏيءَ خوشيءَ رهن ڪهو. انهيءَ وقت انهيءَ ساڳي لانڊن ۾ جهون م هو وڃو ؛ هڪڙو لنو ساڌو سندس ساڄي پاسي هو ۽ مٿي جا تائيل ڏوهه جي کپي پاسي هئا. ها ٿي اهو ساڌو هن وٽ اچي

سري نگر

اٿين جنم ۾ لڇمڻ حياتي جي زوردار خوشي هن کي را
جو منڙو ٻرام مخصوص ڪرايو. رامداس جي جالفشاني ڪند
آتما شانتيءَ ۾ آئي. دل جو گوڙ ختم ٿي ويو. انهن ئي ڏسڻ ۾ آيو
ته رام پنهنجا هٿ سندس ٻانهن تي رکيا آهن. رام آشيرواد
ڏني آهي. اڄي ڳوڙها لڙهيءَ چوڪاري جي اڄ خوشيءَ ۾
وهي هليا. دک، درد، گهٽتي ۽ ڳوڙها سڀ گم ٿي ويا جي وري
ڪڏهين به نه موٽندا. رام اهو تنهنجو پرتاپ آهي. اهو وڏو
فضل رام ڪيو. آءٌ توکي پنهنجي اجهي هيٺ رکان ٿو ۽ تنهنجو
سواهون ٿيندس. هميشه لاءِ منهنجو ڀڳت ٿيءُ. تنهنجو نالو
"رامداس" ٿيندو.

هاڻ ڪيڏو نه اوچو پد آهي رام جو ڀانءِ ٿيڻ،
جو رام پورڻ پرم، پورڻ مهروان،
پورڻ دياوان ۽ پورڻ معافي ڏيندڙ آهي.

هاڻي هو هڪڙيءَ ڌرمشالا ۾ آيو جا نديءَ جي لڳ
هئي ۽ ڏٺائين ته ڪي سادو آڳند جي پٽ تي رستي جي
سامهون ويٺا آهن. اهي ڪنجهن ۽ ڪناري سان رام
ڀڄڻ ڪرڻ ۾ مشغول هئا. اهي رام جو نيجوان نالو ڳائي
رهيا هئا. هيءُ ٻه پلڪ ماري ان جوان سنياسين جي ڀر ۾ ويٺو ۽
پنهنجو لوٽو جو هن ڪڇيءَ ۾ هٿ ڪيو هو پنهنجي سامهون
ٻين ٿواسين کان هڪيا ماڻ لاءِ رکيو جي سڃان ڪرڻ ڪاڻ آلان لڳا
ٿي. ان جوان ڀڳتن جو ڀڄڻ سچ پچ ڏايو مٺو هو. وقت نهايت
فرحت ۾ گذريو. انڪل روءِ ٻارهين ٻجي منجهند جو ڀڄڻ پورو

(١) جيڪا حياتي جن کا ٻوٽو اصل سري وارجي ڌيان ؛
شيوا پر ارپڻ ڪندس.

(٢) سڄي عمر جوڀ اختيار ڪري سهڻي زال کي ماءُ
سمان سمجهندس.

(٣) جيڪي ٻڪريا با دان مليو ڏهڻي سڀ جي پالنا ڪندس
۽ انهن ان کي کاڌو کارائيندس.

شهر ڏي هليو. سمورو وقت منگلور کان وٺي سڀني رستي ۾ هن رام جو منتر پئي اچاريو. هو انهيءَ کي اٿئي وساري سگهيو. رام نام جي اچارڻ هن کي پئي هلايو ۽ خوش رکيو. رستي جي ٻه ۾ هڪڙي گهر جي ورانڊي ۾ رات جو وقت آرام ڪري، صبوح جو پهرين پهر هو سري رنگم جو اٽڪل ٧ ميل ٽرچي کان پري هو تنهن لاءِ روانو ٿيو. هو اٽڪل اٺين بجي اتي پهتو.

هتي رامداس کي رام جي مطلب جي ڳجهه جي خبر پيئي ڇو ته هن اڳين حياتيءَ ۽ اوسي پاسي جي وايو چڪر مان هن کي ڇڪيو. اهو مطلب هو ته هن کي ٻاهر مندرن ۽ ندين جا تيرٿ ڪرائي. سري رنگم ۾ ڪاويري ندي پنهنجي پورن جل سان سندر نظارن وچ ڌيري وهي رهي هئي. هن اُنهيءَ نديءَ جي صاف پاڻيءَ ۾ سنان ڪيو. هن ڪاويري ندي جي ڪناري تي رام جي حڪم سان سنياسيءَ جو لباس پهريو. اهو ڀاري قدم هو جنهن جي کڻڻ ڪري رام هن کي اصل نئون جنم ڏنو. جيڪي اڇا ڪپڙا هو اڳي پهريندو هو سي هن ڪاويري نديءَ کي ارپڻ ڪيا جا اِهي ڪپڙا پنهنجي تکيءَ وهڪ ۾ کڻي وئي. اُن بعد هن گيڙو رنگ جا وستر پهريا ۽ پنهن جي سموري سمرٿ شڪتيءَ سان هيٺين پرارٿنا ڪئي:-

اي رام! اي اپار پريم- سڳڻي دکيا ٿن جا رکيا ڪندڙ ڌڻي، فقط تنهنجي خواهش موجب تنهنجي ٻانهي هر ڪجهه هيءَ سنياس ورتو آهي. تنهنجي نام جي صدقي اي رام هن سنسار ڇڏيو آهي ۽ سڀ بندن ۽ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا آهن. اي رام تون پنهنجي غريب ڀڳت تي مهر جي برڪت وجهه. شال رامداس کي تنهنجي طاقت همت ۽ ايمان عطا ٿئي ته هو تنهن جي نالي سان هيٺيان انجام پاڙي ۽ سڀ آزمائشون سڀ قسم جون تڪليفون سهي جي هن مٿان سنياس جي مارگ ۽ فقيريءَ واري سخت ۽ جوکائتي حياتي ۾ اچي ڪڙڪن:-

سنياس وٺڻ

صبح واري گاڏي رامداس کي "منگلور" مان وٺي سا اچڻ جو "اروڊ" پر لاٿو هو هڪڙو ريلوي جنڪشن آهي. هن پاڻ سان ٢٥ روپيه کنيا هوا ۽ ٿورا ڪتاب جهڙوڪ گيتا ۽ نيو ٽيسٽيمينٽ ۽ ٻيا. اروڊ پر هن جڳهه پاڻ کي محتاج سمجهيو جو آئينده لاءِ لڪا هئس ڪابه رقم اڪو وڃار. هن کي خبر نه هئي ته رام هن کي ڪٿي ٿي ليو. هو اهي هند ڪجهه وقت ترسيو ۽ جڏهن اراده ٿي ته هو هڪڙيءَ لنڊيءَ ۽ اصل جهوپڙيءَ جي ويجهو ويو ۽ اهيءَ جي لنگهه پر هڪڙي وچينءَ عمر واري زال ڏسي اُن کي عرض ڪيائين ته موکلي ڪجهه کاڌو ڏي. اُها ديا وان مائي هڪدم ان جو آدر پاءِ ڪري جهوپڙي ۾ وٺي ويئي ۽ هنکي ڪجهه چانور ۽ ڏڌ کارايائين. اها مائي بلڪل مهربان هئي. ڏاڍيءَ تڪليف سان هن کي سمجهايو ويو ته هن جيڪو کاڌو ڏنو هو اهيءَ لاءِ ڪجهه پئسا قبول ڪري.

جهوپڙي ڇڏي هو اسٽيشن ڏي ويو. هڪڙي ڪنڊ ۾ ليٽي هن ڪجهه وقت آرام ڪيو. هنکي خبر نه هئي ته ڪاٿي ڇا ڪريان ۽ ڪيڏانهن وڃان. آڌي رات گاڏيءَ جي اچڻ جو گهنڊ لڳو. هو اُٿي کڙو ٿيو ۽ پهچندي اڳيان هڪڙو ٽڪيٽون ڏنائين جنهن هن کان هلڻ بابت پڇا ڪئي. رامداس اهيءَ جو ڪجهه به جواب نه ڏيئي سگهيو. رام کي ٿي سندس آئنده جي خبر هئي. اُتي هن دوست رامداس سان الهام ڪيو ته مان اُڇنا پوليءَ وڃڻو آهيان ۽ توسان اوستائين هلندس. هنکي پئسا ڏنا ويا ته هو رامداس جي ٽڪيٽ خريد ڪري ۽ ٻئي ٽرين پر چڙهيا. ساڌيهن ... ڙي اُڇنا پوليءَ اسٽيشن ٿي پهتي. اسٽيشن تان لهي هو

ٽڪڙو پنھنجي زال کي جنھنکي رامداس ڪجھہ وقت کان پيرڻ
ني نظر سان ڏسندو ھو ۽ پيو الھيءَ مهربان دوست کي جنھنسان
ام ھنکي سيني قرض کان ڇڙائڻ لاءِ ملايو ھو. ھن
اڪوارادو ڪيو ۽ صبوح جو پنھنجي ابجي ھن دليا سان موڪلائي
ڪٺي جنھنجي ڇڪ ھيٺر گم ٿي چڪي ھئي ۽ جنھنبر ھن ڪجھہ
ٻہ اڻتي پنھنجو سمجھو. تن ۽ من ۽ آلما ھن رام جي چرڻن ۾ ڏريا.
رام جو اڪال روپ ھستي ٻہ ٻہ ۽ دڀا سان ڀريل آھي.

—

پر قران. ھاڻي رام ھن کان "لائيٽ آف ايشيا" جو ڪتاب
کولايو جو ڪ انهيءَ وقت ھن وٽ ھو. ھن ھي اکين اڳيان آھي
ھئا آيا جڏھن پرڀو جو وڏو ليا ڳيت وران ڪيل آھي.

ھاڻي اوھو وقت آيو آھي جڏھن پرآءٌ
ھيءَ سوار ليڊ ھالو جڏھن پر منهنجي دل
يا اڄ آھي اوھو "سچ" ڳولهڻ لاءِ ڦٽو
ڪريان، جو ھن ڪالهوءَ منش جي ڀلي واسطي
پيو ڳوليندس جيسين "سچ" لڀندو.

ساڳيءَ طرح رامداس "نيو ٽيسٽيمينٽ" کوليو جڏھن مان
شيڊمان لفظ عيسيٰ مسيح جا لکتا:-

ھر ڪ ماڻهوءَ جڏھن منهنجي صدقي پنهنجو
گھر، يا ڀائر، يا ڀينر، يا پيءُ، يا ماءُ، يا
زال، يا ٻار، يا زمينون ڦٽيون ڪيون آھن
تنهنکي سوڻولي ملندو؛ اھو جڏھن ماڻيندو.

ٻوڙي ساڳيءَ طرح "ڀاڳوت گيتا" (جو وچار ڪري)
کوليائين ۽ ھنيون سلوڪ پڙھيائين:-

سڀ فرض ڦٽا ڪري اڪيلو اچي واسطي
موٽ اچ. ڏک نہ ڪر آءٌ توکي سڀني
پاپن کان ڇوٽڪو ڏيندس.

رام اھڙيءَ طرح نہ وڏن اولادن پڻ، ڪرائيسٽ ۽
ڪرشن، ٻنھي وارن آئون ھي ملئين لفظن پر ڳالهايا ٻوءِ ايهو سڀني
اوھو ماڻهو رستو وڃائڻ جو ٻتايو. ھڪدم رامداس سڀ ڪم
ڇھڻان ھن جي سڀني اندر آستانين پيار ھو ڦٽو ڪري جو پڪو
ارادو ڪيو تہ رام جي صدقي انهن ڪريان ۽ سماري دنيا
ڇڏيان. انهيءَ وقت ھو ڏايا سادا ڪپڙا پهريندو ھو
ٽڪڙو ٽڪرو ھن ھي منٿيچ ڀاڳي ڪي ڍڪڻ لاءِ ھوس ۽ پيو ھو
ڀاڳي پنهنجي وڙھڻ لاءِ. ٻئي ڏينهن ھن اھي ٻئي ڪپڙا
ٻيلي ولگ مرسنگايا ۽ ساڳيءَ راھ ھن نہ ھٽ لکيا.

ويراڳ

هاڻي رام هن سوڙهي سنسار جي ڦاھ مان پنهنجي داس کي ڪڍيو اهي واسطي نه هنکي وڏي سنسار جي ساگر جي سر ويلومي جيون پر وڃهان . پر رام کي خبر هئي ته رامداس کي ايڏو وڏو ساگر ترڻ واسطي طاقت ۽ همت گهر جي جنهنجي ملڻ واسطي رام جي مرضي هئي ته هن ڇسي ۽ بي آزمودگار پاڻهي کي سخت انتظام واري رستي مان لنگهايان ۽ پنهنجي ٿي لطر هيبت هلايانس ۽ مدد ڏيانس . تنهنڪري هڪڙيءَ رات جڏهن هو رام جي منهي ڏالي جپڻ پر ردل هو تڏهن رامداس کي ڇڪ ڪري هينئين ويچار پر وڌائين .

او رام جڏهين تنهنجو پاڻهون توکي اهڙو طاقت وارو ۽ پر پر ڪندڙ سمجهي ٿو ۽ جو توپر لشڪو رکي ٿو تنهنکي تون سچي شانت ۽ سچو سک پڪ سان ڏيئي سگهين ٿو نه پوءِ ڇو نه هو پاڻ کي پيهو تنهنجي دنيا جي ڇران پر آڇلي جو فقط تڏهين تي سگهي ٿو نه هو سڀ ڪجهه جنهنکي "پنهنجو" سمجهي ٿو تنهنکي قربو ڪري . تون ٿي پنهنجي پاڻهي واسطي سڀ ڪجهه آهين . هن دنيا پر تون ٿي فقط رکيا ڪندڙ آهين . اوهي ماڻهو گمراه ٿيل آهن جي چوندا نه "آءٌ هي ۽ هو ڪريان ٿو ، هيءُ ۽ هو منهنجو آهي." هي رام سڀ تنهنجو آهي ۽ فقط تون ٿي سڀ ڪم ڪرين ٿو - تنهنجي پاڻهي جي فقط اها ئي پرارٿنا آهي نه تون ئي فقط هنجو سچو هلائيندڙ ٿين ۽ هنجو "ماڻهون" ڪيئن .

اها پرارٿنا هن جي قبول پيئي . رامداس اولهو ساه کنيو - هڪڙي جهڪي خواهش هن جي من پر اڀري نه مان سڀ ڪجهه تياڳ ڪري فقيراڻي لباس پر هن دنيا پر رام جي کوجنا

مدد ڪندو هوس. لڳهڪري هو جي ٽوورلي وقت دنيا جي ڪمن مان واندو ٿيندو هو ته اهو رام جي ڌيان ۾ سندس ٽائو ڇهوٽ ۾ لڳا ٿيندو هو. ڪڏهن ۾ گهڻو وقت ته "رام رام" پيو چوندو هو. رامداس جي دنيا جي ڪمن ڏي ڇڪ وڃي گهٽ ٿيندي. هن رات جو رام جپ ڪري فقط هڪ ٻه ڪلاڪ ڪندو هو. ڪپڙن ۽ ٻين جي سوال ڦٽي ڪري هو ڪنڌ ٻاهر لڳو. هندن جي بدران هو فقط ٿڌو ڪم آڻيندو هو. ڪاڌو ته ٻن ويلن مان گهٽائي هڪ ڪيائين جو ته ٿوري وقت کانپوءِ ڇڏي ڏنائين ۽ اوباريل ٻنائن لي رهيو. موج ۽ لوڻ اصل ڪم ته آڻيائين سواءِ رام جي هڪڙي ڪا به ٻي لذت اتي آئي. رام جو ڌيان هلندو هليو ۽ ڏينهن جي ڪلاڪن ۽ دنيا جي فرضن مان ته اهي واسطا ڪي ٻچايا ٿين.

اهڙيءَ حالت ۾ ڪجهڙي ڏينهن رامداس جو پيءُ جنهن کي رام موڪليو هو سو ونس آيو ۽ پاسيرو ڪوٺي هڪڙي رام منتر جو اپديش ڏنو "سري رام، جئه رام، جئه جئه رام" ۽ ٻڌ ڏنائين ته جيڪڏهن هو اهو منتر هردم اچاريندين ته رام توکي هميشه ايار خوشي بخشيندو. انهيءَ پيءُ جي سکيا هڪڙي اسين هڪا اٿوه "گرديو" جي اطرسان ڏسنداسون جيڪياسوءِ حر لڪڙو آلميڪ واڌارو ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن رام هنجي من کي ٽارو بندر هسوءِ ڪرشن جي "ڀاڳوت گيتا" ٻڌ اولار جي "لائيٽ آف ايشا" جيسن ڪرانيست جو "ليوٽسنميت" ۽ مهاتما گانڌيءَ جو "ينگ انڊيا" ۽ "ائيڪل ريجن" پڙهندو هو. اهو ٿيڙو رام پڳتيءَ جو ساو اهڙيءَ طرح اڇليءَ جهڙي وانو چڪر ۾ پليو جنهن وانو چڪر جو اثر اهڙن مهاتما پرشن جو لماڻي رامداس جي من ۾ ٿيو. انهيءَ وقت آهستي آهستي اهو خيال ان جي من ۾ اڀرڻ ٿيو ته رام ئي فقط "سچ" آهي ۽ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي. ۽ جڏهن جڏهن هڪڙي مهل دنيا جي شين جي ماڻهن جي لذت مان اڪري گهٽجي ويئي لڳن لڳن "مان ۽ منهنجو" خيال ته هن مان لهي ويو ۽ هٽ ۽ لاڳاپن جو هوش گم ٿيندو ويو. سڄو خيال، سڄو من ۽ سڄي دل ۽ آتما هن رام جي ڌيان ۾ لڳايون. رام ئي هر جڳهه مير سمايل ڏٺو.

جانفشاني ديکشا

انڪل روءِ ٻه سال رامداس هن دکہ ڀريل دنيا جي
ڳٺين ڳوچهرن ۽ دردن ۾ پئي هٿوراڙيون هڻيون. اوهو
خوفناڪ دل جي بار ۽ بي آراميءَ جو وقت هو. اهڙي حالت
پاڻ سان پاڻيهي ڪجهي ٿي. اها اصل ارپڻا جي حالت جا
سڄي پيڙا سان ڀريل ٿئي ٿي. جوڪارو ڪٿان ملندو؟ ڪٿان
آرام پائبو؟ اها رامداس جي دل جي دانهن هئي. اها
پڪار آڳهي ۽ آڪاس واڻي ٿي ته "اميد اِ لاهه! موٽي
ڀروسو رک ۽ تون آزاد ٿي". اهو آواز رام جو هو. اهي
هميشه ٿيندڙ لفظ رام جا الهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ جو ڳجهندڙ سمنڊ
جي طوفاني لهرن ۾ حيالي ٻچائڻ لاءِ پيو هٿوراڙيون هڻي
هڪڙي قسم جو نسخو ثابت ٿيا. اهي رام جي پڪ، جنهن
مينهن جي سڌهين ٻوند جا پياس ڀريل ڌرتيءَ لي پئي تار آڻي
ٿي، ساڳيءَ طرح الهيءَ دکيل دل لوڀل رامداس جي من ۾ تار
وڌو. الهيءَ ڪالپوءِ هو ڪجهه وقت جو اڳي فقط سچوتي ڏنيوي
ڪمن ۾ لڳا نيندو هو سو وقت رام جي ڌيان ۾ لڳايو، جنهن الهي
وقت هن کي سچي شانتي ۽ شفا بخشي. آهستي آهستي رام
جو ٻرام جو شانتي بخشيندڙ آهي وڌڻ لڳو. جيترو گهڻو رامداس
رام ۾ ڌيان ڌريو ۽ سندس ناڙو ڌيايو اوترو گهڻي شفا ۽ خوشي
محسوس ڪئي. راتيون جن ۾ دنيوي ڪمن کان ڇٽل رهجي ٿو
سي درجي ٻدرجي هن فقط هڪ ٻن ڪلاڪن جي آرام ڪرڻ سان
باقي رام جي ڀڄن ۾ لڳايون. هنجي رام ڀڳتي نڪڙي نڪڙي
وڌندي وئي. ڌيهن جو جڏهين پئسي جي تنگي ۽ ٻيون
مشڪلاتون اچي ڪڙڪنديون هئس ته رام او چتي اوڙي ۾ اچي

۾ وسي رهيو آهي. اهڙيءَ اسٿتيءَ ۾ ڏڪار جا جدائي (ڪشٽ) جي جاڻ سبب پيدا ٿئي ٿي سا اڪري وڃي ٿي ۽ ان جي بجاءِ حق جي هيڪڙائي محسوس ڪرڻ سبب هر چيز لاءِ پريم پيدا ٿئي ٿو. اهو ايشوري پريم آهي. اهو ايشوري پريم اسين تڏهين ٿي حاصل ڪري سگهنداسين جڏهين پاڻ کي اتر ڀٽو ۽ لما ٿو ڪريون جو پهچڻو آهي، خودي ۽ الڳ هستي ڀڄي وڃون. جڏهن اسين ان پدويءَ تي پهچون ٿا تڏهين اسين ايڪتا ۽ پريم جي جا ڳسل سوجهيءَ سان ٽن پدن جا سڀ لاڳاپا قربان ڪري مٿش حاليءَ ۽ پنهنجي جيون جي ٻلي لاءِ رهون ٿا جي سڀ الهيءَ ٿي رام جو روپ آهن. اها ٿي وڏي ۾ وڏي قرباني آهي جا ڀڳوان پڻ ۽ عمل ڪري ڏيکاري جا هن وقت مها تما گانڌي ڪري گذريو. اهي تمثي مهاپرش ان رام جو روپ آهن، جو ٿي حقيقي سچ ۽ پريم روپ آهي.

اوم شري رام

ديباچو

اٽڪل ٻه سال اڳ رام پنهنجي لاڏلي ٻالڪ رامداس
جي دل ۾ زبردست تڙپ پيدا ڪئي ته هو سندس آڌار
پريم محسوس ڪري. رام کي سمجهڻ ۽ اوڏو اچڻ جي
ڪوشش ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هي دنيا جنهن جو آڪار
هر وقت پيو ڦري، تنهن کان پاسو ڪجي. ڇو ته فقط رام ئي
هڪ سچ آهي، هڪ حقيقت آهي. رام هڪ الوڪي ۽
غيبي شڪتي آهي جا سنسار ۾ وسي رهي آهي ۽ سندس
پالنا ڪري ٿي. هو اجولي ۽ اڪال مورت آهي. هو
هر چيز ۽ هر ڪنهن جيو ۾ وسندڙ آهي، جي صرف دائما
بدلجندڙ آڪارن سبب الڳ هستيون پيا سڃاڻڻ ۾ اچن ٿيون.
هن جدا جدا آڪارن جي مايا کي سمجهڻ سان ئي ايشور
جي ايڪتا ۽ سندس پريم محسوس ڪري سگهجي ٿو. رام
جو پريم معنيٰ هن دنيا جي سڀني جيون ۽ وستن جو پريم ۽
ڇو ته رام سڀني ۾ وسي ٿو ۽ سڀ رام ۾ (سمايل) آهن.
حقيقت ۾ رام ئي سڀ ڪجهه آهي.

اسين جيڪي اڳيان وس ٿي پاڻ کي الڳ هستيون پيا
سمجهون، تن کي هيءَ مکيه حقيقت محسوس ڪرڻي آهي،
ته اسان کي ان آڌار شڪتيوان، سرو وياپي رام (جي اڇا)
اڳيان سر جهڪائڻ گهرجي. پاڻ کي پورن ريت رام
(جي اڇا) جي تابع ڪرڻ سان اسين پنهنجي تن بدن
جي جاڻ ڀلائي سگهون ٿا، جنهن ئي اسان کي ڪالڪس جدا
ڪري رکيو آهي، ۽ پوءِ اسين رام کي الڳ ڪري نه
سمجهنداسين. رام جو اسان ۾ ۽ اسان جي چوگرد هر چيز

مهاڳ

رامداس کي هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو آهي. شري ايڇ. پي. چيبلاڻي "In Quest of God" پستڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي جاتيءَ جي وڏي شيوا ڪئي آهي. مون کي وشواس آهي تہ سنڌي پڙهندڙ هن ڪتاب جي لاڀ کان آجيان ڪندا، جو اهو ڪتاب آنند آشرم جي ڪتابن مان اُٽي پر بہ ڪتاب آهي. شري پرتاب ڏ يپلداس، جنهن کي سنڌين ۽ خاص ڪري پاڪستان ٺيڻ سبب سنڌ مان لڏي آيلن جي سک ڪلياڻ جو گهڻو اونو رهندو آهي، تنهن سنڌين جي ڀلي لاءِ هن ڪتاب ڇپائڻ جو بار پاڻ تي هموار ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ وڏن ڪيل آهي تہ ڪيئن ٣٤ سال اڳي رامداس کي نئين جيون جو پرڪاش مليو. سنڌ ساڌنا جو مکيہ وسيلو رام نام اُچارڻ ئي هو. هنني جڏهين رام جي آسرس تي، تڏهين ڪان سندس جيون جو اُديش رام جي نالي جي وڏائي ڦهلائڻ ئي ٿي رهيو آهي. انگريزي ڪتاب آتمڪ اُنتي جي راهہ جي پانڌيئڙن ۽ ڀڳتن جي هردن ۾ ايشور لاءِ ترٿ ۽ رام نام ۾ شرڌا اُتپن ڪرڻ جي مراد پر ثواب ڪئي آهي. رامداس کي وشواس آهي تہ هي سنڌي ترجمو بہ اهو ڪاريہ پورن ڪندو. شل رام جو نام سدا اَمر رهي!

سوامي رامداس



سوامي رامداس

ايشور جي کوڄ ۾



ليکڪ:- سوامي رامداس

انوادڪ:- ايڇ - پي - ڇپلاڻي

ڇاپو پهريون - ۱۹۵۷
قيمت هڪ رپيو

آنند آشرم
(ڏکڙ پارت)